ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 09 آڪٽوبر 2026ع 26 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (55)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

اسان ڪنهن ملڪ ۾ حملي لاءِ فوج نه موڪليندا سين: ترڪي

دفاعي معاهدي کي منظوري لاءِ پارليامينٽ ۾ پيش ڪرڻ جون سموريون تياريون مڪمل آهن

معاهدو دفاعي نوعيت جو آهي ۽ ان تحت ڪنهن ٻئي ملڪ تي حملي جي اجازت نٿي ڏني سگهجي

انقره (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ترڪي جي پرڏيهي وزير هاڪان فيدان چيو آهي ته مڪو دفاعي معاهدي کي منظوري لاءِ پارليامينٽ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري سان وفاقي محتسب نويد ڪامران بلوچ جي ملاقات

عوامي شڪايتن جي فوري ازالي لاءِ ڪوششن کي موثر انداز ۾ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت تي زور

وفاقي محتسب 2025ع ۾ رڪارڊ 261101 شڪايتن جو ازالو ڪيو: صدر مملڪت کي آگاهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري وفاقي محتسب جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي عوامي شڪايتن جي فوري بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان بحرين جي پرڏيهي وزير جي ملاقات، گڏيل سهڪار تي ڳالهيون

ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا گڏيل قدرن، گڏيل اعتماد ۽ عوامي رابطن تي قائم آهن: شهباز شريف

ملاقات دوران ٻنهي طرفن کان علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ پراڻي ۽ پائيدار لاڳاپن کي ساراهيندي واپار، سيڙپڪاري، توانائي ۽ افرادي قوت جي صلاحيت ۾ اضافي سميت مختلف بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جي راڄڌاني رياض ۾ زوردار ڌماڪا، حوثين جو ڪنگ خالد هوائي اڏي کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ، ڇڪتاڻ

سعودي عرب ۽ يمن جي حوثين وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ دوران راڄڌاني رياض ۾ ڪيترن ئي ڌماڪن جا آواز ٻڌا ويا، عملي کي سفارتخانن جي عمارتن اندر پناهه وٺڻ جي هدايت

ميزائل جو ملبو لڳڻ سبب هڪ اهڙو ڪامپليڪس نقصان جو شڪار ٿيو، جنهن ۾ ڪنڊر گارٽن ۽ طبي سهولتون موجود هيون، عالمي اسڪولن احتياطي قدم کڻي ورتا

هڪ اسڪول ۾ ٻارن کي حفاظت لاءِ بيسمينٽ ۾ منتقل ڪيو ويو، ڪجهه ڪمپنين پنهنجون آفيسون خالي ڪرائي ڇڏيون: ڪنگ عبدالله فنانشل ڊسٽرڪٽ ۾ ڪم ڪندڙ ملازم

سعودي اختيارين شهرين کي ميزائل ۽ ڊرون حملن بابت ڄاڻ شيئر نه ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي، اهڙي معلومات پکيڙڻ جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ٿي سگهي ٿي: سعودي اختياريون

حوثي گروپ انصارالله رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي بيلسٽڪ ميزائل سان نشانو بڻايو، ميزائل پنهنجي هدف تي لڳو جنهن سبب ايئرپورٽ جون سرگرميون متاثر ٿيون: حوثين جي دعويٰ

سعودي عرب جي حمايت يافته فورسز هوم لينڊ شيلڊ فورسز، جائنٽس برگيڊز ۽ گڏيل فوجن ملڪ جي ڪيترن ئي محاذن تي پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪري ڇڏي

شام جو سعودي عرب جي درخواست تي يمن ۾ امڪاني فوجي سهڪار جي مختلف آپشنز تي غور، سعودي عرب جي ڪنهن به قسم جي فوجي سهڪار يا مهارت جي متاسنا جي درخواست

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سعودي عرب جي راڄڌاني رياض ۾ ڪيترن ئي ڌماڪن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا، جڏهن ته سفارتڪارن موجب کين پنهنجي سفارتخانن جي عمارتن اندر پناهه وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي. برطانوي ميڊيا موجب، اها اڳڀرائي سعودي عرب ۽ يمن جي حوثين وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ دوران سامهون آئي آهي. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته ميزائل جو ملبو لڳڻ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڊجيٽل نيشن پاڪستان جو مقصد شهرين لاءِ موثر ۽ آسان خدمتن کي يقيني بڻائڻ آهي: وزيراعظم

وزيراعظم جي صدارت ۾ وفاقي وزارتن ۾ ڊجيٽل نيشن پاڪستان پروگرام کي لاڳو ڪرڻ تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ بابت اجلاس ٿيو

مستحق طبقي جي لاءِ فيول سبسڊي اسڪيم جي ڪامياب عملدرآمد ۾ ادارن ۾ انگن اکرن جي ونڊ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي: شهباز شريف

ڊجيٽل حڪومتي خدمتن، ڊجيٽل معيشت ۽ ڊجيٽل عوامي سهولت جهڙن مقصدن جي تڪميل جي لاءِ خصوصي قدم کنيا پيا

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته ڊجيٽل نيشن پاڪستان جو مقصد شهرين لاءِ موثر ۽ آسان خدمتن کي يقيني بڻائڻ آهي، مستحق طبقي جي لاءِ فيول سبسڊي اسڪيم جي ڪامياب عملدرآمد ۾ ادارن جي وچ ۾ انگن اکرن جي ونڊ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ڊجيٽل نيشن پاڪستان جي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ نيون عمارتون زلزلي کان محفوظ قانونن سان مشروط ڪنداسين: مراد علي شاهه

وڏي وزير پاران 8 آڪٽوبر واري زلزلي ۾ فوت ٿيلن جي ورسي تي وارثن سان همدردي جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نواز ليگ ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ قانونسازي تي ڊيڊلاڪ ختم، 30 بلن جي منظوري تي اتفاق

مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ قانونسازي جي معاملن تي ڊيڊلاڪ ختم، سمورين پارٽين کي نمائندگي ڏني ويندي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) مسلم ليگ ن ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي وچ ۾ قانونسازي جي معاملن تي ڊيڊلاڪ ختم ٿي ويو آهي پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ ن وچ ۾ چوند سڌارن بابت پارلياماني بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اڳوڻو ايڊيشنل اٽارني جنرل راڻا اسد الله خان وفاقي سروس ٽربيونل جو چيئرمين ۽ ميمبر مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) اڳوڻي ايڊيشنل بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

صدر مملڪت کي گذريل ٻن سالن دوران 6 هزار کان وڌيڪ درخواستن جي اڪلاءَ بابت رپورٽ پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: تعليم واري صوبائي وزير سردار شاهه جي صدارت ۾ تعليمي نظام بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سنڌ حڪومت شنگهائي ۾ سيڙپڪاري ڪانفرنس ڪرائيندي، نوجوانن کي روزگار جا موقعا ملندا: شرجيل ميمڻ

وڏي وزير جي سربراهي ۾ اعليٰ سطحي وفد 15 آڪٽوبر تي ٿيندڙ ڪانفرنس جي سلسلي ۾ چين ويندو

چين جي سهڪار سان سيڙپڪاري ملڪي ترقي لاءِ اهم آهي، سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون

ٿر ڪول پاڪستان لاءِ گيم چينجر بڻجي چڪو، بجلي پيداوار جو 14 سيڪڙو ٿر جي ڪوئلي مان حاصل ٿئي پيو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت 15 آڪٽوبر تي شنگهائي ۾ سيڙپڪاري بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي جا 1133 سرڪاري اسڪول اي ايم اوز حوالي ڪيا ويندا: سردار شاهه

شهر جا 838 اسڪول ايس ايس اي آءِ پي ۽ 295 سليڪٽ منصوبي تحت اي ايم اوز حوالي ٿيندا

نجي شعبي جي تجربي سان ڏورانهن علائقن جي ٻارن کي معياري تعليم ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه جي صدارت هيٺ ايجوڪيشن مئنيجمينٽ آرگنائيزيشنز بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ٻوڏ جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ نئون منصوبو شروع ڪيو ويندو: جام خان شورو

2022ع جي ٻوڏ ۾ سنڌ جا 146 ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا ۽ 9.1 ارب ڊالرن جو نقصان ٿيو

مستقبل ۾ ٻوڏ ۽ موسمي خطرن کان ٻهراڙين ۽ شهرن جي بنيادي ڍانچي کي به محفوظ بڻايو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آبپاشي، رٿابندي ۽ ترقي کاتي واري صوبائي وزير جام خان شورو جي صدارت هيٺ آرڪائيوز بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني جو پرڏيهي آفيس پهچڻ تي نائب وزيراعظم اسحاق ڊار استقبال ڪيو

اسلام آباد (اي پي پي) بحرين جو پرڏيهي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گاڏي جي ٽڪر ۾ راهگير فوت، فليٽ مان اڻڄاتل شخص جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان ترڪ ڪوآپريشن ۽ ڪوآرڊينيشن جو نائب صدر ڊاڪٽر علي ارڪان ملاقات ڪري رهيو آهي

اڪائونٽنٽ جنرل پاڪستان جي ريوينيو جي پي آءِ او سان ملاقات، ميڊيا جون رهيل رقمون جلد ادا ڪرڻ جي خاطري

اي جي پي آر ميڊيا هائوسز کي ادائيگيون جلد کان جلد ۽ وقت سر جاري ڪرڻ جي لاءِ هر ممڪن تعاون جي لاءِ پوري طرح پُرعزم آهي: نثار چيمه

نثار چيمه ميڊيا هائوسز جي ادائيگين جي جاري عمل جو جائزو وٺڻ لاءِ پي آءِ ڊي اسلام آباد جي ڊيلي آفيس (ايس او سي) جو پڻ دورو ڪيو

ميڊيا ادائيگين جي وقت سر فراهمي کي آسان بڻائڻ جي لاءِ سمورن لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي جي تعاون ۽ رابطن جي پڻ واکاڻ

اسلام آباد (اي پي پي) اڪائونٽنٽ جنرل پاڪستان ريوينيو (اي جي پي آر) نثار احمد چيمه پي آءِ ڊي ۾ ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جنرل/ پرنسيپل انفارميشن آفيسر (اي ڊي جي/ پي آءِ او) رئيسه عادل سان ملاقات بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

آروشا: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني بنگلاديش جي سينيٽر جشارت اديب چوڌري سان ملي رهيو آهي

منگهوپير جي سرڪاري اسڪولن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا: نواز علي بروهي

ٽائون چيئرمين پاران محمد حسين براهِي سيڪنڊري اسڪول جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو ويو

تعليم ۽ صحت بنيادي ترجيحون آهن، ٻارن جي مستقبل تي ڪابه غفلت برداشت نه ٿيندي:

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي تعليم کاتي جي ڊائريڪٽر بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ امتحاني معاوضي جي ادائيگي نه ٿيڻ خلاف سائنس استادن جو احتجاج

استادن پاران پريڪٽيڪل پيپر چيڪنگ ۽ اسيسمينٽ جا رهيل معاوضا هفتي اندر ادا ڪرڻ جو مطالبو

امتحاني ذميوارين جي ورڇ ۾ مبينا غير مساوي رويو ختم ڪري شفافيت آڻڻ جي گهر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنمينٽ سپيريئر سائنس ڪاليج ڪراچي ۾ شهر جي مختلف ڪاليجن سان تعلق رکندڙ سائنس جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

مير رضا ڪيس ۾ معلومات فراهم ڪرڻ تي هڪ لک رپيا انعام واري آڇ واپس

جوڊيشل ڪميشن جي ڪارروائي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ڪميشن جي اي ميل ۽ واٽس ايپ به بند

ڪميشن سربراهه جسٽس عمر سيال پاران شاهدن، وڪيلن، پوليس ۽ ميڊيا جي سهڪار جي واکاڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا ڪيس جي جاچ لاءِ قائم جوڊيشل ڪميشن جي ڪارروائي مڪمل ٿي وئي، جنهن ڪانپوءِ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

مير رضا قتل ڪيس ۾ پوليس جاچ ۽ شاهدين بابت سوال ڳڻتي جوڳا آهن: حليم عادل شيخ

قتل ڪيس ۾ غفلت يا شاهدين جي ضايع ٿيڻ بابت الزامن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي

سنڌ حڪومت ذميوار آفيسرن خلاف شفاف جاچ ۽ قانون موجب ڪارروائي يقيني بڻائي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو آهي ته ڪراچي ۾ مير رضا علي جي قتل ڪيس جي جاچ دوران پوليس جي تحقيقات ۽ شاهدين بابت اٿندڙ سوال انتهائي ڳڻتي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عمارت جو ڇڄو ڪرڻ سبب هڪ ڇوڪر فوت، هڪ سخت زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رنڇوڙ لائين ۾ عمارت جو ڇڄو ڪرڻ سبب هڪ ڇوڪر فوت، هڪ ڇوڪر سخت زخمي، ڪراچي جي بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ زال تي تيزاب هارڻ واري ڪيس ۾ متاثر عورت جوابدار بلال جي سڃاڻپ ڪري ورتي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) زال تي تيزاب هارڻ واري ڪيس ۾ متاثر عورت پاران جوابدار جي سڃاڻپ ڪراچي جي جوڊيشل بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ڊجيٽل پاڪستان جي حوالي سان گڏجاڻي ٿي رهي آهي

انتونيوگوٽريس جي گهرو وزارت آمد، محسن نقوي سان اهم ملاقات

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيوگوٽريس گهرو وزارت جو دورو ڪيو

عالمي ۽ علائقائي سلامتي جي صورتحال ۽ گڏيل قومن جي امن مشن تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيوگوٽريس گهرو وزارت جو دورو ڪيو جتي هن وفاقي وزير بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪرشن شرما، ڪلپنا ديوي، اهڃ ڪمار ۽ سردار ڌارا سنگهه ايويڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ جا ميمبر مقرر

ڊاڪٽر سوريا پرڪاش، مهيپال سنگهه، سردار سرجيت سنگهه ڪنول ۽ سڪونت ڪور کي پڻ ميمبر مقرر ڪيو ويو

اختيار ولي خان، ايڊووڪيٽ علي رضا، من ميت ڪور مشعال ۽ ٻيا ٻن ٽن سالن لاءِ ميمبر هوندا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) وفاقي حڪومت جي مذهبي معاملن ۽ بين المذاهب هم آهنگي واري وزارت پاران هڪ نوٽيفڪيشن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

سکر کي جديد، صاف، سرسبز ۽ موسمياتي تبديلين کان محفوظ شهر بڻايو ويندو: بلاول ڀٽو

ميئر ارسلان شيخ پ پ چيئرمين سان ملاقات ڪري ترقياتي منصوبن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

موسمياتي تحفظ، اربن فاريسٽري، پاڻي بچاءُ ۽ ماحول دوست انفراسٽرڪچر کي ترجيح ڏيڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان ميئر سکر ۽ ترجمان سنڌ حڪومت بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ اهم ملاقات ڪئي جنهن ۾ سکر جي جاري ۽ تجويز ڪيل بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان اسپيڪر اويس قادر شاهه ۽ ميئر ارسلان شيخ ملاقات ڪري رهيو آهي

پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر سان مختلف اڳواڻن جون ملاقاتون

ايم اين اي اعجاز جکراڻي، اسپيڪر اويس قادر شاهه، ايم پي اي فياض ٻٽ ارباب وزير ميمڻ ملاقات ڪئي

ايم پي اي زبير جوڻيجو، ايم اين اي صادق ميمڻ، مسرت رفيق مهيسر، جنيد بلند ڊار ملاقاتون ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پيپلزپارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ فارينزڪ سائنس ليبارٽري جي تعمير 85 سيڪڙو مڪمل ٿي وئي آهي: گهرو وزير

بن قاسم ۾ 30 ايڪڙن تي قائم ٿيندڙ ليبارٽري ۾ 14 جديد فارينزڪ شعبا قائم ڪيا ويندا

جديد فارينزڪ سهولتون فوجداري انصاف ۽ استغاثا نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائينديون: ضياءَ الحسن لنجار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءَ الحسن لنجار بن قاسم ديهه جوريجي ۾ 30 ايڪڙن تي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

آءِ جي سنڌ پاران منشيات ۽ گٽڪا ماوا مافيا خلاف ڪارروائيون تيز ڪرڻ جو حڪم

آن لائن منشيات فروشن خلاف جديد ٽيڪنالاجي سان ڪارروائي ۽ مضبوط ڪيس داخل ڪرڻ جي هدايت

عورتن ۽ ٻارن تي تشدد، جنسي هراسان ڪرڻ ۽ زيادتي خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تي عمل جو عزم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ صوبي ۾ منشيات ۽ گٽڪا ماوا مافيا خلاف پوليس بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت ۾ منشيات ۽ گٽڪا مافيا خلاف ڪارروائي بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

رت جو عطيو انسانيت جي خدمت جو بهترين ذريعو آهي: سلمان عبدالله مراد

ڪي ايم سي بلڊنگ ۾ ڪيمپ دوران پ پ ڪارڪنن ۽ ملازمن رضاڪاراڻي طور رت جو عطيو ڏنو

حادثن، آپريشن ۽ ٿيليسيميا جي مريضن لاءِ رت جو عطيو زندگي جي اميد بڻجي سگهي ٿو: ڊپٽي ميئر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد پاڪستان پيپلز پارٽي بي بي شهيد بلڊ بئنڪ پاڪستان جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي شهرين جا بلدياتي مسئلا 24 ڪلاڪن اندر حل ڪيا وڃن: مرتضيٰ وهاب

ميئر جي ڪي ايم سي ڪچهري ۾ شهرين پاران صفائي، روڊن، پاڻي ۽ نيڪال جون شڪايتون پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب شهرين جي بلدياتي مسئلن جي حل لاءِ سڌي ريت رسائي فراهم ڪرڻ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ڪپهه جي پيداوار گهٽجڻ سبب 900 فيڪٽريون بند ٿي ويون آهن: پريم چند کوهستاني

ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن پاران ورلڊ ڪاٽن ڊي جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪاٽن انڊسٽري جي مضبوطي لاءِ آبادگار، جنرز، واپاري ۽ حڪومت کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي: عاطف دادا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ورلڊ ڪاٽن ڊي جي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

WORLD COTTON DAY

ڪراچي: ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن جي تقريب ۾ اڳواڻ ويٺل آهن

ڪنهن به پرڏيهي سرزمين کي پاڪستان خلاف استعمال ٿيڻ نه ڏنو ويندو: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار

پاڪستان ۽ بحرين وچ ۾ واپار وڌائڻ جو هدف، آبناءِ هرمز ۽ باب المندب جي تحفظ تي به اتفاق

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني اجلاس جي گڏيل صدارت ڪئي

ٻنهي ملڪن گڏيل وزارتي ڪميشن جي ٽئين اجلاس جي پروٽوڪول تي صحيحون ڪيون آهن: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار

واپار ۽ سيڙپڪاري جي واڌ، صنعتي سهڪار، زراعت، اعليٰ تعليم، آءِ ٽي ۽ لاجسٽڪس سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار تي اتفاق ڪيو ويو

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان ۽ بحرين آبناءِ هرمز ۽ باب المندب مان محفوظ ۽ آزاد سامونڊي اچ وڃ يقيني بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي خميس ڏينهن اسلام آباد ۾ پاڪستان-بحرين گڏيل وزارتي ڪميشن جو ٽيون اجلاس ٿيو جنهن جي گڏيل صدارت پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ۽ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: آءِ ايم ايف جي مشن چيف ايوا پيٽرووا ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب سان گڏجاڻي ڪري رهي آهي

انجنيئر امير مقام پاران 8 آڪٽوبر 2025ع تي پاڪستان ۾ آيل زلزلي جي متاثرن کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (اي پي پي) ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام 8 آڪٽوبر 2025ع تي پاڪستان ۾ آيل تباهي آڻيندڙ زلزلي جي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

آءِ ايم ايف پاڪستان لاءِ 1.2 ارب ڊالرن جي مشروط طور منظوري ڏئي ڇڏي

اداري جي عملي پاڪستان لاءِ 2026ع واري چوٿين مشاورتي جائزي جو عمل مڪمل ڪري ورتو

پاڪستان وچ اوڀر جي تڪرار جي اثرن کي منهن ڏيڻ دوران مجموعي معاشي استحڪام برقرار رکيو آهي: آءِ ايم ايف

اسلام آباد (م د) بين الاقوامي مالياتي فنڊ (IMF) ۽ پاڪستان وچ ۾ اسٽاف جي سطح تي هڪ معاهدو طئي ٿي ويو آهي جنهن سان ملڪ لاءِ تقريبن 1.2 ارب ڊالرن بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني فضائيه جي جهازن جي حوثين خلاف استعمال جي خبر جعلي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت ٽيوبارڪ ڪائيمز پاران پاڪ فضائيه جي جهازن کي حوثين جي بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پاڪستان بحرين سان لاڳاپن کي خصوصي اهميت ڏئي ٿو: صدر

خطي ۾ امن لاءِ سمورين ڌرين سان تعميري رابطن جي عزم تي قائم آهيون

پاڪستان بحرين گڏيل وزارتي ڪميشن جو اجلاس انتهائي ڪارائتو رهيو: بحرين جو وزير

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

اتر وزيرستان ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن، 4 اهم ڪمانڊرن سميت 9 دهشتگرد مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان جي علائقن پلنگ زئي، نديم ڪوٽ ۽ ڪوٽ حضري ۾ دهشتگردن جي لڪڻ جي جاين کي نشانو بڻايو

ڪيترائي ٺڪاڻا مڪمل طور تباهه ٿي ويا، مارجي ويل اهم خارجي ڪمانڊرز ۾ خالد رضا، ڪامران موسيٰ ۽ مفتور شامل

ملڪ دشمن عنصرن ۽ فتنه الخوارج جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروائيون پوري قوت سان جاري رهنديون: سيڪيورٽي عملدار

راولپنڊي (اي پي پي) خيبرپختونخوا ۾ "عزم استحڪام" ويزن تحت سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ۾ فتنه الخوارج خلاف ڀرپور ۽ اثرائتيون ڪارروائيون ڪندي 4 اهم ڪمانڊرز سميت 9 دهشتگردن کي جهنم بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

خصوصي عدالت، جي ايڇ ڪيو حملي ڪيس جي ٻڌڻي 22 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

راولپنڊي (اي پي پي) دهشتگردي ڪورٽ بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

زرعي شعبي جي ترقي اولين ترجيح آهي: راڻا تنوير

قومي سلامتي سڌي ريت فوڊ سيڪيورٽي سان ڳنڍيل آهي

عالمي طور ڪاربان خارج ڪرڻ ۾ پاڪستان جو حصو تمام گهٽ آهي

لاهور (اي پي پي) غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين چيو آهي ته فوڊ سيڪيورٽي انتهائي اهم شعبو آهي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

غربت جي خاتمي لاءِ مالي سهولتن کي ماڻهن جي حقيقي ضرورتن سان ڳنڍڻو پوندو: وڏو وزير

مالي ادارا ڳوٺاڻن گهرن، هارين ۽ ننڍن ڪاروبارن جي ضرورتن مطابق پروڊڪٽس تيار ڪن

پيپلز پاورٽي ريڊڪشن پروگرام تحت عورتن لاءِ بغير وياج جي فنڊ ۽ گهرن لاءِ سهڪار ڪيو پيو وڃي

سنڌ پيپلز هائوسنگ پروگرام تحت 5 لک کان وڌيڪ گهر مڪمل ۽ 12 لک اڏاوت هيٺ آهن

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن ڪلائمنٽ-سينٽرڪ ۽ جدت تي ٻڌل مالي شموليت جي هڪ نئين دور جي ضرورت تي زور ڏنو آهي هن پاليسي سازن، مالي ادارن، ريگيوليٽرز ۽ ترقياتي ڀائيوارن تي زور ڀريو ته اهي رڳو مالياتي پهچ کي وڌائڻ تائين محدود نه رهن پر اهڙيون پروڊڪٽس بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ساليانتي مائيڪرو فنانس ڪارپوريشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

گهرو وزير پاران ڪراچي ۾ خطرناڪ ڌاڙيل مارڻ ۽ سندس ساٿي گرفتار ڪرڻ تي پوليس کي شاباس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار ڪورنگي ۾ پوليس مقابلي دوران خطرناڪ ڌاڙيل جي مارجي وڃڻ ۽ سندس ساٿين جي گرفتاري تي پي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ ترڪي وچ ۾ تعليم، صحت ۽ روزگار سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جو فيصلو

وڏي وزير مراد علي شاهه سان ٽيڪا جي اعليٰ سطحي وفد جي ملاقات ڪري مختلف منصوبن جو جائزو ورتو

رڪشا ايمپلائمينٽ پروگرام ذريعي گهٽ آمدني وارن خاندانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا

سنڌ جي 200 کان وڌيڪ ڪاليجن ۾ ڊجيٽل سکيا ۽ فڪلٽي ڊولپمينٽ ۾ ترڪي کان سهڪار وٺڻ تي اتفاق

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه خميس ڏينهن تعليم، صحت، ثقافت، آفتن کي منهن ڏيڻ ۽ ڪميونٽي ڊيولپمينٽ ۾ ترڪيءَ سان تعاون کي مضبوط ڪرڻ جي سنڌ جي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

مشهور ڀارتي اداڪار نانا پاٽيڪر لاڏاڻو ڪري ويو

ڊرناپاٽولا ۾ پنهنجي گهر ۾ موجود نانا پاٽيڪر سيني ۾ سور جي شڪايت ڪئي

کيس اسپتال پهچايو ويو، سندس دل جي ڌڙڪن بحال نه ٿي سگهي، پٽ موت جي تصديق ڪئي

ناناپاٽيڪر جو اصلي نالو وشوانات پاٽيڪر هو ۽ هو پهرين جنوري 1951ع تي پيدا ٿيو

گوا (م د) هندي ۽ مراٺي سينما جو مشهور اداڪار ناناپاٽيڪر خميس تي صبح جو 75 سالن جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو پرڏيهي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

ڀالي ووڊ جو عظيم اداڪار نانا پاٽيڪر جيڪو لاڏاڻو ڪري ويو

نانا پاٽيڪر اڌ صدي تائين هندي ۽ مراٺي فلمن ۾ ڪم ڪيو ۽ قومي ايوارڊ حاصل ڪيا

گوا: نانا پاٽيڪر پنهنجي فني سفر جي شروعات ٿيٽر سان ڪئي هن اٽڪل اڌ بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

فرانس: پاڪستان جي سفير ممتاز زهره بلوچ تقريب ۾ ڳالهائي رهي آهي

خيبرپختونخوا حڪومت ۽ پي ٽي آءِ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ حصو وٺڻ نٿيون چاهين: وفاقي حڪومت

قوم کي دهشتگردي خلاف جنگ وڙهڻي آهي، پي ٽي آءِ ۽ عمران خان جي سڄي سياست نفرت تي ٻڌل رهي آهي

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته صوبائي حڪومت، وفاقي حڪومت ۽ سيڪيورٽي ادارا گڏجي هن جنگ جو مقابلو ڪن

صوبي ۾ سيڪيورٽي ڍانچي کي گهربل وسيلا فراهم نه ڪيا وڃن ته رياست دهشتگردي خلاف جنگ کي ڪيئن اڳتي وڌائي سگهندي: بلال اظهر ڪياني

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو آهي ته دهشتگردي خلاف جنگ پوري قوم جي جنگ آهي، ملڪ جي دفاع ۽ شهرين جي جانين کان وڌيڪ ڪجهه به اهم ناهي بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سميت سنڌ کي ٻيهر تعصب جي باهه ۾ ڌڪڻ جي سازش ٿئي پئي: سعيد غني

ماضي ۾ پختون، سنڌي، پنجابي يا اردو ڳالهائڻ جي بنياد تي ماڻهن جون جانيون ورتيون ويون

شهر ۽ صوبي جي ترقي لاءِ امن امان لازمي آهي، سياسي دڪان چمڪائڻ لاءِ نفرت کي هٿي نه ڏني وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، انساني وسيلن ۽ سماجي تحفظ واري وزير سعيد غني چيو آهي ته ڪجهه ماڻهو بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ جو لانگ مارچ عوام جي ذهنن سان دهشتگردي برابر آهي: ناصر شاهه

پي ٽي آءِ جي هر ريلي پرتشدد، انتشار ۽ تشدد واري سياست سندن عادت بڻجي چڪي آهي

پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه پرتشدد سياست جي مخالفت ۽ مذمت ڪئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مڪاني حڪومت، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ واري صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته پي بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سنڌ جي برک صحافي شيخ عزيز جي اڄ اٺين ورسي ملهائي ويندي

پريس ڪلب ۾ ٿيندڙ تقريب جي صدارت اڳوڻو سينيٽر وزير تعليم پير مظهرالحق ڪندو

قاضي اسد عابد، مهتاب اڪبر راشدي، محمود شام، مظهر عباس، فاضل جميلي ۽ ٻيا شريڪ ٿيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي برک صحافي شيخ عزيز جي اٺين ورسي اڄ ڪراچي پريس ڪلب ۾ ملهائي ويندي، بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پوليس مقابلا، هڪ ڦورو مارجي ويو، 5 زخمين سميت 7 جوابدار گرفتار

عرفاني ڳوٺ ۾ مقابلي دوران هڪ جوابدار مارجي ويو، ٻن زخمين سميت چار جوابدار سوگها

گرفتار جوابدارن وٽان 3 پستول، 10 لک ساڍا 6 هزار رپيا، موبائيل فون ۽ موٽرسائيڪلون هٿ آيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس سان مبينا مقابلي دوران هڪ ڌوهاري مارجي ويو 5 زخمين سميت 7 بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ايئرپورٽ ويجهو پوليس اهلڪار جي فائرنگ ۾ مبينا ڦورو مارجي ويو

ٻن ڦورن پاران شهري کان موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش دوران پوليس اهلڪار مزاحمت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي: زخمي ٿيڻ بعد اسپتال آندل شخص جيڪو فوت ٿي ويو

وڏي وزير پاران اتر وزيرستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب آپريشن تي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه اتر وزيرستان ۾ بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين پاران مخدوم پير عارف زمان قريشي جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سينيئر سياستدان ۽ پنجاب اسيمبلي جي بقايا نمبر 51 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

۾ پيش ڪرڻ جون سمورون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. ترڪ ميڊيا موجب، هاڪان فيدان هڪ ڀيرو ٻيهر واضح ڪيو آهي ته اهو معاهدو دفاعي نوعيت جو آهي ۽ ان تحت ڪنهن ٻئي ملڪ تي حملي جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. خميس ڏينهن انقرا ۾ هنگري جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي معاملن واري وزير اينٽا اوربان سان گڏيل پريس ڪانفرنس دوران هاڪان فيدان چيو ته ”معاهدي کي پارليامينٽ ۾ پيش ڪرڻ لاءِ گهربل سمورو ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي“. هن چيو ته معاهدي تحت جيڪڏهن معاهدي تي صحيح ڪندڙ ملڪن مان ڪنهن هڪ تي حملو ٿئي ٿو ته ٻيون ٻئي ڌريون ان جي دفاع ۾ ساڻس گڏ بيهنديون سندس چوڻ هو ته هي جارحاڻي نه پر دفاعي معاهدو آهي. هاڪان فيدان وضاحت ڪندي چيو ته هن معاهدي تحت ترڪي تي اهو لازم ناهي ته هو پنهنجي فوجي دستن کي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ جارحاڻي ڪارروائين لاءِ مقرر ڪري. روس ۽ يوڪرين وچ ۾ جاري جنگ بابت ڳالهائيندي هاڪان فيدان خبردار ڪيو ته ان تڪرار کي ڪاري سمنڊ تائين پکڙڻ نه ڏيڻ گهرجي. هن چيو ”اسان کي ڪاري سمنڊ کي تڪرار جي نئين محاذ ۾ تبديل ٿيڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي“.

بقايا 2 روزاني عبرت

ازالي جي لاءِ ڪئي ويندڙ ڪوشش کي موثر انداز ۾ اجاگر ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو آهي ته جيئن وڌ کان وڌ ماڻهو ان جي خدمتن مان فائدو کڻي سگهن. صدر آصف علي زرداري سان وفاقي محتسب نويد ڪامران بلوچ خميس ڏينهن هتي ايوان صدر ۾ ملاقات ڪئي جنهن ۾ هن صدر کي سال 2025ع جي سالياني رپورٽ پيش ڪئي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وفاقي محتسب صدر کي اداري جي ڪارڪردگي ۽ عوام کي انتظامي انصاف تائين پهچ بهتر بڻائڻ جي لاءِ کنيل قدمن کان آگاهه ڪندي ٻڌايو ته وفاقي محتسب 2025ع ۾ رڪارڊ 261101 شڪايتن جو ازالو ڪيو

بقايا 3 روزاني عبرت

شعبن ۾ تعاون وڌيڪ وڌائڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف سان بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني خميس ڏينهن هتي ملاقات ڪئي. هو پاڪستان جي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سان گڏجي پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ گڏيل وزارتي ڪميشن (جي ايم سي) جي ٽئين اجلاس جي گڏيل صدارت جي لاءِ پاڪستان آيل آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم بحريني پرڏيهي وزير جي آجيان ڪندي بحرين جي قيادت ۽ عوام جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. هن پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ پراڻي ۽ پائيدار لاڳاپن کي ساراهيندي چيو ته ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا گڏيل قدرن، گڏيل اعتماد ۽ عوامي رابطن تي قائم آهن.

بقايا 4 روزاني عبرت

سبب هڪ اهڙو ڪامپليڪس نقصان جو شڪار ٿيو جنهن ۾ ڪنڊر گارٽن ۽ طبي سهولتون موجود هيون. پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهائيندي مقامي رهواسين ٻڌايو ته عالمي اسڪولن احتياطي قدم کنيا آهن جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ اسڪول ۾ ٻارن کي حفاظت لاءِ بيسمينٽ ۾ منتقل ڪيو ويو. ڪنگ عبدالله فنانشل ڊسٽرڪٽ ۾ ڪم ڪندڙ ٻن ماڻهن ٻڌايو ته ڪجهه ڪمپنين پنهنجون آفيسون خالي ڪرائي ڇڏيون. برطانوي ميڊيا موجب، رياض ۾ موجود ”نيويارڪ ٽائمز“ جي هڪ رپورٽر پڻ ٻڌايو ته هن ٿوري وقفي دوران هڪ کان وڌيڪ ڌماڪن جا آواز ٻڌا. پرڏيهي ميڊيا موجب، سعودي اختيارين شهرين کي ميزائل ۽ ڊرون حملن بابت چتاءُ شيئر نه ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي ۽ خبردار ڪيو آهي ته اهڙي معلومات پکيڙڻ جي صورت ۾ قانوني ڪارروائي ٿي سگهي ٿي. برطانوي ميڊيا موجب، حوثي گروپ انصارالله خميس ڏينهن دعويٰ ڪئي ته هن رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ کي بيلسٽڪ ميزائل سان نشانو بڻايو آهي. حوثين جو چوڻ آهي ته ميزائل پنهنجي هدف کي نشانو بڻايو.

بقايا 5 روزاني عبرت

تحت قومي سطح جو مرڪزي ڊيٽا سينٽر حڪومتي خدمتون ۽ شهري سهولتون پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. خميس جي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ وفاقي وزارتن ۾ ڊجيٽل نيشن پاڪستان پروگرام کي لاڳو ڪرڻ تي اڳڀرائي جو جائزو وٺڻ بابت اجلاس منعقد ٿيو. مختلف وفاقي وزارتن پنهنجي عوامي خدمتن ڪارڪردگي ۽ لاڳاپيل انگن اکرن جي مرڪزي ڊيٽا سينٽر ۾ فراهمي تي بريفنگ ڏني. صحت واري وفاقي وزارت سان لاڳاپيل انگن اکرن جي مرڪزي ڊيٽا سينٽر ۾ فراهمي ۽ دوائن جي معيار جي تصديق ۾ ڊجيٽلائيزيشن جي استعمال تي خصوصي بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم هدايت ڪئي ته سڀئي وفاقي وزارتون لاڳاپيل انگن اکرن جي قومي ڊجيٽل پليٽ فارم تي فراهمي جي لاءِ بروقت ضروري قدم مڪمل ڪن. وزيراعظم چيو ته ڊجيٽل نيشن پاڪستان تحت قومي سطح جو مرڪزي ڊيٽا سينٽر حڪومتي خدمتون ۽ شهري سهولتون پهچائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. وفاقي وزارتن جون ذميواريون ڪارڪردگي ۽ لاڳاپيل ڊيٽا جي مرڪزي ڊيٽا سينٽر ۾ فراهمي حڪومتي نظام کي جديد دور سان هم آهنگ ڪندو. ڊجيٽل نيشن پاڪستان جو مقصد حقيقت ۾ قومي سطح تي شهرين لاءِ موثر ۽ آسان سهولتون يقيني بڻائڻ آهي.

بقايا 6 روزاني عبرت

سيد مراد علي شاهه 8 آڪٽوبر 2005ع جي تباهه ڪندڙ زلزلي ۾ فوت ٿيل ماڻهن جي ورسي تي سندن وارثن سان دلي همدردي ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. وڏي وزير چيو ته 8 آڪٽوبر رڳو هڪ يادگار ڏينهن ناهي پر ماحولياتي تبديلين خلاف بيدار ٿيڻ جو ڏينهن پڻ آهي. هي ڏينهن اسان کي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ مستقل تياري ۽ قومي يڪجهتي جي ياد ڏياري ٿو. سيد مراد علي شاهه چيو ته زلزلي ۽ ٻوڏ جهڙين آفتن جو مقابلو بهتر منصوبابندي ۽ مضبوط بنيادي ڍانچي سان ئي ممڪن آهي. صوبي ۾ نئين عمارتن جي تعمير کي زلزلي کان محفوظ قانونن سان مشروط ڪيو ويندو.

بقايا 7 روزاني عبرت

ڪميٽي جي جوڙجڪ تي اتفاق ٿي ويو آهي. چونڊ سڌارن واري ڪميٽي جي چيئرمين شپ پيپلز پارٽي کي ڏيڻ تي اتفاق ٿيو آهي. جڏهن ته ڪميٽي ۾ پارليامينٽ ۾ موجود سمورين پارٽين کي نمائندگي ڏني ويندي. مسلم ليگ ن ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ آءِ ايم ايف جي شرطن تي ٻڌل بلن سميت 30 مختلف بلن جي منظوري تي پڻ اتفاق ٿي ويو آهي.

بقايا 8 روزاني عبرت

اٽارني جنرل پاڪستان راڻا اسد الله خان کي وفاقي سروس ٽربيونل جو چيئرمين ۽ ميمبر مقرر ڪيو ويو آهي. قانون ۽ انصاف واري وزارت پاران جاري نوٽيفڪيشن موجب صدر آصف علي زرداري راڻا اسد الله خان جي بطور چيئرمين ۽ ميمبر وفاقي سروس ٽربيونل مقرري جي منظوري ڏني

بقايا 9 روزاني عبرت

زرداري کي گذريل ٻن سالن دوران 6 هزار کان وڌيڪ درخواستن کي اڪلائڻ بابت رپورٽ پيش ڪئي وئي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب خميس ڏينهن صدر آصف علي زرداري کي جسٽس عرفان قادر ڪنسلٽنٽ (قانوني معاملا) 2024ع کان 2026ع دوران 6 هزار کان وڌيڪ درخواستن کي اڪلائڻ بابت ايوان صدر ۾ رپورٽ پيش ڪئي. رپورٽ موجب 6 هزار کان وڌيڪ درخواستن جو فيصلو ڪيو ويو جيڪو درخواستن جي طريقيڪار جي تاريخ ۾ هڪ رڪارڊ آهي. صدر کي ٻڌايو ويو ته ان عمل ۾ شفافيت تي به خاص ڌيان ڏنو ويو جڏهن ته اڪثر ڪيسن ۾ لاڳاپيل ڌرين جي موجودگي ۾ فيصلا ٻڌايا ويا. سينيٽر سليم مانڊوي والا پڻ ملاقات دوران موجود هو

بقايا 10 روزاني عبرت

ڪانفرنس منعقد ڪرڻ وڃي رهي آهي سنڌ جي وڏي وزير جي سربراهي ۾ اعليٰ سطحي وفد چين روانو ٿي رهيو آهي هن دوري دوران بي ٽو بي ۽ جي ٽو جي سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون وينديون هن چيو ته پاڪستان ۾ چين جي سهڪار سان سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ سان نوجوانن لاءِ نوان موقعا پيدا ٿيندا ۽ روزگار جا موقعا ميسر ٿيندا پاڪستان ۾ ترقي سدائين اسان جي اوليت رهي آهي ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته ڪراچي ۽ اسلام آباد کان پوءِ هاڻي اسان سنڌ ويزن جو ٽيون ايونٽ سکر ۾ ڪرائڻ وڃي رهيا آهيون جنهن ۾ مختلف مڪتبهءِ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن قومي ۽ بين الاقوامي صحافين سفارتڪارن سميت ٻين ماڻهن کي دعوت ڏني ويندي، اطلاعات کاتي تحت ٿيندڙ هن ايونٽ ۾ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري به شرڪت ڪندو نومبر جي آخر ۾ هي پروگرام ٿيڻ وڃي رهيو آهي

بقايا 11 روزاني عبرت

(اي ايم اوز) جي نمائندن سان اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ سنڌ حڪومت جي سرڪاري اسڪولن جي انتظام ۾ نجي شعبي جي شموليت ۽ ڀائيواري جي مختلف پاسن تي غور ڪيو ويو. اجلاس ۾ وڏي وزير جي خاص معاون قاسم نويد قمر، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي سيڪريٽري زاهد عباسي، ڊائريڪٽر جنرل پي پي پي يونٽ اسد ضامن، چيف پروگرام مينيجر ڊاڪٽر جنيد سمون، سينيئر ڊائريڪٽر پي پي پي نوڊ ياسين قربان ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي جڏهن ته اي ايم اوز نجي اسڪولن جي انتظاميا، اين جي اوز سنڌ جي تعليم سان لاڳاپيل آپريٽرز ۽ غير رسمي تعليم جي نمائندن پڻ موجود هئا. اجلاس کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته سنڌ جا 1133 نوان ۽ اپ گريڊ ٿيل سرڪاري اسڪول ايجوڪيشن مينيجمينٽ آرگنائيزيشنز سان ڀائيواري لاءِ تيار آهن جن مان ايس ايس اي آءِ پي تحت 838 ۽ سليڪٽ منصوبي تحت 295 اسڪول شامل آهن. عالمي بئنڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي سهڪار سان تعمير ٿيل اهي اسڪول سنڌ جي 19 ضلعن ۾ جديد ۽ مڪمل سهولتن سان ليس ڪيمپسز تي ٻڌل آهن. تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته سرڪاري نظام اڪيلو سمورو بار نٿو کڻي سگهي، سماج جي شموليت سان تعليمي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي ٿو. حڪومت اڪيلي هر چئلينج جو حل نٿي ڪري سگهي، تنهن ڪري تعليم جي شعبي ۾ مهارت ۽ تجربو رکندڙ ماڻهن کي گڏ ڪئي هلڻو پوندو. هن چيو ته اي ايم اوز کي اسڪولن جي انتظام، تعليمي نتيجن ۽ مقرر ڪيل ڪارڪردگي جا هدف حاصل ڪرڻ جي ذميواري ڏني ويندي. نجي شعبي سان ڀائيواري جو بنيادي مقصد سنڌ جي ڏورانهن علائقن جي ٻارن کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ آهي. سيد سردار علي شاهه موجب سنڌ ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت هلندڙ مختلف ماڊلز بهتر نتيجن سان ڪم ڪري رهيا آهن. هر اسڪول لاءِ اوپن ۽ مقابلي واري ريڪويسٽ فار پروپوزل ذريعي شفاف طريقيڪار اختيار ڪيو ويندو، جڏهن ته اي ايم او ماڊل ۾ اسڪولن جي ڪارڪردگي جي آزاد ماهرن ۽ آڊيٽرز ذريعي تصديق جو نظام پڻ شامل هوندو. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته سنڌ جي 1133 اسڪولن جي مرحليوار حوالگي جو عمل ڊسمبر 2026ع کان ڊسمبر 2027ع تائين مڪمل ڪيو ويندو. نون اسڪولن ۾ ڪلاس رومز فرنيچر سائنس ليبارٽريون ڊجيٽل لئبريري، آر او پلانٽ، سولر سسٽم ۽ چار ديواري سميت بنيادي سهولتون موجود آهن

بقايا 12 روزاني عبرت

ڪمپليڪس ۾ ورلڊ بينڪ جي اعليٰ سطحي وفد سان هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ٻوڏ جي خطرن کي منهن ڏيڻ شهري علائقن کي قدرتي آفتن کان محفوظ بڻائڻ ۽ سنڌ جي وڏن شهرن کان علاوه ٻين اهم شهرن جي ترقي ۽ بحاليءَ جي قدمن جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ ورلڊ بينڪ جي وفد ۾ ليڊارين اسپيشلسٽ سليم روحاني ٽاسڪ ٽيم ليڊر ۽ ڊزاسٽر رسڪ مئنيجمينٽ اسپيشلسٽ بلال خالد، اميارو سيمير هيرالڊو شرڪت ڪئي. جڏهن ته کاتن پاران سيڪريٽري آبپاشي ظريف کيڙو، چيئرمين رٿابندي ۽ ترقي بورڊ نجم احمد شاهه، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ڊيلي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ ۽ ٻين لاڳاپيل اعليٰ عملدارن به شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ورلڊ بينڪ جي طرفان سال 2022ع جي تباهه ڪندڙ ٻوڏ سبب سنڌ ۾ ٿيل نقصان، جاري بحاليءَ جي قدمن ۽ مستقبل ۾ موسمي تبديلين جي ڪري قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ تجويز ڪيل حڪمت عمليءَ تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته 2022ع جي ٻوڏ سبب سنڌ ۾ 1.46 ڪروڙ ماڻهو متاثر ٿيا، جڏهن ته 9.1 ارب ڊالرن جي مالي ۽ بنيادي ڍانچي جا نقصان ٿيا ۽ 17.1 لک گهر متاثر يا تباهه ٿيا. سنڌوءَ نديءَ جي ساڄي ڪپ جي 7 ضلعن ۾ سالياني بنيادن تي 1.11 ارب ڊالرن جي معاشي نقصان ۽ تقريبن 22.3 لک ماڻهن جي متاثر ٿيڻ جو خطرو موجود آهي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ورلڊ بينڪ جي مالي سهڪار سان جاري SFERP ۽ SFEHRP منصوبن تحت هاڻي تائين 1.6 ارب ڊالرن جي مالي مدد مضبوط ڪئي وئي آهي. انهن منصوبن تحت 848 ڪلوميٽرن کان وڌيڪ روڊن ۽ 205 ڪلوميٽرن جي بچاءُ بندن جي بحالي مڪمل ڪئي وئي جڏهن ته 9 لکن کان وڌيڪ گهرن جي تعمير ۽ مرمت ۽ 14 ضلعن ۾ ريسڪيو 1122 جا 26 جديد اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن. اجلاس ۾ مالي سال 2026-2027 لاءِ سنڌ فلڊ ريزيليئنس پروجيڪٽ تحت 350 ملين آمريڪي ڊالرن جي مالي مدد جي تجويز به پيش ڪئي وئي. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته منصوبي لاءِ CDWP کان پروجيڪٽ ڪانسيپٽ جي ڪليئرنس 30 آڪٽوبر 2026ع، جڏهن ته PC-I جي منظوري ڊسمبر 2026ع تائين متوقع آهي، جنهن کانپوءِ ورلڊ بينڪ جي بورڊ کان حتمي منظوري مارچ 2027ع تائين متوقع آهي. اجلاس ۾ تجويز ڪيل منصوبي جي پلر 1: بيسن ليول فلڊ ريزيليئنس (Basin-Level Flood Resilience) تي تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. انهن قدمن جو مقصد سنڌ جي ساڄي ڪپ (Right Bank) تي مستقبل ۾ اچڻ واري امڪاني ٻوڏ جي تباهڪارين کان تحفظ فراهم ڪرڻ آهي. انهن قدمن جي نشاندهي عالمي شهرت يافته اداري ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالوجي ۽ ان جي ماهرن جي تازي تحقيقي جائزي جي نتيجي ۾ ڪئي وئي آهي. اجلاس ۾ تجويز ڪيل منصوبي جي پلر 2: اربن ريزيليئنس (Urban Resilience) تي به تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. هن قدم جو مقصد سنڌ جي ٻئي درجي جي (ثانوي) شهرن کي ٻوڏ، سخت گرميءَ ۽ ٻين قدرتي ۽ موسمي خطرن جي مقابل ۾ وڌيڪ محفوظ، مضبوط ۽ پائيدار بڻائڻ آهي. تجويز ڪيل منصوبي تحت شهري سيڙپڪاريءَ لاءِ ٻوڏ جي خطرن، آباديءَ جي حساسيت، بنيادي شهري سهولتن جي کوٽ ۽ شهرن جي تيارين جي صلاحيت کي مدنظر رکندي ترجيحن جو تعين ڪيو ويندو. شهري ڊرينيج، روڊن، گهٽين، عوامي جڳهن ۽ ماحول دوست گرين سوليوشنز لاءِ علائقائي بنيادن تي سيڙپڪاري به غور هيٺ آهي. صوبائي وزير جام خان شورو چيو ته سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي ته مستقبل جي ٻوڏ ۽ موسمي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ نه صرف ٻهراڙيءَ جي علائقن پر شهري مرڪزن جي بنيادي ڍانچي کي به مضبوط بڻايو وڃي. پائيدار شهري رٿابندي، موثر ڊرينيج سسٽم، بهتر شهري حڪمراني ۽ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال سنڌ کي مستقبل جي قدرتي خطرن جي مقابلي ۾ وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو

بقايا 13 روزاني عبرت

وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني پرڏيهي آفيس پهتو. خميس ڏينهن پرڏيهي آفيس جي ترجمان جي آفيس پاران جاري ڪيل بيان موجب، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار پرڏيهي آفيس پهچڻ تي ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني جو استقبال ڪيو. نائب وزيراعظم محمد اسحاق ڊار ۽ پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني ٻطرفي ملاقات ۽ پاڪستان-بحرين گڏيل وزارتي ڪميشن جي ٽئين اجلاس جي گڏيل صدارت ڪندا.

بقايا 14 روزاني عبرت

مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ لاش ملڻ سميت 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. ماڙيپور روڊ تي ڪرما مسجد جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ نامعلوم واٽهڙو فوت ٿي ويو آهي. حيدر مارڪيٽ ٿاڻي جي حد نارٿ ناظم آباد بلاڪ G ويجهو خانگي رهائشي اپارٽمينٽ جي فيز ون جي فليٽ مان ڪيترائي ڏينهن 60 کان 65 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو

بقايا 15 روزاني عبرت

ڪئي. هن ملاقات دوران ميڊيا جي ادائيگين بابت ڪارروائي ۾ ٿيندڙ اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو ۽ يقين ڏياريو ته اي جي پي آر ميڊيا هائوسز کي ادائيگيون جلد کان جلد ۽ وقت سر جاري ڪرڻ جي لاءِ هر ممڪن تعاون جي لاءِ پوري طرح پرعزم آهي. اي ڊي جي/ پي آءِ او دوري جي آجيان ڪئي ۽ ميڊيا ادائيگين جي عمل کي وقت سر بڻائڻ جي لاءِ پي آءِ ڊي ۽ اي جي پي آر جي وچ ۾ جاري گڏيل تعاون کي ساراهيو. نثار احمد چيما ميڊيا هائوسز جي ادائيگين جي جاري عمل جو جائزو وٺڻ ۽ ان جي تيز رفتار ڪارروائي کي آسان بڻائڻ جي لاءِ پريس انفارميشن ڊپارٽمينٽ (پي آءِ ڊي) اسلام آباد جي ڊيلي آفيس (ايس او سي) جو پڻ دورو ڪيو. دوري دوران نثار احمد چيما ايس او سي، پي آءِ ڊي جي آفيسرن ۽ اهلڪارن جي موثر هم آهنگي ۽ مجاز اٿارٽي جي هدايتن موجب ميڊيا هائوسز کي ادائيگين جي عمل کي تيز ڪرڻ ۾ انهن جي غيرمعمولي خدمتن کي ساراهيو. هن ايس ايس او سي ٽيم جي انهن ڪوششن جو پڻ اعتراف ڪيو جن جي ڪري ادائيگي جو عمل موثر طريقي سان ۽ مقرر مدي جي اندر مڪمل ٿيو. هن ميڊيا ادائيگين جي وقت سر فراهمي کي آسان بڻائڻ جي لاءِ سمورن لاڳاپيل آفيسرن ۽ عملي جي تعاون ۽ رابطن جي پڻ واکاڻ ڪئي. ان دوري سان ادائيگين جي عمل جي تازه ترين صورتحال جو جائزو وٺڻ ۽ ميڊيا جي بلن جي وقت سر ادائيگي جي لاءِ پي آءِ ڊي ۽ اي جي پي آر جي وچ ۾ ادارجاتي هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو موقعو مليو

بقايا 16 روزاني عبرت

محترمه ثريا رحماني سان ملاقات ڪئي جنهن دوران منگهوپير ٽائون ۾ تعليم جي فروغ، شاگردن کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ ۽ سرجاني ٽائون ڊي ۾ واقع محمد حسين بوائز سيڪنڊري اسڪول کي درپيش مسئلن سميت مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران ڊائريڪٽر ايجوڪيشن محترمه ثريا رحماني، چيئرمين حاجي نواز علي بروهي کي محمد حسين بوائز سيڪنڊري اسڪول کي درپيش مختلف مسئلن، شاگردن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ اسڪول ۾ گهربل ضروري سهولتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني ۽ موجوده صورتحال کان آگاهه ڪيو. اسڪول جي مسئلن کان آگاهي ملندي ئي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي فوري طور ايڪشن وٺندي محمد حسين بوائز سيڪنڊري اسڪول جو دورو ڪيو ۽ موقعي تي پهچي اسڪول جي صورتحال جو تفصيلي جائزو ورتو. هن اسڪول جي عمارت، شاگردن کي دستياب سهولتن ۽ درپيش مسئلن جو معائنو ڪيو جڏهن ته لاڳاپيل آفيسرن کان مسئلن جي نوعيت ۽ انهن جي حل بابت تفصيل پڻ معلوم ڪيا. ان موقعي تي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي لاڳاپيل کاتن ۽ آفيسرن کي واضح هدايتون جاري ڪندي چيو ته اسڪول بابت نشاندهي ڪيل سمورن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو وڃي ۽ ضروري ڪم مقرر مدت اندر مڪمل ڪيا وڃن، ته جيئن شاگردن کي ڪنهن به قسم جي ڏکيائي کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن هدايت ڪئي ته سمورا ڪم مقرر ڪيل معيار موجب ڪيا وڃن ۽ لاڳاپيل ادارا باهمي رابطي سان مسئلن جي حل کي يقيني بڻائين. حاجي نواز علي بروهي چيو ته محمد حسين بوائز سيڪنڊري اسڪول جي ٻارن سان کيس خاص محبت ۽ وابستگي آهي، تنهن ڪري سندن تعليمي ماحول ۽ سهولتن سان لاڳاپيل ڪنهن به مسئلي کي نظرانداز نه ڪيو ويندو. ٻارن جي بهتر مستقبل لاءِ ضروري آهي ته کين اهڙو محفوظ، صاف سٿرو ۽ سازگار ماحول فراهم ڪيو وڃي جتي هو پوري توجهه سان پنهنجي تعليم جاري رکي سگهن. هن چيو ته تعليم ۽ صحت اسان جون بنيادي ترجيحون آهن، ڇاڪاڻ ته هڪ صحتمند ۽ تعليم يافته نسل ئي معاشري جي ترقي جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو. اسان جي ڀرپور ڪوشش آهي ته منگهوپير ٽائون ۾ هر ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو حق، بهتر تعليمي ماحول ۽ بنيادي سهولتون ميسر هجن. ٻارن کي صرف اسڪول تائين پهچائڻ ڪافي ناهي، پر کين معياري تعليم سان گڏ مناسب ۽ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ پڻ اسان جي ذميواري آهي. چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته ٻارن جي تعليم تي توجهه ڏيڻ دراصل ايندڙ نسلن جي مستقبل کي محفوظ بڻائڻ آهي. اڄ جا ٻار ئي سڀاڻي جا ڊاڪٽر، انجنيئر، استاد، آفيسر ۽ ملڪ جا ذميوار شهري بڻجندا، تنهن ڪري سندن تعليم ۽ تربيت جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي غفلت يا غير ضروري دير نه ٿيڻ گهرجي. هن سنڌ حڪومت ۽ تعليم کاتي کي خاص اپيل ڪندي چيو ته منگهوپير ٽائون جي ٻهراڙي، ڏورانهن ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ آبادي جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي سرڪاري اسڪول قائم ڪيا وڃن، ته جيئن انهن علائقن جي ٻارن کي پنهنجي گهرن جي ويجهو تعليم جون بهتر سهولتون ميسر ٿي سگهن ۽ ڪو به ٻار تعليمي اداري جي کوٽ سبب تعليم کان محروم نه رهي. حاجي نواز علي بروهي چيو ته منگهوپير ٽائون انتظاميا تعليم جي شعبي ۾ بهتري لاءِ تعليم کاتي سان هر ممڪن سهڪار جاري رکندي ۽ شاگردن جي بهتر مستقبل لاءِ لاڳاپيل ادارن سان موثر رابطو برقرار رکيو ويندو. هن ان عزم جو اظهار ڪيو ته ٻارن کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪرڻ ۽ تعليمي سهولتن ۾ بهتري لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا. ملاقات ۽ محمد حسين بوائز سيڪنڊري اسڪول جي دوري جي موقعي تي ميونسپل ڪمشنر آغا خالق، وائيس چيئرمين منگهوپير ٽائون رانا محمد عارف ۽ تعليم کاتي جا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا 17 روزاني عبرت

مضمونن جي استادن جو اهم اجلاس پروفيسر عزيز ميمڻ جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو جنهن ۾ نزاڪت شاهه، الله منگريو، ڊاڪٽر عبيدالله مزمل سهتو سميت ٻين استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس دوران 2024-25ع جي پريڪٽيڪل ڪاپين جي چيڪنگ، اسيسمينٽ ۽ ٻين امتحاني ذميوارين جا واجبات ادا نه ٿيڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو. اجلاس ۾ استادن مبينا طور تي غير مساوي رويو اختيار ڪرڻ ۽ امتحاني معاوضي جي ورڇ ۾ شفافيت نه هجڻ تي پڻ خدشن جو اظهار ڪندي اعلان ڪيو ته 15 آڪٽوبر بروز خميس اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ ڪراچي جي چيئرمين آفيس آڏو پرامن احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو. استادن مطالبو ڪيو ته 2024-25ع جي پريڪٽيڪلز سميت سمورا رهيل امتحاني واجبات هڪ هفتي اندر ادا ڪيا وڃن، جڏهن ته مستقبل ۾ امتحاني معاوضو نتيجا جاري ٿيڻ جي ٻن مهينن اندر ادا ڪرڻ جي لکت ۾ خاطري ڪرائي وڃي. استادن مطالبو ڪيو ته بورڊ جي پريڪٽيڪل اسيسمينٽس ۽ ٻين امتحاني ذميوارين جي ورڇ شفاف، منصفاڻي ۽ برابري جي بنياد تي ڪئي وڃي، جيئن سمورن استادن کي هڪجهڙا موقعا ۽ معاوضو ملي سگهي. اجلاس ۾ اهو مطالبو پڻ ڪيو ويو ته سينٽر ڪنٽرولنگ آفيسرز (CCOs) کي امتحان شروع ٿيڻ کان اڳ ڪنوينس الائونس اڳواٽ ادا ڪيو وڃي، ته جيئن بورڊ ۽ ڪاليجن وچ ۾ اچ وڃ جا سفري خرچ پورا ٿي سگهن

بقايا 18 روزاني عبرت

ڪميشن پاران گذريل ڏينهن جي ڪارروائي جو لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪيو ويو آهي. حڪم نامي موجب ڪميشن معلومات فراهم ڪرڻ تي هڪ لک روپين جي انعام واري آڇ واپس وٺي ڇڏي آهي، جڏهن ته ڪميشن جي اي ميل ۽ واٽس ايپ پڻ غير فعال ڪيا ويا آهن. حڪم نامي موجب مير حسين علي خان، مريم حسين، ايڊووڪيٽ جبران ناصر ڪميشن آڏو موجود رهيا، جڏهن ته ايڊيشنل سيڪريٽري جاويد احمد ابڙو، سي ايل سي جي شاهد ڪاشف افتخار پراچا ۽ جاچ آفيسر ڊي ايس پي سراج لاشاري ڪميشن آڏو پيش ٿيا. ڪاشف افتخار ۽ ڊي ايس پي سراج لاشاري جا بيان قلمبند ڪيا ويا. ڪي اليڪٽرڪ جي نمائندي ڪي اليڪٽرڪ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد محمد طلحا جي نمائندگي ڪندي ڪميشن آڏو پيش ٿي ۽ هڪ سيل ٿيل لفافو جمع ڪرايو، جنهن کي رڪارڊ جو حصو بڻايو ويو. ڪميشن جي سربراهه جسٽس عمر سيال ڪميشن جي درخواست تي فوري ۽ اثرائتو ردعمل ڏيڻ تي ڪي اليڪٽرڪ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سيد محمد طلحا جا ٿورا مڃيا ۽ سندس سهڪار کي ساراهيو. جسٽس عمر سيال ڪميشن جي ڪارروائي ۾ سهڪار ڪندڙ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس ظفر احمد راجپوت، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار جا پڻ ٿورا مڃيا. حڪم نامي موجب جسٽس عمر سيال فريال ٽالپر جا به ٿورا مڃيا، جن مير رضا ڪيس جي حقيقتن سامهون آڻڻ ۽ عوام ۾ موجود خدشن ۽ قياس آرائين کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪميشن جي قيام جي تجويز ڏني هئي. ڪميشن جي سربراهه مير حسين جي خاندان ۽ ڪارروائي دوران پيش ٿيندڙ شاهدن، وڪيلن، گهرو کاتي جي آفيسرن ۽ ٻين لاڳاپيل ماڻهن جي سهڪار کي پڻ ساراهيو. جسٽس عمر سيال ميڊيا جي نمائندن جو به ٿورو مڃيندي چيو ته صحافين هر اجلاس ۾ موجود رهي ڪارروائي جي پيشهورانه، درست ۽ سنجيده رپورٽنگ ڪئي. هن صحافين بابر سليم ۽ صولت جعفري جي تحقيقي ڪم کي پڻ ساراهيو. حڪم نامي موجب ڪميشن جي سربراهه انهن سمورن شاهدن جا به ٿورا مڃيا، جيڪي بيان قلمبند ڪرائڻ لاءِ پيش ٿيا ۽ ڪميشن جي سوالن جا جواب ڏيندي ضبط ۽ وقار برقرار رکيو. جسٽس عمر سيال ڪميشن جي عملي جي محنت، لگن ۽ جذبي کي پڻ ساراهيو، جيڪو اڪثر رات دير تائين ڪم ڪندو رهيو. هن سنڌ حڪومت کي سفارش ڪئي ته ڪميشن جي عملي لاءِ بونس طور ٻن بنيادي پگهارن جي منظوري تي غور ڪيو وڃي. لکت واري حڪم نامي موجب مير رضا ڪيس تي قائم جوڊيشل ڪميشن جي ڪارروائي مڪمل ٿي وئي آهي

بقايا 19 روزاني عبرت

جوڳا آهن. هن چيو ته شهرين کي انصاف فراهم ڪرڻ رياست جي بنيادي ذميواري آهي، ڪنهن به قتل ڪيس ۾ جاچ دوران غفلت يا شاهدن جي ضايع ٿيڻ بابت الزامن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. حليم عادل شيخ چيو ته سنڌ حڪومت ذميوار آفيسرن خلاف شفاف جاچ ۽ قانون موجب ڪارروائي يقيني بڻائي

بقايا 20 روزاني عبرت

رنڇوڙ لائن واري علائقي نارائڻ پورا ڊيو نمبر 11 پرسان عمارت جو ڇڄو ڪرڻ سبب 60 ورهين جو نريبي ولد راڻا ملبي هيٺان اچي سخت زخمي ٿيو جيڪو اسپتال منتقل ڪرڻ دوران فوت ٿي ويو ۽ هڪ ڄڻو 30 ورهين جو اجي ولد ڪشور سخت زخمي ٿي پيو. حادثي جي اطلاع ملڻ تي امدادي ڪارڪن ۽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ويا.

بقايا 21 روزاني عبرت

مئجسٽريٽ سينٽرل جي عدالت ۾ زال تي تيزاب هارڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي دوران متاثر عورت جوابدار بلال کي جج جي سامهون سڃاڻي ورتو. عدالت ۾ جوابدار بلال جي سڃاڻپ پريڊ ڪرائي وئي، جنهن دوران کيس 10 ڊمي جوابدارن جي وچ ۾ بيهاريو ويو. جج متاثر عورت کان پڇيو ته جوابدار ڇا ڪيو هو؟ جنهن تي عورت ٻڌايو ته هن مٿس تيزاب هاري ڇڏيو ۽ فرار ٿي ويو. پوليس موجب عورت پنهنجي مڙس سان گڏ آفيس وڃي رهي هئي ته جوابدار مٿس تيزاب هاريو جنهن سبب سندس ڳچي ۽ هٿ سڙي ويا. پوليس جو چوڻ آهي ته عورت جي مڙس پنهنجي زال تي تيزاب هارائڻ لاءِ جوابدار بلال کي رقم ڏني هئي. ڪيس ۾ 2 جوابدار عدالتي ريمانڊ تي جيل ۾ آهن، جڏهن ته جوابدارن خلاف لياقت آباد ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿيل آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

حوالي سان ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن پاران فيڊريشن هائوس ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ملڪ ۾ ڪپهه جي پيداوار، جننگ انڊسٽري، غير معياري ٻجن، ٽيڪسن ۽ ڪاٽن شعبي کي درپيش مسئلن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. تقريب ۾ ڪراچي ڪاٽن ايسوسيئيشن جي چيئرمين عاطف دادا، سينيئر وائيس چيئرمين رضوان، فارمر چيئرمين خواجا زبير ۽ وائيس چيئرمين پريم چند ڪوهستاني سميت ڪاٽن شعبي سان لاڳاپيل نمائندن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي چيئرمين عاطف دادا ڪپهه جي پيداوار وڌائڻ ۽ ڪاٽن شعبي جي بحالي لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو ته ملڪ جي ڪاٽن انڊسٽري کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آبادگار، جنرز، واپاري ۽ حڪومت گڏجي ڪم ڪن. سينيئر وائيس چيئرمين رضوان چيو ته ڪاٽن سيڪٽر جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پيداوار سان گڏ ڪپهه جي معيار کي بهتر بڻائڻ ضروري آهي، جڏهن ته صنعت ۽ آبادگارن کي درپيش مسئلن لاءِ مستقل پاليسي جي ضرورت آهي. فارمر چيئرمين خواجا زبير آبادگارن جي مسئلن تي ڳالهائيندي چيو ته ڪپهه جي پيداوار وڌائڻ لاءِ آبادگارن کي معياري ٻج، مناسب زرعي سهولتون ۽ بهتر مارڪيٽ فراهم ڪرڻ ضروري آهي، جيئن آبادگار ڪپهه جي پوک ڏانهن ٻيهر متوجه ٿين. وائيس چيئرمين پريم چند ڪوهستاني چيو ته ملڪ ۾ هڪ وقت 1400 ڪاٽن فيڪٽريون هيون، پر ڪپهه جي پيداوار ۾ گهٽتائي سبب انهن مان 900 فيڪٽريون بند ٿي چڪيون آهن. پريم چند ڪوهستاني چيو ته پاڪستان اڳ ڪپهه برآمد ڪندو هو، پر هاڻي ملڪ ۾ ڪپهه جي پيداوار گهٽجي 5 ملين بيلز تائين پهچي وئي آهي. هن چيو ته ڪپهه جي پيداوار وڌائڻ لاءِ سرٽيفائيڊ ٻجن جي فراهمي ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته معياري ٻج ئي ڪپهه جي پيداوار ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. تقريب دوران ڪاٽن انڊسٽري تي لاڳو ٽيڪسن، وڌندڙ ڪاروباري خرچن، جننگ فيڪٽرين جي مسئلن ۽ ڪپهه جي گهٽجندڙ پيداوار تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. مقررين چيو ته ڪپهه جي پيداوار جو آبادگارن، جننگ، ٽيڪسٽائل ۽ برآمدي صنعت تي سڌو اثر پوي ٿو، تنهن ڪري ڪاٽن سيڪٽر جي بحالي لاءِ پاليسي، معياري ٻج، جديد ٽيڪنالاجي ۽ آبادگارن لاءِ بهتر سهولتن جي ضرورت آهي

بقايا 23 روزاني عبرت

جي سلسلي ۾ اي ڪچهري منعقد ڪئي جنهن ۾ شهر جي مختلف علائقن جي شهرين ميئر ڪراچي سان سڌو رابطو ڪري پنهنجن مسئلن، شڪايتن ۽ تجويزن کان آگاهه ڪيو. اي ڪچهري شام جو ساڍي پنجين وڳي کان ساڍي ڇهين وڳي تائين جاري رهي، جنهن دوران شهرين ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن جي هيلپ لائين 1334 تي رابطو ڪري صفائي، روڊن جي مرمت، پاڻي جي فراهمي، نيڪال ۽ ٻين بلدياتي معاملن بابت پنهنجون شڪايتون پيش ڪيون. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب شهرين پاران پيش ڪيل شڪايتن جو سڌي ريت جائزو وٺندي لاڳاپيل کاتن ۽ آفيسرن کي فوري ڪارروائي جا حڪم جاري ڪيا ۽ هدايت ڪئي ته جن مسئلن جو موقعي تي ازالو ممڪن آهي، انهن کي ترت حل ڪيو وڃي، جڏهن ته ٻين هنگامي نوعيت جي مسئلن کي 24 ڪلاڪن اندر حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن. هن چيو ته شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ ڪنهن به قسم جي دير برداشت نه ڪئي ويندي ۽ لاڳاپيل آفيسر شڪايتن جي ازالي کي ترجيحي بنيادن تي يقيني بڻائين. ميئر ڪراچي چيو ته اي ڪچهري جو بنيادي مقصد شهرين جي آواز کي سڌي ريت ٻڌڻ ۽ انهن جي بلدياتي مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا ۽ بروقت قدم کڻڻ آهي. هن چيو ته شهرين کي پنهنجن شڪايتن اعليٰ بلدياتي قيادت تائين پهچائڻ لاءِ سڌو پليٽ فارم فراهم ڪيو ويو آهي، جتي انهن جي مسئلن کي ترت لاڳاپيل کاتن جي علم ۾ آڻي ڪارروائي جون هدايتون جاري ڪيون وڃن ٿيون. هن لاڳاپيل آفيسرن کي اها پڻ هدايت ڪئي ته شڪايتن جي ڪارروائي سان گڏ شهرين کي مسئلي جي حل بابت ٿيندڙ اڳڀرائي کان پڻ آگاهه رکيو وڃي، جيئن ادارن ۽ عوام وچ ۾ اعتماد جو رشتو وڌيڪ مضبوط ٿي سگهي. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب پاران منعقد ڪيل اي ڪچهري کي شهرين پاران ڀرپور موٽ ملي، جڏهن ته عوامي مطالبن ۽ مثبت ردعمل کي نظر ۾ رکندي اي ڪچهري جو مدو ۽ دائرو مستقبل ۾ وڌائڻ تي پڻ غور ڪيو ويندو. ميئر ڪراچي چيو ته شهرين جا مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن کي بروقت رليف فراهم ڪرڻ جو اهو سلسلو جاري رهندو

بقايا 24 روزاني عبرت

اهتمام هيٺ منعقد ڪيل بلڊ بئنڪ ڪيمپ جو معائنو ڪيو ۽ رت جو عطيو ڏيندڙ پاڪستان پيپلز پارٽي جي جيالن ۽ بلديه عظميٰ ڪراچي جي ملازمن سان ملاقات ڪئي. بلڊ بئنڪ ڪيمپ چيئرمين ليبر ڪميٽي بلديه عظميٰ ڪراچي جي سهڪار سان ڪي ايم سي بلڊنگ ۾ منعقد ڪيو ويو، جتي پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن ۽ ڪي ايم سي جي اهلڪارن رضاڪارانه طور رت جو عطيو ڏنو. بي بي شهيد بلڊ بئنڪ پاڪستان ۽ حسيني بلڊ بئنڪ پاران ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد کي تعريفي سندون پڻ پيش ڪيون ويون. ان موقعي تي پيپلز ليبر بيورو ڪراچي جي صدر ۽ ليبر ميمبر بلديه عظميٰ ڪراچي اسلم سمون، جنرل سيڪريٽري شاهد قادري سميت بلديه عظميٰ ڪراچي جا ٻيا ميمبر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جا ڪارڪن پڻ موجود هئا. ڊپٽي ميئر ڪراچي سلمان عبدالله مراد چيو ته رت جو عطيو ڏيڻ انسانيت جي خدمت جو بهترين ذريعو آهي. هڪ صحتمند انسان پاران عطيو ڪيل رت ڪنهن ضرورتمند مريض لاءِ زندگي جي نئين اميد بڻجي سگهي ٿو. هن چيو ته بلڊ بئنڪ ڪيمپن جو انعقاد ان ڳالهه جو عملي اظهار آهي ته معاشري جي هر فرد کي ڏکي انسانيت جي مدد لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، خاص طور تي اهي مريض جيڪي حادثن، آپريشن، ٿيليسيميا يا ٻين طبي پيچيدگين سبب بروقت رت جا محتاج هوندا آهن. هن چيو ته رت جي محفوظ منتقلي سان ڪيترين ئي قيمتي جانين بچائي سگهجن ٿيون، تنهن ڪري صحتمند ۽ اهل ماڻهن کي باقاعدگي سان رت جو عطيو ڏيڻ لاءِ اڳتي اچڻ گهرجي. هن رت جو عطيو ڏيندڙ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ڪارڪنن ۽ ڪي ايم سي جي ملازمن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته رضاڪارانه طور رت جو عطيو ڏيڻ هڪ عظيم انساني خدمت آهي ۽ ان عمل سان معاشري ۾ همدردي، احساس ۽ باهمي تعاون کي هٿي ملي ٿي. هن چيو ته ”رت ڏيو زندگي ورهايو“ جو پيغام هر شهري تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي، جيئن ڪنهن مريض کي رت جي عدم دستيابي سبب مشڪلاتن کي منهن نه ڏيڻو پوي. هن چيو ته صحتمند ماڻهن پاران رت جو عطيو انهن ماڻهن لاءِ اميد جي هڪ ڪرڻ آهي جيڪي زندگي جي جنگ وڙهي رهيا آهن. ان موقعي تي بلڊ بئنڪ ڪيمپ ۾ شرڪت ڪندڙن کي رت عطيو ڪرڻ بابت آگاهي پڻ فراهم ڪئي وئي ۽ ٻڌايو ويو ته صحتمند ماڻهو جيڪي مقرر ڪيل طبي جاچ جي معيار تي پورا لهن ٿا، رت جو عطيو ڏئي سگهن ٿا. ڪيمپ ۾ رت جو عطيو ڏيندڙ ڪارڪنن ۽ ڪي ايم سي جي ملازمن انسانيت جي خدمت جي هن عظيم عمل ۾ ڀرپور حصو ورتو

بقايا 25 روزاني عبرت

ڪارروائين بابت اهم اجلاس ٿيو جڏهن ته ساڳئي ڏينهن وومين ايڪشن فورم جي 8 رڪني وفد پڻ آءِ جي سنڌ سان ملاقات ڪري عورتن ۽ ٻارن کي درپيش مسئلن بابت بريفنگ ڏني. سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ٿيل اجلاس ۾ پوليس جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي، جڏهن ته زونل ۽ ڊويزنل ڊي آءِ جيز ۽ لاڳاپيل ايس ايس پيز وڊيو لنڪ ذريعي شريڪ ٿيا. ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ نعيم شيخ پاران اي پلس ڪيٽيگري جي منشيات ۽ گٽڪا ماوا مافيا خلاف پوليس ڪارروائين بابت بريفنگ ڏني وئي، جڏهن ته ڊي آءِ جي سي آءِ اي پاران آن لائن منشيات سپلاءِ ڪندڙن خلاف ڪارروائين ۽ گرفتارين بابت پڻ آگاهه ڪيو ويو

بقايا 26 روزاني عبرت

تعمير هيٺ نئين سنڌ فارينزڪ سائنس ليبارٽري جي عمارت جو دورو ڪيو. ان موقعي تي گهرو وزير کي منصوبي جي اڳڀرائي ۽ ليبارٽري جي قيام جي مختلف معاملن بابت بريفنگ ڏني وئي. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته عمارت جي تعمير جو ڪم 85 سيڪڙو مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ منصوبي کي ڊسمبر 2026ع تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي

بقايا 27 روزاني عبرت

فريال ٽالپر سان بلاول هائوس ڪراچي ۾ پيپلزپارٽي لاڙڪاڻي ڊويزن جي صدر ۽ قومي اسيمبلي ۾ چيف وهپ اعجاز جکراڻي، سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس شاهه، سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فياض ٻٽ، پيپلزپارٽي اڳواڻ ارباب وزير ميمڻ، ارباب ڪامران ميمڻ، سنڌ اسيمبلي جي ميمبر زبير جوڻيجو، عطاالله جوڻيجو، سکر جي ميئر بيرسٽر ارسلان شيخ، قومي اسيمبلي جي ميمبر صادق ميمڻ، قومي اسيمبلي جي ميمبر مسرت رفيق مهيسر ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي معاون خصوصي ۽ سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي جي چيئرپرسن جنيد بلند ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون، جن دوران پارلياماني معاملن، قانونسازي، عوامي مسئلن، ترقياتي منصوبن، شهري سهولتن، عورتن جي مسئلن، ٽيڪنيڪل تعليم ۽ مختلف ضلعن جي سياسي ۽ انتظامي صورتحال بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اعجاز جکراڻي سان ملاقات دوران ايوان سان لاڳاپيل معاملن ۽ پارلياماني معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي.

بقايا 28 روزاني عبرت

ترقياتي منصوبن، شهري ۽ بلدياتي خدمتن ۾ بهتري، بلدياتي اصلاحات، موسمياتي لچڪ ۽ شهر جي ترقيءَ لاءِ وڏن سرمايه ڪاري پروگرامن تي تفصيل سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداريءَ کي سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي ڪارڪردگي، شهر ۾ جاري ترقياتي قدمن ۽ شهرين کي بهتر بلدياتي سهولتن جي فراهميءَ لاءِ کنيل قدمن تي تفصيلي بريفنگ ڏني. بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ ٻڌايو ته سکر ميونسپل ڪارپوريشن کي جديد خطن تي استوار ڪرڻ لاءِ تيزيءَ سان ڊجيٽلائيزيشن جو عمل جاري آهي، جنهن جو مقصد هڪ جديد، اثرائتو ۽ آهستي آهستي پيپر ليس بلدياتي نظام قائم ڪرڻ آهي. هن چيو ته جديد ٽيڪنالوجيءَ جي استعمال سان شهري خدمتن جي فراهمي، شفافيت، انتظامي ڪارڪردگي ۽ شهرين تائين بلدياتي سهولتن جي رسائيءَ کي وڌيڪ بهتر بڻايو ويندو. بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ کي ٻڌايو ته سکر ۾ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي هڪ وڏي منصوبي جو پلان ۽ آپريشنل ماڊل پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (PPP) تحت تيار ڪيو ويو آهي

بقايا 29 روزاني عبرت

جاري ڪري اوڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ جي ٽن سالن لاءِ نون ميمبرن جو اعلان ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن مطابق چيئرمين اوڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ ان بورڊ جو چيئرمين هوندو.

بقايا 30 روزاني عبرت

محسن نقوي ۽ مملڪتي وزير طلال چوڌري سان ملاقات ڪئي. گهرو وزارت مان جاري بيان موجب ملاقات دوران عالمي ۽ علائقائي سلامتي جي صورتحال ۽ گڏيل قومن جي امن مشنز بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي گهرو معاملن وارو اسپيشل سيڪريٽري ۽ ٻيا اعليٰ عملدار به موجود هئا. ملاقات دوران وفاقي وزير محسن نقوي چيو ته پاڪستان دهشتگردي خلاف عالمي جنگ وڙهي رهيو آهي. هن عالمي برادري کي خبردار ڪندي چيو ته هن وقت افغانستان ۾ 25 دهشتگرد تنظيمون سرگرم آهن

بقايا 31 روزاني عبرت

بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني ڪئي. گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اسحاق ڊار چيو ته ٻنهي ملڪن گڏيل وزارتي ڪميشن جي ٽئين اجلاس جي پروٽوڪول تي صحيحون ڪيون آهن. هن چيو ته اجلاس دوران مختلف گڏيل ورڪنگ گروپن کي فعال بڻائي اداري واري فريم ورڪ کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو، جنهن سان باظابطا رابطن ۽ گڏيل وزارتي ڪميشن جي فيصلن تي اثرائتي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ ۾ مدد ملندي. اسحاق ڊار موجب ٻنهي ملڪن واپار ۽ سيڙپڪاري جي واڌ، صنعتي سهڪار، زراعت ۽ غذائي تحفظ، مهارتن جي ترقي، اعليٰ تعليم، انفارميشن ٽيڪنالاجي، لاجسٽڪس ۽ سامونڊي معاملن سميت مختلف شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق ڪيو آهي.

بقايا 32 روزاني عبرت

متاثرن کي خراج عقيدت پيش ڪيو. خميس ڏينهن پنهنجي بيان ۾ وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو ته 8 آڪٽوبر 2025ع تي پاڪستان ۾ آيل زلزلو اسان جي تاريخ جو هڪ افسوسناڪ ڏينهن هو، جنهن هزارين قيمتي انساني جانيون اسان کان کسي ورتيون ۽ لکين ماڻهن کي بي گهر ڪري ڇڏيو، پر ان سانحي کانپوءِ پوري قوم جنهن يڪجهتي، صبر ۽ استقامت جو مظاهرو ڪيو اهو اسان جي قومي تاريخ جو روشن باب آهي

بقايا 33 روزاني عبرت

جي مجموعي مالي امداد جي راهه هموار ٿي آهي. آءِ ايم ايف (IMF) جي هڪ بيان موجب، اداري جي عملي پاڪستان لاءِ 2026ع واري چوٿين مشاورتي جائزي (consultation review) جو عمل مڪمل ڪري ورتو آهي. ان کان علاوه 37 مهينن واري ”ايڪسٽينڊڊ فنڊ فيسلٽي“ (Extended Fund Facility) ۽ 28 مهينن واري ”ريزيليئنس اينڊ سسٽينيبلٽي فيسلٽي“ (Resilience and Sustainability Facility) تحت عملي جي سطح تي هڪ معاهدو به طئي ٿي ويو آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

زرداري پاڪستان ۽ بحرين جي وچ ۾ واپار، سيڙپڪاري ۽ سيڪيورٽي تعاون وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان بحرين سان پنهنجي لاڳاپن کي خصوصي اهميت ڏئي ٿو. پاڪستان اعتمادسازي، اختلافن کي گهٽ ڪرڻ ۽ خطي ۾ پائيدار امن، سلامتي ۽ استحڪام جي فروغ جي لاءِ سمورين ڌرين سان تعميري رابطن جي عزم تي قائم آهي. ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري اها ڳالهه بحرين جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر عبداللطيف بن راشد الزياني سان ملاقات دوران چئي، جنهن خميس ڏينهن ايوان صدر ۾ ساڻس ملاقات ڪئي. ٻنهي اڳواڻن جي وچ ۾ خصوصي ملاقات ٿي جنهن کانپوءِ وفدن جي سطح تي ڳالهه ٻولهه ٿي

بقايا 35 روزاني عبرت

خلاف استعمال ڪرڻ بابت شايع ڪيل خبر کي جعلي ۽ هٿ ٺوڪي قرار ڏئي ڇڏيو. فيڪٽ چيڪر اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت پاران سماجي رابطي جي پليٽ فارم ”ايڪس“ تي ڪيل پوسٽ ۾ چيو ويو آهي ته عالمي ميڊيا ادارا مڪر گڏيل دفاعي معاهدي تحت پاڪستان جي هٿياربند فوج جي امڪاني استعمال جي حوالي سان قياس آرائين تي ٻڌل رپورٽنگ کان پاسو ڪن. فيڪٽ چيڪر اطلاعات واري وزارت چيو ته جيڪڏهن ڪنهن ڪارروائي يا مقرري جي ضرورت پيش آئي ته ان جا تفصيل لاڳاپيل عملدارن پاران فراهم ڪيا ويندا. اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت چيو ته سچ ڪوڙ تي غالب اچي ٿو

بقايا 36 روزاني عبرت

پيڙهه ڪري ڇڏيو. اهي ڪارروائيون تصديق ٿيل انٽيليجنس معلومات جي بنياد تي ڪيون ويون. سيڪيورٽي ذريعن ٻڌايو ته سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان جي علائقن پلنگ زئي، نديم ڪوٽ ۽ ڪوٽ حضري ۾ دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ڳجها ٺڪاڻا مڪمل طور تباهه ٿي ويا. مارجي ويل اهم خارجي ڪمانڊرز ۾ خالد رضا، ڪامران موسيٰ ۽ مفتوم شامل آهن. آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد هٿيار ۽ ڌماڪي دار مادو به هٿ ڪيو آهي. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته ملڪ دشمن عنصرن ۽ فتنه الخوارج جي مڪمل خاتمي تائين ڪارروائيون پوري قوت سان جاري رهنديون

بقايا 37 روزاني عبرت

۽ قومي سلامتي سڌي ريت فوڊ سيڪيورٽي سان ڳنڍيل آهي، جيڪڏهن ملڪ ۾ خوراڪ جي دستيابي کي يقيني نه بڻايو وڃي ته قومي سلامتي کي به مڪمل طور تي يقيني نه ٿو بڻائي سگهجي. زرعي شعبي جي ترقي اولين ترجيح آهي. اهڙو اظهار هن خميس ڏينهن نيشنل ريسڪيو چئلينج 2026ع جي پڄاڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. وفاقي وزير چيو ته پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي ۽ الله تعاليٰ جي فضل سان تقريبن 260 ملين آبادي جون غذائي ضرورتون پوريون ڪرڻ سان گڏوگڏ چانور، مڪئي ۽ ڀاڄين سميت مختلف زرعي جنسن جو روانگي واپار پڻ ڪري رهيو آهي. وزيراعظم محمد شهباز شريف زراعت جي شعبي کي خاص اهميت ڏئي رهيو آهي ۽ ان جي ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪيو پيو وڃي

بقايا 38 روزاني عبرت

خصوصي عدالت تحريڪ انصاف جي اڳوڻي چيئرمين عمران خان، اڳوڻي پرڏيهي وزير شاهه محمود قريشي سميت 20 کان وڌيڪ ملزمن خلاف جي ايڇ ڪيو حملو ڪيس جي ٻڌڻي بنا ڪارروائي جي 22 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ٻڌڻي دوران ملزمن جي حاضري لڳائي وئي، جڏهن ته شيخ رشيد سميت ٻين ملزمن کي واپس وڃڻ جي اجازت ڏني وئي. عدالت ۾ اڳوڻي چيئرمين جو وڪيل محمد فيصل ملڪ ۽ پراسيڪيوشن ٽيم موجود هئي. آر اي بازار ٿاڻي ۾ داخل ڪيس ۾ علي امين گنڊاپور، شيخ رشيد، شبلي فراز، عمر ايوب، راجا بشارت سميت 120 کان وڌيڪ ملزم نامزد آهن. ڪيس ۾ فرد جرم لاڳو ڪرڻ کانپوءِ 45 کان وڌيڪ گواهن تي جرح مڪمل ٿي چڪي آهي، جڏهن ته عدالت اڳوڻي چيئرمين کي وڊيو لنڪ ذريعي پيش ڪرڻ جو حڪم ڏئي رکيو آهي

بقايا 39 روزاني عبرت

تيار ڪرڻ تي ڌيان ڏين جيڪي پٺتي پيل برادرين جي ضرورتن کي صحيح معنيٰ ۾ پورو ڪري سگهن. مقامي هوٽل ۾ ڏهين سالياني مائڪرو فنانس ڪانفرنس (AMC-X) جي پڄاڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته ڪانفرنس جو موضوع ”انلاڪنگ سينرجيز“ سنڌ جي غربت جي خاتمي واري پنهنجي حڪمت عملي جي عڪاسي ڪري ٿو، جتي سرڪاري ادارا، مالي خدمتون فراهم ڪندڙ، ترقياتي ڀائيوار ۽ برادريون گڏجي غربت مان نڪرڻ جا پائيدار رستا ڳولڻ لاءِ ڪم ڪن ٿا. هن ٻن ڏينهن واري ڪانفرنس ۾ ملڪي ۽ عالمي ماهرن شرڪت ڪئي ته جيئن عورتن جي مالي شموليت، موسمياتي تبديلين جي اثرن کان بچاءُ، زرعي ماليات، ڊجيٽل جدت، مصنوعي ذهانت ۽ پٺتي پيل ڪاروبارن توڙي ڳوٺاڻن برادرين لاءِ مالي خدمتن کي وڌائڻ جي حڪمت عملين تي بحث ڪري سگهجي

بقايا 40 روزاني عبرت

آءِ جي ايسٽ، ايس ايس پي ڪورنگي ۽ پوليس ٽيم کي شاباس ڏني آهي. گهرو وزير چيو ته 62 لک رپين جي ڦرلٽ ۾ ملوث جوابدارن کي 24 ڪلاڪن اندر قانون جي گرفت ۾ آڻڻ تي پوليس آفيسرن ۽ جوانن کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو. پوليس جي بروقت ۽ اثرائتي ڪارروائي ڏوهاري عنصرن خلاف ڀرپور عزم جو ثبوت آهي. ضياء الحسن لنجار هدايت ڪئي ته گرفتار جوابدارن خلاف سمورا قانوني گهرجون مڪمل ڪندي ڪيسن کي منطقي انجام تائين پهچايو وڃي

بقايا 41 روزاني عبرت

عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. هن اها ڳالهه وزيراعليٰ هائوس ۾ ترڪي جي ڪوپريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ايجنسي (TİKA) جي هڪ اعليٰ سطحي وفد سان ملاقات دوران چئي، جنهن جي اڳواڻي ان جو ڊپٽي پريزيڊنٽ ڊاڪٽر علي ايرجان ڪري رهيو هو. ملاقات ۾ پاڪستان ۽ ترڪيءَ جي وچ ۾ پراڻن پائيدار لاڳاپن، سنڌ ۾ ٽيڪا جي جاري ترقياتي قدمن ۽ پوري صوبي ۾ عوامي خدمتن، تعليمي نتيجن ۽ سماجي-اقتصادي ترقي کي بهتر بڻائڻ جي مقصد سان تعاون جي نون موقعن جو جائزو ورتو ويو. وفد کي ڀليڪار چوندي وڏي وزير پاڪستان خاص ڪري سنڌ ۾ انسانيت جي ڀلائي ۽ ترقياتي قدمن لاءِ ترڪيءَ جي مسلسل سهڪار کي ساراهيو. هن چيو ته پاڪستان جا ماڻهو ترڪيءَ سان پنهنجي تاريخي دوستي کي وڏي اهميت ڏين ٿا، جنهن جون پاڙون گڏيل تاريخ، گڏيل احترام ۽ عوام جي وچ ۾ مضبوط رابطن تي ٻڌل آهن

بقايا 42 روزاني عبرت

ميڊيا جي رپورٽ مطابق هو ڀارتي رياست گوا جي علائقي ڊوناپائولا ۾ پنهنجي گهر ۾ موجود هو، جتي کيس سيني ۾ سور جي شڪايت جو اطلاع ملڻ تي طبي عملي پاران سندس دل جي ڌڙڪن بحال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن بعد کيس فوري اسپتال منتقل ڪيو ويو، پر ڊاڪٽرن جون سندس جان بچائڻ جون ڪوششون ڪامياب نه ٿي سگهيون

بقايا 43 روزاني عبرت

صدي تائين هندي ۽ مراٺي فلمن ۾ ڪم ڪيو. هن فلمن ۾ اداڪاري کان علاوه هدايتڪاري ۽ اسڪرين رائٽنگ جو ڪم به ڪيو. هن پنهنجي زندگي ۾ ڪي قومي فلم ايوارڊ ۽ ڪيترائي فلم فيئر ايوارڊ حاصل ڪيا. هن هلندڙ سال به ايڪشن ڊراما صوبيدار ۾ ڪم ڪيو

بقايا 44 روزاني عبرت

خيبر پختونخواهه حڪومت ۽ پي ٽي آءِ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ حصو وٺڻ نٿيون چاهين، صوبي ۾ هڪ بزدل حڪومت آهي جيڪا دهشتگردي خلاف جنگ نه ٿي وڙهڻ چاهي، قوم کي دهشتگردي خلاف جنگ وڙهڻي آهي ۽ ان کي کٽڻو آهي. پي ٽي آءِ ۽ عمران خان جي سڄي سياست نفرت تي ٻڌل رهي آهي. خميس ڏينهن پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي هن چيو ته گذريل ٻن سالن دوران خيبر پختونخواهه ۾ دهشتگردي جي واقعن ۾ اٽڪل 1200 ماڻهو شهيد ٿيا. شهيدن ۾ فوج، پوليس، ڪسٽم ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اهلڪارن کانسواءِ عام شهري به شامل آهن

بقايا 45 روزاني عبرت

پنهنجي سياسي دڪان چمڪائڻ لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر ڪراچي ۽ سنڌ ۾ تعصب کي هٿي ڏئي رهيا آهن ۽ شهر ٽوڙي صوبي کي تعصب جي باهه ۾ ڌڪڻ جي سازش ڪري رهيا آهن. ماضي ۾ هن شهر ۾ ماڻهن جون ڳچيون رڳو ان ڪري ڪٽيون ويون ته اهي پختون، سنڌي، پنجابي يا اردو ڳالهائيندا هئا. ڪراچي ۽ سنڌ جي ترقي لاءِ امن امان جو قيام لازمي آهي. سهراب ڳوٺ بزنس ڪميونٽي پاران منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي سعيد غني چيو ته ڪراچي ۽ سنڌ جي ترقي جي راهه ۾ ماضي جي بدامني وڏي رڪاوٽ رهي آهي

بقايا 46 روزاني عبرت

ٽي آءِ جو لانگ مارچ عوام جي ذهنن سان دهشتگردي جي برابر آهي. انتشار ۽ تشدد جي سياست سندن عادت بڻجي چڪي آهي. پي ٽي آءِ جي هر ريلي پرتشدد هوندي آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه پرتشدد سياست جي مخالفت ۽ مذمت ڪئي آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اسڪيم 33 ۾ 900 ميٽر روڊ جي افتتاحي تقريب دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، ڊي جي ڪي ڊي اي ۽ پيپلز پارٽي جي مقامي قيادت پڻ موجود هئي. ناصر حسين شاهه چيو ته پي ٽي آءِ وارا پاڻ پنهنجي واتان پنهنجي تعريف ڪندا رهن ٿا، اهي پنهنجن ڪارڪنن کي خطري ۾ وجهي پاڻ پوئتي هٽي ويندا آهن. هن چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راڄ جي سڀ کان پهرين مخالفت بلاول ڀٽو زرداري ڪئي هئي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڳالهين ذريعي مسئلا حل ڪرڻ تي زور ڏنو هو پر انهن جي هٺ ڌرمي سبب ڳالهين جي ڪوشش ناڪام ٿي

بقايا 47 روزاني عبرت

جنهن جي صدارت اڳوڻي سينيئر وزير تعليم پير مظهرالحق ڪندو، جڏهن ته ٻين مهمانن ۾ مهتاب اڪبر راشدي، قاضي اسد عابد، محمود شاهه، مظهر عباس، فاضل جميلي، پيرزادو سلمان، همسفر گاڏهي، پروفيسر مشتاق مهر، جاويد مهر، ياسر قاضي ۽ طارق عزيز شيخ هوندا. ان موقعي تي شيخ عزيز جي ٻن ڪتابن سنڌ جي ڌاڙيلن جي تاريخ ۽ شيڊيز آف سنڌ جي رونمائي پڻ ٿيندي

بقايا 48 روزاني عبرت

ملزمن کي گرفتار ڪيو ويو. عوامي ڪالوني ٿاڻي جي پوليس موجب ڪورنگي جي عرفاني ڳوٺ جي ”بند پٽي“ واري علائقي ۾ مبينا مقابلي کانپوءِ هڪ ڦورو مارجي ويو ۽ 3 زخمين سميت چار ملزمن کي گرفتار ڪيو. مارجي ويل ملزم جي سڃاڻپ 30 سالن جي محمد عرفان طور ڪئي وئي، جڏهن ته زخمي ملزمن ۾ عاشق علي، اڪرم علي ۽ مير حسن جي نالن سان ٿي آهي. مقابلي دوران فائرنگ ڪندي ڪي ملزم فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

بقايا 49 روزاني عبرت

ايئرپورٽ واري علائقي ۾ سادو لباس ڀهريل پوليس اهلڪار جي فائرنگ سبب هڪ مبينه ڦورو مارجي ويو، جڏهن ته ان جا ٻه ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ايڊي اختيارين موجب ٽي مبينه ڦورو هڪ شهري کان موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا ته ايس ايس پي ڪورنگي جي آفيس ۾ مقرر سادا لباس ڀهريل پوليس اهلڪار شهري جي موٽرسائيڪل بچائڻ لاءِ مداخلت ڪئي

بقايا 50 روزاني عبرت

ڪامياب آپريشن دوران 4 ڪمانڊرن سميت 9 خارجين جي مارجڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. وڏي وزير چيو ته 4 ڪمانڊرن سميت 9 خارجين جي مارجڻ سيڪيورٽي فورسز جي وڏي ڪاميابي آهي، جڏهن ته وڏي مقدار ۾ هٿيارن جي برآمدگي سيڪيورٽي فورسز جي سخت نگراني ۽ بهترين انٽيليجنس جو ثبوت آهي

بقايا 51 روزاني عبرت

اڳوڻي ميمبر مخدوم پير عارف زمان قريشي جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي. بلاول ڀٽو زرداري مخدوم پير عارف زمان قريشي جي فرزند بيرسٽر حيدر زمان قريشي سان تعزيت ڪندي چيو ته مخدوم پير عارف زمان قريشي گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ هئا، جڏهن ته عوامي ۽ سياسي خدمتون ناقابل فراموش آهن جيڪي هميشه مشعل راهه رهنديون

TRADE DEVELOPMENT AUTHORITY OF PAKISTAN
MINISTRY OF COMMERCE, GOVERNMENT OF PAKISTAN

ٹریڈ ڈیولپمنٹ اتھارٹی آف پاکستان (TDAP)، جو کہ وزارت تجارت کے تحت تجارت اور کاروبار کے فروغ کے لیے قائم کی گئی ایک اتھارٹی ہے، سر بمہر بولیاں مطلوب ہیں۔ ایسی فرموں سے جو انکم ٹیکس اور سیلز ٹیکس ڈیپارٹمنٹ میں رجسٹرڈ ہوں، فوڈ ایگ ایکسپو Food Ag2026 منعقدہ 23 تا 26 نومبر 2026 ایکسپو سینٹر کراچی میں مذکورہ سروسز کی فراہمی یعنی (i) آرگنائزیشن آف گلوبل کنیکشنز شو (ii) تھرڈ پارٹی امپیکٹ اسسمنٹ آف فوڈ اے جی 2026 (iii) کارڈینل سروسز (iv) متفرق اشیاء کی فراہمی کے لیے رجسٹرڈ ہوں۔

ڈیسک آفیسر/پتہ	بولی کھلنے کی تاریخ اور وقت	بولی جمع ہونے کی تاریخ اور وقت	پروکیورمنٹ کا طریقہ	بولی کی رقم	درکار سروس کا نام	نمبر شمار
محترمہ کشمالہ عمر، ڈپٹی ڈائریکٹر (اے ایف ڈی) TDAP لاہور آفس 62 گارڈن بلاک گارڈن ٹاؤن لاہور سیل: 0333-0045773 ای میل: kashmakujavaid@tdap.gov.pk	11:30 19-10-2026	11:00 19-10-2026	پی پی آر اے رولز 36(b) کے مطابق سنگل اسٹیج 2 لفافہ	1200000 روپے	آرگنائزیشن آف گلوبل کنیکشنز شو	1
جناب وقار رسول، ڈپٹی منیجر TDAP ملتان آفس، بنگلہ نمبر 20/2، پارک لین، بزنس مین کالونی، نزد خواجہ مسعود چوک، ملتان فون نمبر: 061-9330882-63 موبائل نمبر: 0300-8639906 ای میل: waqar.rasool@tdap.gov.pk	11:50 19-10-2026	11:00 19-10-2026	پی پی آر اے رولز 36(b) کے مطابق سنگل اسٹیج ٹو لفافہ	500000 روپے	کارڈینل سروسز	2
جناب عامر الرحمن صاحب، ڈپٹی منیجر (AFD) ٹی ڈی اے پی ہیڈ آفس، تیسری منزل، بلاک اے، ایف ٹی سی عمارت، شاہراہ فیصل، کراچی فون: 021-99201518 سیل: 0300-2230260 ای میل: amir.rehman@tdap.gov.pk	12:00 19-10-2026	11:00 19-10-2026	پی پی آر اے رولز 36(b) کے مطابق سنگل اسٹیج ون لفافہ	200000 روپے	متفرق اشیاء کی فراہمی	3

2. ہر سروس کی تفصیلات پر مشتمل بولی دستاویزات PPRA EPADS ویب سائٹ (vendors.epads.gov.pk) سے ڈاؤن لوڈ کی جا سکتی ہیں۔ بولی دستاویزات ڈاؤن لوڈ کرنے کی صورت میں بولی جمع کرنے کے وقت 1,000 روپے کا پے آرڈر جمع کرانا ہوگا۔
3. پہلے مرحلے میں صرف سیریل نمبر 1 اور 2 کے لیے تکنیکی تجاویز (technical proposals) کھولی جائیں گی۔ بعد ازاں PPRA کے طریقہ کار کے مطابق صرف تکنیکی طور پر اہل قرار پانے والی فرموں کی مالی تجاویز (financial proposals) کھولی جائیں گی۔ مالی تجاویز کے ساتھ بولی کی دستاویزات میں بیان کردہ مخصوص شکل میں بڈ سیکیورٹی (bid security) منسلک ہونی چاہیے۔ تکنیکی اور مالی تجاویز دونوں کو الگ الگ سیل (seal) کیا جانا لازمی ہے سیریل نمبر 1 اور 2 ۔ سیریل نمبر 3 کے لیے صرف ایک لفافہ جمع کرایا جائے گا۔
4. ٹریڈ ڈیولپمنٹ اتھارٹی آف پاکستان کسی بھی یا تمام بولیوں کو مسترد کرنے اور بولی لگانے کے عمل کو کسی بھی وقت منسوخ کرنے کا حق محفوظ رکھتی ہے۔ تاہم بولی کے عمل کو مسترد یا منسوخ کرنے کی وجوہات بولی دہندگان کو بتائی جائیں گی۔
5. بولی دستاویزات میں دی گئی ہدایات کے مطابق تیار کی گئی بولیاں اوپر مذکورہ ڈیسک افسر کے دفتر میں مقررہ وقت تک پہنچ جانی چاہئیں اور اسی دن کھولی جائیں گی۔ یہ اشتہار PPRA ویب سائٹ www.ppra.org.pk پر بھی دستیاب ہے۔

PID K.1169/26

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

غربت جا وڌندڙ پاڇا ۽ معاشي سڌارن جو سوال
صفحو 4

محمود شام
تعصب، اڳ کان وڌيڪ شدت اختيار ڪندو وڃي ٿو
صفحو 4

نانا پاٽيڪر جو ديهانت
مير اعظم علي نالبر
صفحو 4

محمد واحد
ايس ايم ايز ۽ زراعت لاءِ مالي سهولتن ۾ واڌ!
صفحو 4

منگهوپير ٽائون چيئرمين پاران سيوريج لائن وڇائڻ جي ڪم جو دورو

ترقياتي ڪم مقرر ڪيل فني معيار موجب تيزي سان مڪمل ڪيو وڃي: حاجي نواز علي

ڳوٺ ۾ سيوريج جو مسئلو ڊگهي عرصي کان شهرين لاءِ سخت پريشاني جو سبب بڻيل هو: رهواسي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي يونين ڪميٽي 01 جي علائقي حاجي محمود ڳوٺ جي رهواسين کي درپيش سيوريج جي پراڻي مسئلي جي حل جي ڏانهن اهم عملي اڳڀرائي سامهون آئي آهي، جتي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي خاص توجهه ۽ ڪوششن سان سيوريج لائن وڇائڻ جو ڪم باقاعده طور شروع ڪيو ويو آهي. ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي حاجي محمود ڳوٺ پهچي سيوريج لائن وڇائڻ جي جاري ڪم جو تفصيلي معائنو ڪيو. هن موقعي تي موجود لاڳاپيل آفيسرن ۽ انجنيئرنگ عملي کان منصوبي جي اڳڀرائي، فني معاملن ۽ ڪم جي معيار بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ هدايت ڪئي ته ترقياتي ڪم مقرر ڪيل فني معيار موجب تيزي سان مڪمل ڪيو وڃي، جيئن علائقي جي رهواسين کي بنا دير نيڪال آب جي بهتر سهولت فراهم ٿي سگهي. ان موقعي تي اي اي اي آفاق عالم، سب انجنيئر جنيد صديقي، علائقي جا معزز ماڻهو پاڪستان پيپلز پارٽي جا مقامي اڳواڻ ۽ علائقي جا رهواسي پڻ موجود هئا. حاجي نواز علي بروهي جي حاجي محمود ڳوٺ آمد تي علائقي جي رهواسين پاران سندس پرتپاڪ استقبال ڪيو ويو. علائقي جي رهواسين سنڌ جي روايتي ثقافت موجب کيس اجرڪ پارائي ۽ سيوريج جي پراڻي مسئلي جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ تي سندس ٿورا مڃيا. ان موقعي تي علائقي جي رهواسين چيو ته حاجي محمود ڳوٺ ۾ سيوريج جو مسئلو ڊگهي عرصي کان شهرين لاءِ سخت پريشاني جو سبب بڻيل هو جنهن سبب برساتن ۽ روزمره جي معمولات دوران مسئلا وڌيڪ وڌي ويندا هئا. هنن چيو ته سيوريج لائن وڇائڻ جو ڪم شروع ٿيڻ علائقي جي هڪ اهم عوامي ضرورت جي پورائي آهي جنهن سان شهرين کي درپيش مسئلن ۾ گهٽتائي ايندي ۽ نيڪال آب جو نظام بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي. علائقي جي رهواسين ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جا ٿورا مڃيندي چيو ته عوامي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ ۽ بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدمن جي شروعات هڪ ساراهه جوڳو عمل آهي. علائقي جي رهواسين اميد ظاهر ڪئي ته سيوريج لائن جو منصوبو مقرر ڪيل معيار موجب جلد مڪمل ٿيڻ سان حاجي محمود ڳوٺ جي رهواسين کي ڊگهي عرصي کان هلندڙ مسئلي مان مستقل ڇوٽڪارو حاصل ٿيندو. ان موقعي تي ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته شهرين کي بنيادي بلدياتي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سندن پراڻن مسئلن جو ازالو ٽائون انتظاميه جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته جاري سيوريج لائن جي ڪم ۾ معيار ۽ پائيداري کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي ۽ منصوبي جي تڪميل ۾ غير ضروري دير کان پاسو ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته منگهوپير ٽائون جي مختلف علائقن ۾ عوامي ضرورتن ۽ مقامي مسئلن کي نظر ۾ رکندي ترقياتي ۽ بلدياتي ڪمن جو سلسلو جاري آهي جڏهن ته عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا موثر طريقي سان ڪتب آندا پيا وڃن.

ڪراچي: منگهوپير ٽائون چيئرمين سيوريج لائن وڇائڻ جي ڪم جو دورو ڪري رهيو آهي

ڊپٽي ڪمشنر پاران ريسڪيو 1122 جي مٺي اسٽيشن جو دورو

ترت ڪاروائي شروع ڪري ماڻهن کي ريسڪيو ڪيو وڃي ٿو: اسٽيشن انچارج

ڊي سي 1122 جي هنگامي حالتن ۾ ڪم ايندڙ اوزارن ۽ ٻين مشينري جو معائنو ڪيو

مٺي (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي اسسٽنٽ ڪمشنر مٺي ڊاڪٽر ضمير اشرف سان گڏ اڄ سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز (SIEHS) ريسڪيو 1122 جي ٿرپارڪر جي هيڊ ڪوارٽر ۾ موجود مٺي اسٽيشن جو دورو ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته جيڪي به ادارا عوام جي ڀلائي لاءِ سچائي سان ڪم ڪري رهيا آهن اهي عبادت جو ڪم ڪري رهيا آهن هن 1122 انتظاميه کي هر وقت الرٽ رهڻ جون هدايتون ڪيون. ان موقعي تي ريسڪيو 1122 مٺي اسٽيشن انچارج حبيب الله راهمون ريسڪيو 1122 پاران مختلف نوعيت جي هنگامي حالتن ۾ فراهم ڪيل ايمرجنسي رسپانس ۽ ريسڪيو سروسز بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ريسڪيو 1122 پاران حادثن، باهه لڳڻ جي واقعن، ٻڏڻ جي واقعن، جڳهن جي اوچتي ڪري پوڻ سميت ٻين هنگامي حالتن ۾ جيئن ئي خبر ملي ٿي ته 1122 پاران ترت ڪاروائي شروع ڪري ماڻهن کي ريسڪيو ڪيو وڃي ٿو اسٽيشن هائوس انچارج حبيب الله راهمون وڌيڪ ٻڌايو ته مختلف حادثن/ واقعن دوران ريسڪيو 1122 جو تربيت يافته عملو هنگامي حالتن سان منهن ڏيڻ وارن اوزارن جي مدد سان متاثر ماڻهن جي امداد ڪري کين ريسڪيو ڪري ٿو واقعي واري هنڌ تي ابتدائي طبي امداد فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ ضرورت مطابق زخمين ۽ متاثرين کي اسپتالن تائين پهچايو وڃي ٿو بريفنگ دوران فائر اينڊ واٽر ريسڪيو، ٽريفڪ حادثن ۾ ريسڪيو آپريشنز ۽ ٻين پيچيده هنگامي حالتن کي مؤثر نموني منهن ڏيڻ جي طريقي ڪار بابت پڻ تفصيلي معلومات فراهم ڪئي وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر 1122 جي هنگامي حالتن ۾ ڪم ايندڙ اوزارن ۽ ٻين مشينري جو معائنو ڪيو ۽ انهن جي استعمال جي طريقيڪار بابت ڄاڻ حاصل ڪئي.

مٺي: ڊي سي ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي ريسڪيو 1122 اسٽيشن جو دورو ڪندي

دولتپورصفن ۾ معصوم نينگري انيلان ڪوڪر سان مبينا زيادتي واري واقعي خلاف احتجاج

ڇهه ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ڪيس ۾ نامزد مک جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

نينگري سان مبينا زيادتي جهڙو سنگين واقعو رڳو هڪ خاندان جو مسئلو نه، پر سڄي سماج جي ضمير لاءِ هڪ وڏو سوال آهي: شهري

نينگري ۽ سندس وارثن کي خاموش رهڻ لاءِ مبينا طور ڌمڪيون ۽ هراسان ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن، مذمت ڪريون ٿا

دولتپورصفن (ن ع) 13 ورهين جي نينگري سان مبينا زيادتي، جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف شهرين جو احتجاج قاضي احمد جي دوست محمد ڪالوني واسي 13 ورهين جي نينگري انيلان ڪوڪر سان مبينا زيادتي واري واقعي کي ڇهه ڏينهن گذري وڃڻ باوجود ڪيس ۾ نامزد مک جوابدارن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف دولتپور صفن ۾ شهرين، واپارين، دڪاندارن، سماجي اڳواڻن، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ صحافين پاران سخت احتجاج ڪيو ويو شهرين دولتپور صفن جي شاهي بازار کان هٿن ۾ بينر کڻي ريلي ڪڍي، سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاجي مظاهرو ڪندي اڳواڻن سمارٽ گريڊرس جي اڳواڻ روشن علي سومرو سينيئر صحافي ۽ سماجي اڳواڻ ولي محمد جوکيو سيد مظهر حسين شاهه نياز حسين انڙ ڪامريڊ نظير احمد ڏاهري، دڪاندار وسيم ٻاري، دڪاندار اختر علي ٻلي استاد مٺل جسڪاڻي، استاد شريف انڙ ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته معصوم نينگري سان مبينا زيادتي جهڙو سنگين واقعو رڳو هڪ خاندان جو مسئلو نه، پر سڄي سماج جي ضمير لاءِ هڪ وڏو سوال آهي متاثر نينگري ۽ سندس وارثن کي انصاف فراهم ڪرڻ رياست ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنيادي ذميواري آهي هنن چيو ته ڇهه ڏينهن گذري وڃڻ باوجود جيڪڏهن ڪيس ۾ نامزد مک جوابدار گرفتار نه ٿيا ته متاثر خاندان اندر بيچيني ۽ عدم تحفظ پيدا ٿيڻ فطري ڳالهه آهي اڳواڻن چيو ته نينگري ۽ سندس وارثن کي خاموش رهڻ لاءِ مبينا طور ڌمڪيون ۽ هراسان ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن، جنهن جي پڻ اسان سخت لفظن سان مذمت ڪيون ٿا. هنن چيو ته متاثر نينگريءَ کي تحفظ، طبي ۽ قانوني سهڪار فراهم ڪرڻ سان گڏ ڪيس جي شفاف جاچ يقيني بڻائي وڃي ۽ جوابدارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي شهيد بينظير آباد ۽ لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته نينگري سان مبينا زيادتي واري ڪيس ۾ نامزد مک جوابدارن کي فوري طور قانون جي گرفت ۾ آڻي، متاثر خاندان کي تحفظ فراهم ۽ ڪيس جي جاچ شفاف طريقي سان مڪمل ڪئي وڃي احتجاج ڪندڙن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن جوابدارن جي گرفتاري ۽ متاثر نينگريءَ کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ عملي قدم نه کنيا ويا ته احتجاج جو دائرو وڌائيندي لاڳاپيل آفيسن آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

دولتپورصفن: نيگري سان زيادتي خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

تعليم کاتي جي نااهلي، ڪوٽڙي ڪبير ڪئمپس مين پرائمري گرلس اسڪول کي ٻن سالن کان تالا لڳل

ڪئمپس مين پرائمري گرلس اسڪول کي ٻن سالن کان تالو لڳل هجڻ ڪري نياڻين جي تعليم تباهه ٿيڻ لڳي

ڏهن سالن کان اسڪول جي سڄي عمارت ڏرون حال بڻيل هئي، روزانو ڇتن جا ڇاپڙ شاگردن مٿان ڪرڻ معمول بڻيل هو: شهري

اسڪول جي رپيئر ڪم ۾ ملوث بلڊنگس کاتو ۽ ٺيڪيدار جي خلاف انڪوائري ڪرائي اسڪول جا تالا کولرايا وڃن

ڪوٽڙي ڪبير (ن ع) تعليم کاتو نوشهروفيروز جي ڪرپشن ۽ نااهلي سبب ڪوٽڙي ڪبير ڪئمپس مين پرائمري گرلس اسڪول کي ٻن سالن کان تالو لڳل، نياڻين جي تعليم تباهه. نوٽيس ورتو وڃي. ان ڏس ۾ شهري اتحاد جي صدر مولابخش ٿيٻو احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته ڏهن سالن کان اسڪول جي سڄي عمارت ڏرون حال بڻيل هئي، روزانو ڇتن جا ڇاپڙ شاگردن مٿان ڪرڻ معمول بڻيل هو. احتجاج ڪياسين جنهن کان پوءِ صرف ٻن ڪمرن جي ڇتين جي رپيئر جو ٽينڊر ٿيو. ٺيڪيدار کي ڪم ڏنو ويو. ٺيڪيدار کي ڪن مهينن ۾ ڇتيون تيار ڪري اسڪول هينڊ اوور ڪرڻو هو اسڪول جي ڪمپائونڊ وال کي هينڊ اوور ٿيڻ کان اڳ ڏار پئجي ويا آهن. مين گيٽ جو پلر ڪٽي ڪري پيو آهي فرش هنڌان هنڌان اکڙي ويو آهي، واش روم ناڪارا لڳا پيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته اسڪول جو غير معياري مٽريل سان اڌورو ڪم ٿيڻ تي ڪئمپس جي هيڊ ماستر پنهنجي ڪسٽڊي ۾ اسڪول ڪرڻ کان ٺيڪيدار کي ڪپ جواب ڏئي ڇڏيو. جنهن ڪري اسڪول کي ٻن سالن کان تالو لڳل آهي. نياڻيون مڊل گرلس اسڪول ۾ سوڙهه ۾ ويهي تعليم پرائڻ پيون ٿيون، سندن تعليم تباهه ٿي وئي آهي هن وزيراعليٰ سنڌ ۽ تعليم جي صوبائي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي رپيئر ڪم ۾ ملوث بلڊنگس کاتو ۽ ٺيڪيدار جي خلاف انڪوائري ڪرائي اسڪول جا تالا کولرايا وڃن.

ڪوٽڙي ڪبير: ٻن سالن کان بند پيل گرلس پرائمري اسڪول

مقصودو رند ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول چورن جي نشاني تي، مهيني ۾ ٻه وارداتون

نامعلوم چور اسڪول مان پنکا ۽ بجلي جون تارون چوري ڪري فرار، پوليس خاموش تماشائي بڻيل

ڪجهه ڏينهن اڳ نامعلوم چور اسڪول مان چار پنکا ۽ بجلي جون تارون لاهي ويا، اڄ وري چوري ٿي آهي: استاد

پنکا چوري ٿيڻ سبب معصوم ٻارڙا ڪلاسن ۾ ويهي نه ٿا سگهن، گرمي سبب تعليم ۾ خلل پئجي رهيو آهي

مقصودورند: ٻارڙا اسڪول مان چوري ٿيڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

مقصودو رند (ن ع) مقصودو رند ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول چورن جي نشاني تي هڪ ئي مهيني ۾ چورين جون ٻه وارداتون نامعلوم چور اسڪول مان پنکا ۽ بجلي جون تارون چوري ڪري فرار پوليس خاموش تماشائي اسڪولي شاگردن جو احتجاجي مظاهرو بڻيل خبر موجب مقصودو رند جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ۾ هڪ ئي مهيني ۾ چوري جون ٻه وارداتون پيش آيون آهن نامعلوم چور اسڪول مان بجلي جا پنکا تارون وغيره چوري ڪري فرار ٿي ويا اسڪول جي استادن شاگردن ۽ شاگردياڻين جو احتجاجي مظاهرو ان سلسلي ۾ اسڪول جي هيڊ ماستر معشوق علي زرداري استادن محمد اشفاق بيگ، ناجد علي رند ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي اسڪول ۾ هڪ مهيني اندر چورين جون ٻه وارداتون ٿيون آهن ڪجهه ڏينهن اڳ نامعلوم چور اسڪول مان چار پنکا ۽ بجلي جون تارون لاهي ويا جڏهن ته اڄ وري نامعلوم چورن پنکا تارون چوري ڪري ويا اسان مقصودو رند ٿاڻي تي اين سي به داخل ڪرائي آهي پر ڪوبه تدارڪ نه ٿيو جڏهن ته پنکا چوري ٿيڻ سبب معصوم ٻارڙا ڪلاسن ۾ ويهي نه ٿا سگهن گرمي سبب تعليم ۾ خلل پئجي رهيو آهي اسان جي اپيل آهي حڪومت کي ته اسان جي اسڪول ۾ ٿيل چوري واپس ڪرائي وڃي

سڪرنڊ ٽائون جي چيئرمين پاران ساڃاهه وند ڌرين ۽ صحافين سان اجلاس

قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي الله جي 99 نالن جو اليڪٽريڪل ٽاور تعمير ڪرايو ويندو: چيئرمين

اجلاس ۾ شهر جي صفائي سٿرائي بابت پڻ ڳالهه ٻولهه، چيئرمين سيد عذير اختر شاهه پاران خاطري

سڪرنڊ (ن ع) ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ جي چيئرمين سيد عذير اختر شاهه پاران شهر جي خوبصورتي لاءِ شهر جي ساڃاهه وند ڌرين ۽ صحافين جو گڏيل اجلاس گهرايو جنهن ۾ سڪرنڊ پريس ڪلب جي وفد جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح جي اڳواڻيءَ ۾ نيشنل پريس ڪلب جي وفد غلام قادر چانڊيو جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ پريس ڪلب جي وفد نياز چانڊيو جي اڳواڻيءَ ۾ ميڊيا سينٽر جي وفد قربان عمراڻي جي اڳواڻيءَ ۾ شريڪ ٿيا اجلاس ۾ صلاح مشورن بعد طئي ڪيو ويو ته شهر جي مشهور چوراهي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي الله جي 99 نالن جو اليڪٽريڪل ٽاور تعمير ڪرايو ويندو جنهن تي اتفاق ڪيو ويو ۽ ٽائون چيئرمين جي ان ڪم کي ساراهيو ويو اجلاس ۾ شهري اتحاد جو سرپرست نياز لاشاري، ڊاڪٽر نعمت آرائين، سيد قرباز شاهه، خير محمد چنا، حيدر خانزاده، جاويد علي سومرو، غلام مصطفيٰ راجپوت، سيد قطب شاهه ۽ قاضي جاويد سنائي پڻ موجود هئا اجلاس ۾ شهر جي صفائي سٿرائي بابت پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي جنهن تي ڪجهه نشاندهيون ڪيون ويون جنهن تي پڻ چيئرمين سيد عذير اختر شاهه پاران اجلاس کي يقين ڏياريو ويو ته ان پاسي به مڪمل ڌيان ڏنو ويندو

مقصودو رند لڳ ڳوٺ ٻاجهي رند ۾ نادرا آفيس جو افتتاح

نادرا جي ريجنل ڊائريڪٽر سکر ميڊم عاليه ۽ ٻين آفيس جو افتتاح ڪيو

اسان جي معززين خاص طور محمد ابراهيم رند ۽ حاجي خان رند جو بهترين قدم آهي: شهري

مقصودو رند (ن ع) مقصودو رند لڳ ڳوٺ ٻاجهي رند ۾ نادرا آفيس جو افتتاح ڪيو ويو خبر موجب مقصودو رند لڳ يوسي مراد علي رند جي ڳوٺ ٻاجهي رند ۾ نادرا جي ريجنل ڊائريڪٽر سکر ميڊم عاليه، نادرا آفيسر رفيق احمد ضلع ڪائونسلر سائينداد خان رند، پ پ پ اڳواڻ محمد ابراهيم رند، حاجي خان رند، اڳوڻو ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪسائيز حق نواز رند نادرا آفيس جو افتتاح ڪيو افتتاحي تقريب ۾ علائقي جي معززين حاجي بخش علي رند، يعقوب ڪاڪيپوٽو شيعه علماء ڪائونسل ضلع سانگهڙ نائب صدر زوار غلام عباس رند، زوار امداد علي رند، ايم ڊبليو ايم ضلع سانگهڙ صدر زوار غلام سرور رند، محمد مبين بروهي ضلع ڪائونسلر علي حسن رند، عطا محمد رند، ڪائونسلر محبوب علي رند، بشير احمد ڏاهري، ٺيڪيدار احمد نواز ڪيريو انجنيئر فيض علي رند، حاجي راحب علي رند، برڪت علي رند، صحافي محمد ٻچل رند، ذوالفقار علي رند، اعجاز علي رند جي شرڪت ڪئي ان موقعي تي معززين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي معززين خاص طور محمد ابراهيم رند ۽ حاجي خان رند جو بهترين قدم آهي ۽ نادرا جي آفيس کلڻ سان مقصودو رند ۽ آس پاس جي عوام کي وڏو فائدو ٿيندو عوام جو ٽائيم پئسا ۽ پريشاني کان بچندا اهڙي قدم جي ساراهه ڪجي ٿي ٻي طرف نادرا آفيس کلڻ سان جڏهن ته علائقي واسين ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي

مقصودو: ڳوٺ ٻاجهي رند ۾ نادرا آفيس جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ميهڙ جي همدم ڪالوني ۽ بلاول ڪالوني جو مسئلو حل نه ٿيو

سي ايم او ميهڙ بابر مگسي 15 ڏينهن اڳ ڪيل واعدو وفا نه ڪيو

صفائي سٿرائي ۽ ٻين بنيادي مسئلن کي فوري طور حل ڪيو وڃي: رهواسي

ميهڙ (ن ع) 15 ڏينهن اڳ سي ايم او ميهڙ بابر مگسي همدم ڪالوني ۽ بلاول ڪالوني جي رهواسين سان صاف پيئڻ جي پاڻي ۽ صفائي سٿرائي جي مسئلن بابت ڳالهيون ڪري احتجاجي تحريڪ معطل ڪرائي ڇڏي هئي، پر رهواسين جو چوڻ آهي ته سي ايم او بابر مگسي پاران ڪيل واعدن مان ڪنهن هڪ تي به عمل نه ٿي سگهيو وعدن تي عمل نه ٿيڻ خلاف همدم ڪالوني ۽ بلاول ڪالوني جي عوام پاران سڀاڻي جمعي جي ڏينهن ميونسپل ڪاميٽي انتظاميا خلاف پيادل احتجاجي ريلي ڪيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي رهواسين جو مطالبو آهي ته علائقن ۾ صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي، صفائي سٿرائي ۽ ٻين بنيادي مسئلن کي فوري طور حل ڪيو وڃي

احتجاج احتجاج احتجاج
احتجاجي مظاهرو
ميهڙ: شهري مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

بنيادي مسئلا حل ڪري سهولتون ڏيو: شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 26 ڏينهن ۾ احتجاجي ريلي

هيڊو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ڪيترن ئي سالن کان ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن: شهري

شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب بڻجي وئي آهي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ملڻ فلٽر پلانٽ، واٽرسپلائي جون لائينون ناڪاره هجڻ شهر ۾ صفائي سٿرائي نه ٿيڻ روڊ رستا تباهه ٿيڻ ۽ بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 26 ڏينهن به شهري، سياسي، سماجي واپاري ۽ ميهڙ واسين پاران هيڊو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو هاءِ ڪورٽ بار جي وڪيل عابد ڪلهوڙو قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو سني ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻ مولوي منظور چانڊيو محبوب علي ڪوسو محمد اسماعيل بروهي عبدالفتاح شاهه عالمگير ٿهيم محمد عرس ڪوسو ۽ زبير سمون مير شڪيل عطان جاويد منگي، جهانگير ابڙو ۽ ٻين چيو ته ڪيترن ئي سالن کان ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن جنهن سبب شهري گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور بڻيل آهن شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن شهر ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهن امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب بڻجي وئي آهي جنهن سبب شهري انتهائي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن امان بحال ڪري بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ بنيادي مسئلن جي حل تائين روز جي بنياد تي اهڙن انوکن احتجاج جو سلسلو جاري رهندو

مورو گهر ۽ پلاٽ تي مبينا قبضي جي ڪوشش، موتمار ڌمڪيون

شبير احمد شيخ گهر ۽ پلاٽ تي ٻيهر مبينا طور قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پيو: ماجد حسين

مالڪيت تي قبضو ڪرڻ لاءِ کين نامعلوم ماڻهن جي هٿان موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن

مورو (ن ع) مورو گهر ۽ پلاٽ تي مبينا قبضي جي ڪوشش، موتمار ڌمڪين ۽ ڪوڙن ڪيس داخل ڪرڻ خلاف پريس ڪانفرنس مورو پريس ڪلب ۾ ماجد حسين شيخ رشيد علي شيخ پنهنجي امڙ ۽ چاچي عبداللطيف شيخ سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام لڳايو آهي ته شبير احمد شيخ پاران سندن رهائشي گهر ۽ پلاٽ تي ٻيهر مبينا طور قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پيو. هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سال 2009ع ۾ هن پنهنجي رهائشي گهر ۽ پلاٽ مان پنهنجي رضا خوشي سان حصو ورتو هو جنهن جي ايگريمينٽ دستاويز پڻ موجود آهن پر هاڻي ٻيهر سندن ملڪيت تي قبضو ڪرڻ لاءِ کين نامعلوم ماڻهن جي هٿان موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن جڏهن ته مٿن ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي ٿو هنن صوبائي گهرو وزير ضياء الحسن لنجار آئي جي سنڌ پوليس، ايس ايس پي نوشهروفيروز ڊي ايس پي مورو ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي

مورو: شيخ برادري جا ماڻهو موتمار ڌمڪين ۽ پلاٽ تي قبضي خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي

ميهڙ بار جي صدر وڪيل پير بخش سولنگي جي والد جي لاڏاڻي تي مغفرت جي لاءِ دعا ۽ محفل ميلاد صه جو پروگرام

ميهڙ (ن ع) ميهڙ بار ايسوسيئيشن پاران ميهڙ بار ۾ بار جي صدر وڪيل پير بخش سولنگي جي والد، ميهڙ بار جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري وڪيل سعيد پنهور جي والد، وڪيل عبدالوحيد شيخ جي والد ۽ وڪيل اعظم خاصخيلي جي چاچا جي لاڏاڻي تي مغفرت جي لاءِ دعا ۽ محفل ميلاد صه جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ خصوصي شرڪت سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج سيد غوث علي شاهه جيلاني، سينئر سول جج حيدر علي شاهه، سول جج اعجاز علي ٿيٻو سول جج محمد عظيم سولنگي وڪيل عزيز الله ٻرڙو وڪيل علي انور ساهڙ وڪيل داد محمد مگسي وڪيل رياض ڏيرو وڪيل شير علي چانڊيو وڪيل نجيب مهيس وڪيل عبدالخالق ٻگهيو وڪيل رشيد ٻگهيو وڪيل رضوان ٿيٻو صحافي عبدالرحمن قمبراڻي رياض چانڊيو مير صابر ڪولاچي ۽ ٻين وڪيل اڳواڻن ڪئي محفل ميلاد پروگرام ۾ المدني محمد حنيف عطاري، المدني سائين صابر حسين عطاري، سائين رفيق احمد شيخ عطاري، عبدالحميد عطاري ۽ ٻين شرڪت ڪري خصوصي خطاب ڪيو ۽ نعت مقبول ڪريم صه پڙهي محفل کي جهومائي ڇڏيو ۽ آخر ۾ خصوصي دعا پڻ گهري وئي

سڪرنڊ ۾ "آئيڊيل نوجوان" جي عنوان تحت روحاني ويهڪ جو اهتمام

اڄ سماج ۾ اڪثريت نوجوانن جي بگڙيل آهي جنهن ۾ مک ڪردار والدين جو آهي: مقررين

والدين ڪتابن جون پريون ته ضرور ٻڌي ڏنيون پر انهن جي ڪڏهن به بهتر تربيت نه ڪئي

سڪرنڊ (ن ع) "آئيڊيل نوجوان" جي عنوان تحت مولانا جاويد لطيف قريشي جي ميزبانيءَ هيٺ ڪٽڪ جي تحقيقاتي اداري جي هائوسنگ سوسائٽي جي جامع مسجد ۾ روحاني ويهڪ جو اهتمام ڪيو ويو جيڪا جلسه عام ۾ تبديل ٿي وئي جنهن ۾ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جن ۾ ظفر علي ڪوکر عمر دراز اختر القادري، محمد بلال عطاري، قاري اشرف قادري، حافظ ذبير عطاري، محرم علي جلباڻي ۽ قاضي جاويد سنائي سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون ان موقعي تي شيخ الحديث حضرت علامه مولانا مفتي فيض محمد سڪندري مهمان خاص طور شرڪت ڪئي جنهن پنهنجي صدارتي بيان ۾ چيو ته اڄ جو موضوع "آئيڊيل نوجوان" انتهائي اهم ۽ وقتائتو آهي هن قرآن ۽ حديث مان نوجوان جي تعليم ۽ تربيت جي حوالي سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ سماج ۾ اڪثريت نوجوانن جي بگڙيل آهي جنهن ۾ مک ڪردار والدين جو آهي ڇاڪاڻ جو انهن پنهنجي اولاد کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪتابن جون پريون ته ضرور ٻڌي ڏنيون پر انهن جي ڪڏهن به بهتر تربيت نه ڪئي ان ڪري چوندا آهن ته تعليم کان وڌيڪ اهميت تربيت جي آهي هن وڌيڪ چيو ته نوجوان جي بهترين تربيت گاهه ان جا ماءُ پيءُ ۽ پوءِ استاد ۽ تعليمي ادارا جتي قرآن و حديث جو رجحان وڌيڪ هجي ڇاڪاڻ جو جيڪا تربيت دين اسلام اسان کي ٻڌائي آهي جيڪڏهن نوجوان ان تي عمل ڪري ته هو "آئيڊيل نوجوان" ٿي سگهي ٿو ان ڪري سمجهڻ گهرجي ته قرآن و حديث مان اسان سڀ ڪجهه حاصل ڪري سگهون ٿا مفتي فيض محمد سڪندري سمورن مسجدن جي پيش امامن کي هدايت ڪئي ته هو مسجدن ۾ ڪو وقت مقرر ڪري نمازين کي قرآن پاڪ جي تعليم ۽ آقا ڪريم صه جن جي اخلاق بابت درس ڏين ڇاڪاڻ جو آقا ڪريم صه جن جو اخلاق اڄ جي نوجوانن جي تربيت لاءِ بهترين پيغام آهي جنهن سان نوجوان "آئيڊيل نوجوان" ٿي سگهي ٿو هن اهو پڻ چيو ته اڄ سماج ۾ جيڪي برايون آهن ان جو مک ڪارڻ دين اسلام کان دوري آهي مائٽن کي به گهرجي ته هو اولاد تي گهري نظر رکن ۽ سندن تعليم سان گڏ بهتر تربيت به ضرور ڪن هن وڌيڪ چيو ته سڀ کان پهرين ڳالهه اها ته جيڪڏهن اوهان "آئيڊيل نوجوان" ٿيڻ چاهيو ٿا ته سهڻي مصطفيٰ صه جن جي زندگيءَ کي پنهنجو مقصد بڻائي ڇڏيو ڇاڪاڻ جو حضور سرور ڪائنات صه جن جو اخلاق اعليٰ ترين مثال آهي ۽ اهوئي مثال اسان جي دنيا ۽ آخرت سنواري سگهي ٿي آخر ۾ صلوات و سلام ۽ اجتماعي دعا تي فڪري ويهڪ جي پڄاڻي ٿي جنهن بعد پروگرام جي ميزبان وزير علي خاصخيلي آيل مهمانن جو ماناائتو آڌر ڀاءُ ڪرڻ بعد ٻارهين شريف جي لنگر سان مهمان نوازي ڪئي وئي جڏهن ته محمد سليم مگسي پاران علماء اڪرام جي مان ۾ رات جي ماني جو اهتمام ڪيو ويو

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات ۾ ٻاڙائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ خميس ڏينهن ڪاروبار جي شروعات ۾ ٻاڙائي رهي ۽ ڪي ايس اي - 100 انڊيڪس 309.99 پوائنٽس جي گهٽتائي کان پوءِ 168،270.41 پوائنٽس تي اچي ويو شروعاتي سيشن دوران گڏيل طور تي 570 ڪمپنين جي شيئرز جي ڊيٽي ليٽي ٿي انهن مان 211 ڪمپنيز جي شيئرز جي اگهه ۾ اضافو ۽ 255 ڪمپنين جي شيئرز جي اگهه ۾ گهٽتائي جڏهن ته 104 ڪمپنين جي شيئرز جي اگهه ۾ استحڪام رهيو مارڪيٽ ۾ گڏيل طور تي 210. 59 ملين شيئرز جو ڪاروبار ٿيو جن جي ماليت 9.72 ارب رپيا رهي

پاڻ جي آمدني واپار ۾ اگسٽ دوران 25 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) پاڻ جي قومي آمدني واپار ۾ اگسٽ 2026ع دوران 25 سيڪڙو کان وڌيڪ جي گهٽتائي ٿي آهي وفاقي شمارياتي اداري مطابق ان عرصي دوران آمدني واپار جي ماليت 43.1 ملين ڊالرن تائين گهٽجي وئي آهي جڏهن ته اگسٽ 2025ع دوران پاڻ جي آمدني واپار جو ڳاڻيٽو 57.6 ملين ڊالرز رهيو هو اهڙي طرح اگسٽ 2025ع جي ڀيٽ ۾ اگسٽ 2026ع دوران پاڻ جي ملڪي آمدني واپار ۾ 14.5 ملين ڊالرز يعني 25.17 سيڪڙو جي گهٽتائي رڪارڊ ٿي آهي

سول اسپتال مٺي ۾ مصنوعي ٽنگ لڳائڻ جي مفت ڪئمپ لڳائي ويندي

مٺي (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي جي ذاتي ڪاوشن سان روٽري ڪلب مٺي ۽ روٽري ڪلب ڪراچي پاران صحت کاتي ٿرپارڪر جي سهڪار سان 11 آڪٽوبر 2026 تي صبح جو نوين وڳي کان شام جو ڇهين وڳي تائين سول اسپتال مٺي ۾ مصنوعي ٽنگ لڳائڻ جي مفت ڪئمپ لڳائي پئي وڃي

قالين ۽ ٿرپالن جي ملڪي روانگي واپار ۾ آگسٽ دوران 20.21 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) قالين ۽ ٿرپالن جي ملڪي روانگي واپار ۾ آگسٽ 2026ع دوران 20.21 سيڪڙو اضافو رڪارڊ ٿيو آهي وفاقي شمارياتي اداري مطابق ان عرصي دوران روانگي واپار جي ماليت 4.46 ملين ڊالرن تائين پهچي وئي جڏهن ته آگسٽ 2025ع دوران قالينن ۽ ٿرپالن جي روانگي واپار سان 3.71 ملين ڊالرن جو مٽا سٽا وارو ناڻو ڪمايو ويو هو

عالمي مارڪيٽ ۾ ڪچي تيل ۽ سون جي اگهه ۾ اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي مارڪيٽ ۾ خميس ڏينهن ڪچي تيل ۽ سون جي اگهه ۾ اضافي جو لاڙو رهيو رپورٽن موجب آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيئيٽ ۾ ڪچي تيل جا مستقبل جا سودا 3.04 ڊالرز جي اضافي سان 91.32 ڊالرز في بيرل جڏهن ته برينٽ نارٿ سي ڪروڊ جا مستقبل جا سودا 3.78 ڊالرن جي اضافي کان پوءِ 103.98 ڊالرز في بيرل ۾ طئه ٿيا اهڙي ريت اسپاٽ گولڊ جو اگهه 14.89 ڊالرن جي اضافي سان 4،124 ڊالرز في اونس ٿي ويو جڏهن ته چاندي جو اگهه 0.94 ڊالرن جي گهٽتائي سان 59.35 ڊالرز في اونس ٿي ويو

ايئرلنڪ ڪميونيڪيشن جي سالياني منافعي ۾ 31 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) ايئر لنڪ ڪميونيڪيشن جي سالياني منافعي ۾ 31 سيڪڙو جو اضافو ٿيو آهي ڪمپني جي سالياني انگن اکرن موجب جولاءِ کان جون سال 2025-26ع دوران ايئر لنڪ ڪميونيڪيشن جو منافعو 6.23 ارب رپين تائين پهچي ويو جڏهن ته جولاءِ کان جون 2024-25ع لاءِ ڪمپني جو منافعو 4.57 ارب رپيا ٿي ويو هو اهڙي ريت مالي سال 2024-25ع جي ڀيٽ ۾ گذريل مالي سال 2025-26ع دوران ايئر لنڪ ڪميونيڪيشن جي منافعي ۾ 1.48 ارب رپيا يعني 31.16 سيڪڙو جو نمايان اضافو رڪارڊ ٿيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ مهانگائي جو جن بي قابو، ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهه ٻه چوڻ چڙهي ويا

واپارين ۽ دڪاندارن جي هڪ هٽي، شهر ۾ گوشت، مڇي، مرغي ۽ ڀاڄين جا من پسند اگهه مقرر

بصر 250 ڪلو، ٽماٽا، توريون، ڀينڊي ڪدو، گوبي ۽ ٻيون ڀاڄيون به 200 رپيا وڪرو، مرغي جو گوشت 560 کان مٿي هلڻ لڳو

سبزي مارڪيٽن ۽ عام واهپي ڪاڌي پيتي جي شين ۾ روزاني بنياد تي اگهن جي چڪاس ڪئي وڃي، جيئن عوام کي رليف ملي: شهري

ٽنڊو محمد خان (ن ع) ٽنڊو محمد خان ۾ مهانگائي چوٽ چڙهي وڃڻ شهر ۾ ڪاڌي پيتي جي شين سميت ڀاڄين جا اگهه به ٻه چوڻ چڙهي ويا ضلعي انتظاميه ۽ مارڪيٽ ڪميٽي ڪوبه نوٽس نه ورتو عوام ۾ ڪاوڙ جي لهر جڏهن ته شهر ۾ گوشت، مڇي، مرغي ۽ ڀاڄين جي اگهن کي واپارين پاران هٿ جا اگهه مقرر ڪري عوام کي ٻنهي هٿن سان لٽيو پيو وڃي جڏهن ته روزمره جي ڪاڌي پيتي جي شين جنهن ۾ اٽو چانور گيهه آئل دالين ڪنڊ جا اگهه به آسمان تي پهچي ويا آهن پورهيت طبقو روز جي مزدوري ڪري ٻچن جو پيٽ پالڻ وارو به سخت پريشاني واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن ٽنڊو محمد خان ضلعي جي مختلف شهرن ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ به مهانگائي تي ضابطو نه اچي سگهيو آهي جڏهن ته شهر ۾ مڇي ۽ مرغي جي گوشت جو اگهه به ايترا ته وڌي ويا آهن جو مرغي جو گوشت 560 کان مٿي هلڻ لڳو جڏهن ته مڇي جو في ڪلو 800 کان مٿي هلڻ لڳو وڏي جانور پاڏي جو گوشت به 1200 في ڪلو هلي پيو ٻاڪري جو گوشت به 2000 کان مٿي ڪلو هلي پيو ۽ بصر 250 ڪلو ٽماٽا، توريون ڀينڊي ڪدو، گوبي ۽ ٻيون ڀاڄيون به 200 کان مٿي هلڻ لڳو جڏهن ته اگهن تي ضابطو نه اچي سگهيو آهي ٻي طرف شهرين پاران ضلعي انتظاميا ۽ مارڪيٽ ڪميٽي کان مطالبو ڪيو آهي ته سبزي مارڪيٽن ۽ عام واهپي ڪاڌي پيتي جي شين ۾ روزاني بنياد تي اگهن جي چڪاس ڪئي وڃي ۽ مارڪيٽ ڪميٽي جي ريٽ لسٽ تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي ته جيئن ناجائز وڌو اگهه وٺندڙ منافعي خورن ڪندڙن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ شهرين کي رليف ڏنو وڃي.

ٽنڊو محمد خان: هڪ اسٽال تي سبزي وڪري لاءِ رکيل آهي

ميهڙ جي پنجابي جا پاڙ جي رهواسين جو احتجاج

مبينا گهر تي قبضي ۽ موتمار ڌمڪين خلاف احتجاج ڪيو ويو

ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، جنهن سبب پنهنجي جان ۽ مال جو خدشو آهي: مظاهرين

ميهڙ (ن ع) ميهڙ جي پنجابي جا پاڙ جي رهواسين جو مبينا گهر تي قبضي ۽ موتمار ڌمڪين خلاف احتجاج، تحفظ ۽ انصاف جي اپيل، ميهڙ جي علائقي پنجابي جا پاڙ جي رهواسين عبدالرحيم ڪوسو حاجي عبدالرشيد ڪوسو عبدالمجيد ڪوسو ۽ عمران ڪوسو آزاد پريس ڪلب ميهڙ پهچي احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته سندن نوجوان بلاول ڪوسو ولد حاجي عبدالرحيم ڪوسو ۽ سندن ئي رشتيدار ساجده ڌيءَ اصغر ڪوسو گهران نڪري پنهنجي مرضي ۽ رضا خوشي سان ڪراچي جي سٽي ڪورٽ ۾ شرعي ۽ قانوني طريقي سان نڪاح ڪيو آهي هنن چيو ته بلاول ۽ ساجده پاڻ به ميڊيا سامهون اچي بيان ڏئي چڪا آهن ته هنن پنهنجي رضا خوشي سان قانوني ۽ شرعي طريقي سان نڪاح ڪيو آهي پر ان باوجود کين مبينا طور موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن، جنهن سبب کين پنهنجي جان ۽ مال جو خدشو آهي. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته هو اڃا تائين ڪوشش ڪري رهيا آهن ته بلاول ۽ ساجده واپس اچي راڄوڻي ذريعي معاملو حل ڪن پر هو ساڻن رابطي ۾ نه اچن. هنن وڌيڪ الزام هنيو ته ساجده جي والد اصغر ڪوسو ۽ ٻين رشتيدارن منظور ڪوسو اويس ڪوسو گل محمد ڪوسو جاويد ڪوسو ۽ ٻين سندن گهر تي مبينا قبضو ڪري ڀڃ ڊاهه ڪئي ۽ لکين رپين جو سامان ڪڍي ويا آهن. جڏهن ته گهر تي اڃا تائين قبضو برقرار آهي احتجاج ڪندڙن چيو ته هنن ڪيترائي ڀيرا قرآن پاڪ کڻي ميڙ منٿ ڪئي، پر ان باوجود سندن گهر تان قبضو ختم نه ڪيو ويو ۽ کين مبينا طور موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. هنن خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن کين ڪنهن به قسم جو جاني يا مالي نقصان پهتو ته ان جا ذميوار مٿيان ڄاڻايل ماڻهو هوندا. متاثرن ايس ايس پي دادو ڊي آءِ جي حيدرآباد، آءِ جي سنڌ، عدالتن ۽ ٻين اختيارين کي اپيل ڪئي ته کين تحفظ فراهم ڪيو وڃي، گهر تان مبينا قبضو ختم ڪرائي ڦرلٽ ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

سنڌ يونيورسٽي پاران سالياني امتحان 2025 لاءِ فارم ۽ فيس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ واڌ جو اعلان

ڄامشورو (ا پ پ) سنڌ يونيورسٽي پاران لاڳاپيل ڪاليجن ۾ مختلف پروگرامن جي اهل اميدوارن لاءِ سالياني امتحان 2025ع جا آن لائين امتحاني فارم ۽ فيس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ 9 آڪٽوبر تائين واڌ جو اعلان ڪيو ويو آهي سالياني امتحانن واري ڪنٽرولر سيد احسان الله راشدي پنهنجي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايو آهي ته اميدوار 5000 رپين جي ليٽ فيس سان گڏ 9 آڪٽوبر 2026ع تائين پنهنجا فارم آن لائين جمع ڪرائي سگهن ٿا. نوٽيفڪيشن ۾ اي ڊي آرٽس (ريگيولر ۽ ايڪسٽرنل)، اي ڊي ڪامرس، اي ڊي سائنس، اي ڊي سائنس (هوم اڪنامڪس) ريگيولر پارٽ ٻيو اي ڊي اي (پريويس فيلوئر ۽ امپروور) ايڪسٽرنل ۽ اي ڊي اي (فائنل) ايڪسٽرنل پروگرام شامل آهن جڏهن ته لاڳاپيل ڪاليجن کي چيو ويو آهي ته اهي امتحاني فارم 10 آڪٽوبر تائين جمع ڪرائين امتحاني فيس آن لائن بئنڪنگ ذريعي جمع ڪرائڻي پوندي ڪنٽرولر جو چوڻ آهي ته ڄاڻايل واڌ آخري ڀيرو ڪئي وئي آهي هن کان پوءِ تاريخ ۾ ڪا به واڌ نه ڪئي ويندي

لاڙڪاڻو پوليس پاران قتل جي ڪيسن ۾ ملوث جوابدارن جو گهيرو وڌيڪ تنگ، آپريشن ڇهين ڏينهن به جاري

لاڙڪاڻو (اي پي پي) لاڙڪاڻو پوليس قتل جي ڪيسن ۾ ملوث جوابدارن جو گهيرو وڌيڪ تنگ ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته پوليس جو فرار ٿي ويل ۽ گهربل جوابدارن خلاف ڇهين ڏينهن به آپريشن جاري رهيو لاڙڪاڻو پوليس جي ترجمان موجب آپريشن ۾ بڪتربند گاڏيون پوليس موبائيلون ۽ وڏي پوليس نفري حصو وٺي رهي آهي لاڙڪاڻو پوليس جي جوڙيل ٽيمن جو مختلف شڪي ٺڪاڻن جوابدارن جي فرار ٿيڻ وارن رستن ۽ علائقن ۾ سرچ ۽ ڪومبنگ آپريشن ڪيو پيو وڃي پوليس آپريشن دوران فرار ٿي ويل ۽ سنگين ڪيسن ۾ گهربل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون جاري آهن ايس ايس پي لاڙڪاڻو اظهر خان چيو آهي ته قانون کان فرار جوابدارن خلاف ڪارروايون بغير وقفي جي جاري رهنديون، سمورن فرار ٿي ويل جوابدارن جي گرفتاري تائين پوليس آپريشن جاري رهندو

ايس يو پي پاران سنڌ هائوس سڪرنڊ کي فعال رکڻ جو اعلان

روزانو صبح 10 وڳي کان شام 5 وڳي تائين آفيس کليل رهندي

شهر جا رهواسي پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪري سگهندا

سڪرنڊ (ن ع) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (ايس يو پي) ٽائون سڪرنڊ پاران شهرين سان مسلسل رابطي، عوامي مسئلن جي ٻڌڻي ۽ انهن جي حل لاءِ سنڌ هائوس سڪرنڊ کي فعال رکڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي سنڌ هائوس سڪرنڊ ۾ روزانو صبح 10 وڳي کان شام 5 وڳي تائين آفيس کليل رهندي، جتي شهر جا رهواسي پنهنجا مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪري سگهندا. ايس يو پي ڪارڪن عوام سان گڏ ويهي شهر جي بنيادي مسئلن کي لاڳاپيل ادارن تائين پهچائڻ ۽ انهن جي حل لاءِ سياسي ۽ جمهوري جدوجهد ڪندا. ايس يو پي ٽائون سڪرنڊ صدر پرويز احمد سومرو چيو ته شهرين کي پنهنجن مسئلن لاءِ اڪيلو نه ڇڏيو ويندو، عوام جي آواز کي اجاگر ڪرڻ ۽ سڪرنڊ جي بنيادي مسئلن لاءِ هر ممڪن جمهوري فورم تي آواز بلند ڪيو ويندو. هن چيو ته سنڌ هائوس سڪرنڊ عوام ۽ سياسي نمائندگي وچ ۾ رابطي جو مرڪز هوندو جتي شهرين جي مسئلن کي ٻڌي، انهن جي حل لاءِ عملي طور تي آواز اٿاريو ويندو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 09 آڪٽوبر 2026ع

غربت جا وڌندڙ پاڇا ۽ معاشي سڌارن جو سوال

پاڪستان جي معيشت بابت عالمي بئنڪ جي تازي رپورٽ هڪ اهڙي حقيقت کي سامهون آڻي ٿي، جنهن کي رڳو انگن اکرن جي بحث تائين محدود نٿو ڪري سگهجي. معاشي واڌ جي شرح ۾ بهتري جون اڳڪٿيون پنهنجي جاءِ تي اهم آهن پر ان کان وڌيڪ اهم سوال اهو آهي ته ڇا معاشي واڌ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ ڪيتري تبديلي آڻي رهي آهي؟ جيڪڏهن ملڪي معيشت وڌي رهي هجي پر ساڳئي وقت غربت، مهانگائي، بيروزگاري ۽ خوراڪ جي کوٽ وڌندي رهي ته اهڙي واڌ جي فائدن بابت سنجيده سوال اٿڻ فطري ڳالهه آهي. عالمي بئنڪ موجب هلندڙ مالي سال دوران پاڪستان جي معاشي واڌ جي شرح 3.7 سيڪڙو ۽ ايندڙ مالي سال ۾ 3.8 سيڪڙو تائين پهچڻ جو امڪان آهي. خدمتن، صنعتي پيداوار ۽ چوپائي مال جي شعبي ۾ سرگرميون جاري رهڻ جي اميد پڻ ظاهر ڪئي وئي آهي. مالي کوٽ بابت به نسبتاً بهتر انگ اکر سامهون آيا آهن پر ساڳئي رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته وچ اوڀر، اتر آفريڪا ۽ افغانستان- پاڪستان واري خطي ۾ روزانو 3 ڊالر کان گهٽ آمدنيءَ تي گذارو ڪندڙ انتهائي غريب ماڻهن مان لڳ ڀڳ 48 سيڪڙو پاڪستان ۾ رهن ٿا. هي انگ پاڪستان لاءِ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳو آهي. حڪومت جي معاشي صلاحڪار خرم شهزاد عالمي بئنڪ جي انهن انگن ۽ تشريح کي گمراهه ڪندڙ قرار ڏنو آهي. سندس موقف آهي ته پاڪستان جي آبادي خطي جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن کان گهڻي آهي، تنهنڪري رڳو انتهائي غريب ماڻهن جي مجموعي تعداد جي بنياد تي ڀيٽ ڪرڻ درست تصوير پيش نٿو ڪري. هن اهو به واضح ڪيو آهي ته پاڪستان کي هن خطي ۾ شامل ڪرڻ ڪنهن معاشي زوال جو نتيجو نه پر عالمي بئنڪ جي انتظامي درجابنديءَ ۾ تبديلي آهي.

حڪومت جي اها وضاحت پنهنجي جاءِ تي اهم آهي ۽ عالمي بئنڪ جي انگن کي سندن مڪمل پسمنظر سان ڏسڻ ضروري آهي پر هتي بنيادي سوال اهو آهي ته ڇا غربت ۾ واڌ جي حقيقت کي رڳو درجابندي يا آباديءَ جي وڏي انگ سان رد ڪري سگهجي ٿو؟ جيڪڏهن 2018-19ع کان 2024-25ع تائين روزانو 3 ڊالر واري غربت جي حد تي پاڪستان ۾ غربت جي شرح 6.4 سيڪڙو پوائنٽ وڌي آهي ۽ 4.20 ڊالر واري حد تي 3.2 سيڪڙو پوائنٽ اضافو ٿيو آهي ته پوءِ ان کي سنجيدگيءَ سان ڏسڻ لازمي آهي. غريب ماڻهن جو تعداد ڪيترو آهي، ان کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها آهي ته غربت جي شرح ڇو وڌي رهي آهي ۽ ماڻهن جي آمدني سندن ضرورتن سان گڏ ڇو نٿي وڌي؟ پاڪستان گذريل ڪجهه سالن دوران هڪ ٻئي پٺيان ڪيترن ئي معاشي ۽ قدرتي بحرانن مان گذريو آهي. ڪووڊ-19 جي وبا، 2022ع جون تباهه ڪندڙ ٻوڏون، مهانگائي، ڪرنسي جي قدر ۾ گهٽتائي، توانائيءَ جي وڌندڙ قيمتن ۽ معاشي سڌارن جي سخت مرحلن عام خاندانن جي قوتِ خريد کي سخت متاثر ڪيو آهي. نتيجي ۾ ڪيترن ئي خاندانن جي حقيقي آمدني گهٽجي وئي، روزگار جا موقعا محدود ٿيا ۽ تعليم، صحت ۽ خوراڪ جهڙين بنيادي ضرورتن تي خرچ ڪرڻ به ڏکيو بڻجي ويو. ان کان علاوه عالمي حالتون به پاڪستان لاءِ خطرا وڌائي رهيون آهن. وچ اوڀر ۾ تڪرار ڊگهو ٿيڻ سان تيل ۽ ٻين شين جا اگهه وڌي سگهن ٿا، آمدورفت ۽ بيمه جا خرچ وڌي سگهن ٿا ۽ درآمد ڪندڙ ملڪن تي وڌيڪ دٻاءُ پئجي سگهي ٿو. پاڪستان جهڙي تيل درآمد ڪندڙ معيشت لاءِ اهڙي صورتحال مهانگائيءَ جو نئون طوفان آڻي سگهي ٿي. عالمي بئنڪ 2026ع جي پڇاڙيءَ ۾ طاقتور ايل نينو موسمي صورتحال جو خدشو پڻ ظاهر ڪيو آهي، جيڪا خوراڪ جي اگهن ۾ اضافي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. پاڪستان ۾ برسات جي نظام ۾ تبديليون اچڻ جي صورت ۾ ان جا اثر زراعت ۽ خوراڪ جي فراهميءَ تي به پئجي سگهن ٿا. ان صورتحال ۾ رڳو معاشي واڌ جي شرح وڌڻ ڪافي ناهي. حڪومت کي اهڙي معاشي پاليسي اختيار ڪرڻي پوندي، جنهن سان واڌ جا فائدا هيٺين طبقي تائين پهچن. روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ، ننڍين ڪاروبارن کي همٿ ڏيڻ، زراعت کي مضبوط ڪرڻ، تعليم ۽ صحت تي حقيقي سيڙپڪاري وڌائڻ ۽ مهانگائيءَ کي ضابطي ۾ رکڻ کان سواءِ غربت گهٽائڻ ممڪن نه ٿيندو. پاڪستان لاءِ اصل ڪاميابي اها نه هوندي ته معاشي واڌ 3.8 سيڪڙو تي وڃي، پر اها هوندي ته ان واڌ سان هڪ مزدور جي آمدني وڌي، هڪ غريب ٻار اسڪول پهچي، هڪ خاندان کي مناسب خوراڪ ملي ۽ هڪ نوجوان کي عزت وارو روزگار حاصل ٿئي. معاشي انگ اکر تڏهن ئي عوام لاءِ خوشخبري بڻجي سگهن ٿا، جڏهن انهن جو اثر ماڻهن جي گهرن، بازارن ۽ روزاني زندگيءَ ۾ محسوس ٿئي.

لازوال فنڪار نانا پاٽيڪر کي ڀيٽا



غلام حسين خاصخيلي

'اسان ڪان پوءِ محفلن ۾ افسانا بيان ٿيندا، بهارون اسان کي ڳوليندي رهجي وينديون، خبر ناهي اسين ڪهڙي جهان ۾ هونداسين.' اهي لفظ جڏهن به ٻڌبا آهن ته هڪ اهڙي اداڪار جي شخصيت ذهن ۾ اڀري ايندي آهي، جنهن پنهنجي فن، سادگي، جرئت ۽ بي مثال اداڪاري وسيلي ڀارتي سينيما ۾ هڪ الڳ سڃاڻپ قائم ڪئي. نانا پاٽيڪر انهن چند فنڪارن مان هڪ هو، جن شهرت، دولت ۽ مقبوليت جي بلندين تي پهچڻ باوجود پنهنجي سادگي، اصولن ۽ انسان دوستيءَ کي ڪڏهن به نه ڇڏيو. سندس لاڏاڻو رڳو ڀارتي فلمي دنيا جو نقصان نه پر برصغير جي ثقافت، فن ۽ سينيما لاءِ به هڪ وڏو الميو آهي.

نانا پاٽيڪر جو اصل نالو وشوناٿ پاٽيڪر هو. سندس جنم پهرين جنوري 1951ع تي ڀارت جي رياست مهاراشٽر جي ضلعي راءِ ڳڙهه جي هڪ عام خاندان ۾ ٿيو. ننڍپڻ ۾ معاشي مشڪلاتون سندس زندگيءَ جو حصو رهيون. خاندان جي مالي سهائتا لاءِ هن مختلف ننڍا وڏا ڪم به ڪيا. انهن ڏکين حالتن سندس شخصيت ۾ محنت، صبر ۽ جدوجهد جا گڻ پيدا ڪيا، جيڪي بعد ۾ سندس فني زندگيءَ جي ڪاميابيءَ جو سبب بڻيا. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نانا پاٽيڪر فنون لطيفه ۽ ٿيٽر ڏانهن راغب ٿيو. اسٽيج تي سندس شروعاتي پرفارمنس ماڻهن کي متاثر ڪرڻ لڳي. هو جلد ئي انهن فنڪارن ۾ شامل ٿي ويو جيڪي ڪردار کي صرف ادا نه ڪندا آهن پر ان کي پنهنجي وجود جو حصو بڻائي ڇڏيندا آهن. سندس لهجو، آواز جي گونج، چهري تي اڀرندڙ تاثر ۽ مڪالمن جي ادائيگيءَ کيس ٻين اداڪارن کان منفرد بڻائي ڇڏيو.

فلمي دنيا ۾ شاندار سفر: نانا پاٽيڪر پنهنجي فلمي ڪيريئر جي شروعات 1978ع ۾ فلم 'گمن' سان ڪئي. شروعاتي سالن ۾ کيس ننڍا ڪردار مليا پر سندس غيرمعمولي اداڪاريءَ جلد ئي فلم سازن ۽ ناقدن جي توجهه حاصل ڪري ورتي. 1989ع ۾ رليز ٿيل فلم 'پرندا' سندس زندگيءَ جو اهم موڙ ثابت ٿي. هن فلم ۾ سندس ڪردار کي ايتري مڃتا ملي جو کيس قومي سطح تي سڃاڻپ حاصل ٿي. ان کان پوءِ نانا پاٽيڪر مسلسل ڪاميابين جون منزلون طئي ڪندو رهيو. 'پراهار' ۾ هڪ فوجي آفيسر، 'ڪرانتي وير' ۾ هڪ باغي صحافي، 'انگار' ۾ طاقتور شخصيت، 'تيرنگا' ۾ وطن دوست ڪردار ۽ 'اب تڪ ڇپن' ۾ پوليس آفيسر جي حيثيت سان سندس اداڪاري کي وڏي ساراهه ملي. فلم 'ويلڪم' ۾ سندس مزاحيه ڪردار 'اُدي شيٽي' ماڻهن کي کلائڻ سان گڏ سندس اداڪاريءَ جي نئين رُخ کي به اجاگر ڪيو. اهو ڪردار اڄ به بالي ووڊ جي يادگار مزاحيه ڪردارن ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ساڳئي ريت 'راڄ نيتي' ۽ مراٺي فلم 'ناٽ سمراٽ' ۾ سندس اداڪاري فن جي بلندين تي پهتل نظر اچي ٿي.

اداڪاريءَ جو منفرد انداز: نانا پاٽيڪر کي ٻين اداڪارن کان الڳ بڻائيندڙ سندس حقيقت پسند اداڪاري هئي. هو مصنوعي انداز کان پري رهندو هو. سندس ڪردار عام ماڻهن جي زندگيءَ مان ڪڍيل لڳندا هئا. هو ڪڏهن غصي ۾ ڀريل پوليس آفيسر، ڪڏهن انقلابي صحافي، ڪڏهن بي رحم ڏوهاري ۽ ڪڏهن مزاحيه شخصيت بڻجي ڏسندڙن کي حيران ڪري ڇڏيندو هو. فلمي نقادن جو چوڻ هو ته نانا پاٽيڪر جي اکين جو تاثر ئي سندس اڌ اداڪاري مڪمل ڪري ڇڏيندو هو. سندس آواز ۾ اهڙي ڪشش هئي، جيڪا هر مڪالمي کي يادگار بڻائي ڇڏيندي هئي. سندس ڪيترائي جملا ۽ مڪالما اڄ به فلمي تاريخ جو حصو بڻيل آهن.

قومي ۽ بين الاقوامي مڃتا: نانا پاٽيڪر پنهنجي فني خدمتن جي اعتراف ۾ ڪيترائي اهم اعزاز حاصل ڪيا. کيس 3 قومي فلم ايوارڊ، ڪيترائي فلم فيئر ايوارڊ ۽ ڀارت جو اعليٰ شهري اعزاز پدم شري مليو. اهي اعزاز رڳو سندس مقبوليت نه پر سندس فني عظمت جو به ثبوت آهن. هو انهن ٿورڙن اداڪارن مان هڪ هو، جن کي عوام ۽ نقاد ٻنهي جي هڪجهڙي محبت حاصل هئي. سندس هر نئون ڪردار فلمي حلقن ۾ بحث جو موضوع بڻجي ويندو هو.

انسان دوست شخصيت: نانا پاٽيڪر جي شخصيت جو هڪ اهم رُخ سندس انسان دوستي هئي. هو صرف پردي تي هيرو نه هو پر حقيقي زندگيءَ ۾ به ماڻهن جي مدد لاءِ اڳتي ايندو هو. خاص طور تي هارين جي مسئلن بابت سندس حساسيت مشهور هئي. هن ڪيترن ئي فلاحي منصوبن ۾ حصو ورتو ۽ معاشي تڪليفن ۾ ورتل خاندانن جي مدد ڪئي. خشڪ سالي، فصلن جي تباهي ۽ قرضن سبب پريشان هارين لاءِ سندس ڪوششون هميشه ياد رکيون وينديون. هو يقين رکندو هو ته سماج ۾ خوشحالي تڏهن ايندي، جڏهن ڪمزور طبقي جي مدد ڪئي ويندي.

سادگي، جيڪا مثال بڻجي وئي: فلمي دنيا جي چمڪ جي باوجود نانا پاٽيڪر نهايت سادي زندگي گذاريندو هو. هو وڏين تقريبن ۽ غيرضروري نمائش کان پاسو ڪندو هو. ڪيترائي ڀيرا کيس عام ماڻهن وانگر سفر ڪندي ۽ روزمره جي زندگي گذاريندي ڏٺو ويو. سندس سادگي سبب ماڻهو کيس پنهنجو ماڻهو سمجهندا هئا. هو اسٽار هئڻ باوجود زمين سان جڙيل رهيو. اڄ جي دور ۾ اها هڪ ناياب خوبي سمجهي وڃي ٿي.

نانا پاٽيڪر جي وراثت: نانا پاٽيڪر جو نالو ڀارتي سينيما جي تاريخ ۾ هميشه سنهري اکرن سان لکيو ويندو. هن ثابت ڪيو ته عظيم اداڪار ٿيڻ لاءِ روايتي خوبصورتي يا وڏا وسيلا ضروري ناهن پر اصل اهميت قابليت، محنت ۽ فن سان محبت جي آهي. اڄ جڏهن سندس مداح سندس فلمن جا منظر ۽ مڪالما ياد ڪن ٿا ته سندن اکين ۾ اداسيءَ سان گڏ فخر به نظر اچي ٿو ته هنن پنهنجي دور ۾ اهڙو عظيم فنڪار ڏٺو. سندس فن ايندڙ نسلن لاءِ الهام جو سرچشمو رهندو.

نانا پاٽيڪر جي لاڏاڻي سان ڀارتي فلمي صنعت جو هڪ روشن باب بند ٿي ويو پر سندس يادگيريون، فلمون، ڪردار ۽ فني خدمتون هميشه زنده رهنديون. اڄ سندس ئي لفظ سندس لاءِ سڀ کان وڏو خراج عقيدت بڻجي ويا آهن: 'اسان ڪان پوءِ محفلن ۾ افسانا بيان ٿيندا، بهارون اسان کي ڳوليندي رهجي وينديون، خبر ناهي اسين ڪهڙي جهان ۾ هونداسين.' نانا پاٽيڪر جسماني طور تي اسان کان وڇڙي ويو آهي پر سندس فن، شخصيت ۽ يادگيريون هميشه زنده رهنديون ۽ برصغير جون سينيمائون کيس هڪ لازوال فنڪار طور سدائين ياد رکنديون.

تعصب، اڳ کان وڌيڪ شدت اختيار ڪندو وڃي ٿو



محمود شام

ڪو به پنهنجي موقف تان پوئتي هٽڻ لاءِ تيار نه هو. تنهن ڪري اسلام آباد ۾ ٿيل ڳالهيون ڪامياب نه ٿي سگهيون. اسلام آباد ۾ اڳ به ٿيندڙ ڳالهين جو چرچو سڄي دنيا ۾ ٿيو پر هڪ ٻئي جي ضد ۽ ڳالهين کي پنهنجي حق ۾ موڙڻ واري انداز سبب اهي ڳالهيون مفاهمت جي يادداشت تي صحيحون ٿيڻ باوجود اڄ تائين بي نتيجا رهيون آهن. شايد 21هين صديءَ جو هيءُ ڏهاڪو ڳالهين ۽ مفاهمت لاءِ سازگار ئي ناهي.

قافلا روانا ٿي چڪا آهن. جهرا جوش سان ڀڪي رهيا آهن دنيا ڏسي رهي آهي ته هڪ سياسي پارٽيءَ جا ڪارڪن ڪهڙي جوش ۽ جذبي سان هن احتجاج ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن. ڏک ان ڳالهه جو آهي ته پاڪستان ۾ حالتون معمول تي نٿيون اچن اسان عدم تحفظ جو شڪار آهيون. اعتماد جو سنگين بحران موجود آهي ۽ تعصب اڳ کان وڌيڪ شدت اختيار ڪندو نظر اچي ٿو. 8 ڏهاڪن دوران حڪمرانيءَ جي نظام کي آهستي آهستي ڪمزور ڪيو ويو. ميرٽ جو قتل ٿيو. معزز عدالتن جا فيصلا آئين ۽ قانون موجب ٿيڻ بدران وقت ۽ حالتن کي ڏسي ڪيا ويا. اٿين نسلي، لساني ۽ فرقيوارانو تعصب مضبوط ٿيندو رهيو. ناانصافيءَ جا اصل سبب معلوم ڪرڻ بدران ان جو سبب ڪنهن مسلڪ يا صوبي سان وابستگيءَ ۾ ڳوليو ويو يا رياست جي ڪمزور ٿيڻ کي ذميوار قرار ڏنو ويو. اهڙيءَ ريت صوبائيت وڌندي وئي. هڪ بااختيار صدر طرفان پنهنجا اختيار پارليامينٽ کي واپس ڏيڻ لاءِ ڪيل 18هين ترميم صوبن کي خودمختياري ڏيڻ بدران صوبائي تعصب جو بنياد بڻجي وئي. تاريخ ۾ ڪيترائي نازڪ موقعا اڳ به ايندا رهيا آهن مُلڪي سربراهن وچ ۾ اختلاف به ٿيندا رهيا آهن. انهن ڏينهن ۾ ترائيڪا (ٽن اهم ماڻهن يا ٽن ڌرين جو گڏيل گروهه) جي ڳالهه ڪئي ويندي هئي. ترائيڪا جي ٽن مان جيڪڏهن به هڪ پاسي ٿي ويندا هئا ته ٽئين کي گهر موڪليو ويندو هو پر هر اهڙي موقعي تي ڪي اهڙا ادارا يا سربراهه موجود هوندا هئا، جيڪي ڌرين وچ ۾ غلط فهميون ختم ڪري ملڪ ۾ منصفاڻين چونڊن لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪندا هئا. 90 واري ڏهاڪي ۾ آرمي چيف جنرل عبدالوحيد ڪاڪڙ سخت رياستي فارمولو اختيار ڪرڻ بدران هڪ ٻئي جي دلين مان ناراضگي ختم ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو پاڻ اقتدار سنڀالڻ بدران صدر سان ملاقاتون ڪيون، وزيراعظم سان مليو ۽ مخالف ڌر جي اڳواڻ سان به ملاقات ڪئي جڏهن هن منصفاڻين چونڊن جي خاطري ڪرائي ته ملڪ ۾ هڪ خوشگوار ماحول پيدا ٿي ويو. هاڻي اهڙي ڪا شخصيت نظر نٿي اچي، جنهن جي ڳالهه جو سڀ احترام ڪن ۽ جنهن جي خاطريءَ تي سڀ اعتبار ڪن ان جي بدران گهڻيون اهڙيون قوتون ۽ شخصيتون موجود آهن، جيڪي اختلافن کي وڌيڪ هوا ڏين ٿيون. بلڪه اهڙا بيان جاري ڪيا وڃن ٿا، جن سان صورتحال بهتر ٿيڻ بدران وڌيڪ خراب ٿئي ٿي تاريخ ۾ تڪرار هميشه صرف هڪ ئي طريقي سان حل ناهن ٿيا ته بس ڪنهن ڌيل تي زور ڏنو وڃي. وقت گذرڻ سان مسئلا اڃا به شدت اختيار ڪري چڪا آهن جو هاڻي عام ماڻهن جو اعتبار ئي ختم ٿيندو پيو وڃي. جڏهن درد حد کان وڌي وڃي ته اهو ئي دوا بڻجي وڃي ٿو. اسان کي سختيءَ بدران هم آهنگي، نرمي ۽ مهربانيءَ ڏانهن رُخ ڪرڻو پوندو.

ڪرو مهرباني تم اهلِ زمين پر
خدا مهربان هوگا عرشِ برين پر

1971ع رڳو پاڪستان جي تاريخ جو نه پر سڄي اسلامي دنيا جي تاريخ جو هڪ وڏو الميو آهي. جيڪڏهن تاريخ ان سانحي کي ٻيهر ورجائي ٿي ته اسان سڀني لاءِ سڌي واٽ اها ئي آهي ته جن به سببن سان اها شڪست ۽ تباهي آئي هئي، انهن کي ٻيهر نه ورجايو وڃي پر انهن سببن کي ختم ڪيو وڃي. مسئلا پهرين ڪيترا به سنگين ڇو نه هجن، اهي انسان کان وڏا ناهن هوندا. هن وقت جيڪا صورتحال آهي، اها اسان سڀني لاءِ خطرناڪ آهي. ان سان رياست کي به نقصان پهچي رهيو آهي ۽ رياستي ادارن سان لاڳاپيل ماڻهن کي به. پاڪستان جي عوام جي اڪثريت وڏي ڏکيائيءَ سان زندگي گذاري رهي آهي. نوجوان پنهنجي لاءِ ماحول سازگار نه ڏسي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ٿي رهيا آهن. جمهوريتن ۾ اهڙا بحران نون منصفاڻين ۽ آزاد چونڊن ذريعي ئي ختم ٿيندا رهيا آهن. هاڻي به آخرڪار آئين ئي ٿيندو پر ٽڪراءُ ۽ جاني نقصان کان بچڻ لاءِ اسان کي فوري قدم کڻڻا پوندا. فارسيءَ جو هڪ مشهور جوٽيءَ وارو شعر آهي ته

هرچه دانا ڪند، ڪند نادان
ليڪ بعد از خرابي بسيار

يعني عقلمند جيڪي ڪم ڪن ٿا، نادان به آخر اهي ئي ڪم ڪن ٿا پر گهڻين خرابين ۽ نقصانن کان پوءِ.

غالب به چيو هو ته

ڪي ميري قتل ڪي بعد اس ني جفا سي توبه
هائي، اس زود پشيمان کا پشيمان هونا!

اسان جي سنڌ ۾ سيد نهال هاشمي گورنر جي اعليٰ عهدي تي ويٺل آهي. مون چيو هو ته ميان نواز شريف ڪڏهن ڪڏهن سٺو ڪم به ڪري ويندو آهي. هاشمي صاحب عوامي ماڻهو آهي ۽ اڄ به پنهنجي ان سڃاڻپ کي قائم رکيو اچي. هن وٽ جاگيرون ناهن اسان جي بزرگيءَ کي عوامي سطح تي عزت لائق سمجهندو آهي ان ڪري فلم اينڊ ٽي وي جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي ڪراچي پريس ڪلب ۾ ٿيل حلف برداريءَ واري تقريب ۾ هن صحافين کان پاڻ حلف وٺڻ بدران اها ذميواري مون تي وڌي. هاڻي اهڙا اڳواڻ گهٽ ٿيندا پيا وڃن، جيڪي پنهنجن قدرن، روايتن ۽ وضعداريءَ کي نڀائيندا هجن.

جڏهن فلمي دنيا جو دور پنهنجي عروج تي هو ته فلمي صحافين جو به وڏو شان هوندو هو. ڪيترائي وڏا صحافي هن شعبي ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ ناهيندا رهيا. مون کي علي سفيان آفاقي، عاشق چوڌري، مستنصر جاويد، اقبال احمد خان ۽ اسد جعفري ياد اچن ٿا. ڪيترائي رسالا به ذهن ۾ اچن ٿا، جيڪي لاهور ۽ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندا هئا ۽ فلمي صنعت کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا هئا. هندستان ۾ ادريس دهلوي مسافر بڻجي اسان کي بمبئيءَ جي فلمي دنيا جون تازيون خبرون رسالي 'شمع' ذريعي ڏيندو هو. فلمي اشتهارن کي به ياد ڪريو، جيڪي جنگ اخبار جي صفحن جو حصو هوندا هئا. "ڪروڙين دلين جي ڌڙڪن مسرت نذير"، "جذبن جي راڻي صبيحه خانم" جهڙا جملا ماڻهن جي ذهنن ۾ اڄ به موجود آهن. آمريڪا جي فلمي مرڪز هالي ووڊ پنهنجي فلمن ذريعي انڊونيشيا کان ڪينيڊا تائين پنهنجو ثقافتي اثر متعارف ڪرايو ۽ اوڀر جي گڏيل خاندان واري روايت کي سخت متاثر ڪيو. هندستاني فلمن به سڄي دنيا ۾ پنهنجي ثقافت کي هٿي وٺرائڻ جون ڪوششون ڪيون. پاڪستاني فلمي صنعت پنهنجي ڪهاڻي ۽ موسيقيءَ ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ جاءِ ناهي. خورشيد انور جي موسيقي ۽ قتيل شفائيءَ جا گيت ڪير ٿو وساري سگهي؟ فلمي تنقيدي تبصرا به سڄي دنيا ۾ وڏي شوق سان پڙهيا ويندا هئا. پي ٽي وي جي پروگرامن ۾ خبرن تي تابنده لاريءَ جا تبصرا تمام گهڻو مشهور ٿيندا هئا. مبصر نواب ڪيفي کي به ياد ڪريو. پي ٽي وي جا ڊراما پاڙيسري ملڪن ۾ به وڏي شوق سان ڏٺا ويندا هئا. پر هاڻي سوشل ميڊيا جو دور آهي. ڏيڍ يا ٻن ڪلاڪن جي فلم بدران چند سيڪنڊن جي ٽڪ ٽاڪ وڊيو ناظرين کي متاثر ڪري ٿي پر ايتري ئي تيزيءَ سان اهو اثر ختم به ٿي وڃي ٿو. هاڻي تفريح ۽ ونڊر جي ڪهڙي صورت هجڻ گهرجي؟ اهو اسان جي ثقافتي رپورٽرن ۽ ڪلچر ايڊيٽرن کي طئي ڪرڻ گهرجي. اخبار جي صفحن سان گڏ موبائل فون جي اسڪرين تي به پنهنجي قلم جو جادو ڏيکارڻو پوندو. هاڻي لکڻيءَ کي 'ڪانٽينٽ' چيو وڃي ٿو. تقريب ۾ مصطفيٰ قريشي صاحب سان گڏ ويهڻ جو موقعو مليو. مون کين عرض ڪيو ته فلمي دنيا جي عروج جون يادون ڪتابي صورت ۾ آڻيو يا ان تي ڪا دستاويزي فلم تيار ڪرايو. جيڪو هڪ اهم اثاثو آهي ۽ اهو ايندڙ نسل ڏانهن منتقل ٿيڻ گهرجي.

نانا پاٽيڪر جو ديهانت

مير اعظم علي ٽالپر

اڄ صبح سوير (ڪالهه خميس) هندستان جي تفريح واري شهر گووا ۾ مشهور اداڪار نانا پاٽيڪر دل جو دورو پوڻ ڪري گذاري ويو. اڄ خميس (ڪالهه) ڏينهن صبح فجر وقت هُو پنهنجي گهر ۾ بيهوش ٿي ويو ۽ اسپتال ۾ ڊاڪٽرن 45 منٽ وڏي ڪوشش ڪئي ته هُو هوش ۾ اچي وڃي پر اها ڊاڪٽرن جي جدوجهد ڪامياب نه ٿي سگهي ۽ هُو انهيءَ ڪوشش دوران بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڪو به اثر نه ٿيڻ بعد دنيا کي 75 سالن جي عمر ۾ الوداع ڪري ويو. هيءُ هندستاني فلم انڊسٽري بالي ووڊ جو هڪ بهترين ڪلاسيڪل اداڪار هو. هن جو اصل پورو نالو وشوناٿ 'نانا' پاٽيڪر هو. هن جو جنم پهرين جنوري (جيئن اڪثريت ۾ جنم جي تاريخ لکبي آهي واڻگر) 1951ع تي مهاراشٽر جي ضلعي رائي ڳڙهه جي هڪ ڳوٺ مرود جنجيرا ۾ ٿيو هو. هن جي والد جو نالو دنڪر پاٽيڪر ۽ والده جو نالو سنجنا ٻائي هو. نانا پاٽيڪر جي زندگي به عجيب مصيبتن واري گذري آهي. هن 13 سالن جي ننڍي عمر ۾ سِرڻ جي ڀٽيءَ تي مزدوري ڪئي. ان کان پوءِ روڊن رستن تي رنگ سان پٽا (ڪراسنگ وارا) ناهڻ جو ڪم ڪيائين. البت ممبئي ۾ جي. جي انسٽيٽيوٽ آف اپلائيڊ آرٽ ۾ تعليم حاصل ڪئي. نانا پاٽيڪر هڪ مشهور ۽ مايه ناز فلم اسٽار هئڻ سان گڏوگڏ مصنف، فلمساز به هو. جنهن پنهنجي بهترين اداڪاري سان گڏ جاندار ڊائيلاگ، ڊليوري ۽ پرفارمنس سبب وڏو نالو ڪمايو. اُن ڪري هندي ۽ مراٺي سئنيما ۾ سندس شهرت آسمان تي پهچي وئي. نانا پاٽيڪر جي فلمي سفر جي شروعات 1978ع دوران فلم 'گمن' کان ٿي. جيتوڻيڪ اُن کان اڳ ۾ هن ڪجهه مراٺي فلمن ۾ ننڍا ننڍا رول به ادا ڪيا هئا. حقيقت ۾ نانا پاٽيڪر کي 1980ع ۽ 1990ع جي ڏهاڪي ۾ وڏي شهرت ملي، جڏهن هن فلم 'پرنده' 1989ع ۾ 'انا' وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ اُن تي هن کي فلم فيئر ايوارڊ به مليو. اُن کانپوءِ 1993ع ۾ فلم 'ترنگا' ۾ اول ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو ۽ راجڪمار سان سيٽ تي ڳالهائيندو به نه هو پر پوءِ هن اُن فلم ۾ انسپيڪٽر واگلي جو مشهور ڪردار ادا ڪيو هو. فلم 'ڪرانتي وير' ۾ به کيس قومي ايوارڊ سان نوازيو ويو، جيڪا 1994ع ۾ رليز ٿي هئي. اُن کانسواءِ ٻين مشهور فلمن ۾ 'اب تڪ ڇپن، راڄ نيتي، خاموشي، ڀهراڻ' وغيره وغيره ۾ اداڪاري ڪئي. هيءُ بالي ووڊ جو اڪيلو اداڪار هو، جنهن کي 3 دفعا فلم فيئر ايوارڊ ۽ چار ڀيرا قومي ايوارڊ سان نوازيو ويو آهي. اُن سلسلي ۾ هن کي بهترين هيرو، بهترين معاون اداڪار ۽ بهترين ولن، يعني ٽنهي ڪيٽيگرين ۾، ايوارڊ ملي چڪا آهن ان کانسواءِ نانا پاٽيڪر جي ڊگهي فلمي ڪيريئر ۾ سندس خدمتن ۽ مڃتا طور کيس 2013ع ۾ پدم شري جي اعزاز سان پڻ نوازيو ويو. نانا پاٽيڪر جي فلمي زندگي جيتري خوبصورت ۽ سهڻي نظر اچي ٿي پر سندس گهريلو زندگي اوتري نااتفاقي سبب خراب نظر اچي ٿي. هن جي شادي نيلا ڪانتي پاٽيڪر سان ٿي هئي ۽ اُن مان هن کي پٽ ملهار به ڄائو جيڪو هاڻ ملهار پاٽيڪر نالي جوان آهي پر گهر واريءَ سان اڻ بڻت سبب هُو زال کان ڌار گووا ۾ رهندو هو ۽ اُتي پنهنجي زندگيءَ جي آخري سفر تي روانو ٿيڻ تائين هو هُو گووا جي گهر ۾ جدا رهندڙ هو. جڏهن ته گووا جي سمنڊ ڪناري روشني واري زندگي ۽ تفريح ئي تفريح هئي، راقم جي گهر ۾ نانا پاٽيڪر کي گهڻو پسند ڪيو ويندو آهي راقم جي گهر ۾ نانا پاٽيڪر جي سڃاڻپ رڳو هڪ اداڪار طور نه، پر ڪلمو شريف پڙهڻ ۽ درود شريف پڙهڻ واري شخص طور پڻ هئي. هن جي ساهه جو سڳو ڪالهه گووا جي علائقي ڊونا پاولا جي فليٽ ۾ ٽٽي ويو ۽ جنهن وقت اڄ شام 4 وڳي (ڪالهه) هي تحرير قلمبند ٿي رهي هئي ته ممبئي جي شمشان گهاٽ ۾ سندس آخري رسمون سرانجام ڏنيون پئي ويون. مهاراشٽر سرڪار سندس وفات تي صوبائي سوڳ طور ملهائڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ بالي ووڊ جي مايا نگري به سوڳ ۾ مبتلا آهي. اُن کانسواءِ نانا پاٽيڪر جا مداح به افسوس ۾ آهن ناگپور مان سنڌي رنگ منچ جي نالي واري ليکڪ ڪشور لالواڻي ٻڌايو ته نانا پاٽيڪر جو مزاحيه ڪردار فلم 'ويلڪم' ۾ زبردست هو.

ايس ايم ايز ۽ زراعت لاءِ مالي سهولتن ۾ واڌ!

محمد واحد

ننڍا ۽ وچولي درجي جا ڪاروبار (SMEs) ۽ زراعت پاڪستان جي معيشت جا ٻه بنيادي ٿنڀا آهن اهي ٻئي شعبا نه رڳو وڏي پيماني تي روزگار جا موقعا پيدا ڪن ٿا پر ڳوٺاڻي ۽ شهري سطح تي معاشي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ذريعي مجموعي قومي پيداوار (GDP) ۾ پڻ نمايان حصو وٺن ٿا. گذريل ڪجهه سالن دوران ريگيوليٽري قدمن، مخصوص ملي پاليسي ۽ بينڪن پاران شريعت جي اصولن مطابق ملي حلن جي تعارف جي نتيجي ۾ انهن شعبن لاءِ ملي سهڪار جي حوالي سان هڪ نمايان تبديلي آئي آهي اهو ريگيوليٽري قدم هدف تي ٻڌل ملياتي پاليسي ۽ بئنڪن پاران شريعت جي اصولن مطابق حل متعارف ڪرائڻ جي ڪري آهي اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان (SBP) جي انگن اکرن موجب مالي سال 2025ع دوران ننڍن ۽ وچولي درجي جي صنعتن (SMEs) لاءِ ملياتي سهولتن ۾ 41 سيڪڙو واڌ ٿي آهي جڏهن ته زرعي قرضن ۾ 15 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي اها اڳڀرائي انهن شعبن تي ڌيان ڏيڻ جي عڪاسي ڪري ٿي جن کي اڳ ۾ گهٽ توجهه ملي هئي ۽ اهو ظاهر ڪري ٿي ته معيشت گذريل سالن جي ملي ۽ معاشي دٻاءُ ڪانپوءِ هاڻي مستحڪم بحاليءَ طرف گامزن آهي زرعي قرضن جو حجم 2.58 ٽريلين رپين تائين پهچي ويو آهي جيڪو نه رڳو مقرر قومي هدفن کان وڌيڪ آهي پر گذريل سال جي ڀيٽ ۾ 16.3 سيڪڙو اضافو پڻ ظاهر ڪري ٿو ساڳئي وقت زرعي قرضن جو مجموعي پورٽ فوليو وڌي 995.3 ارب رپين تائين پهچي ويو آهي ۽ فعال قرض وٺندڙن جو تعداد 29 لک (2.9 ملين) تائين پهچي ويو آهي اهي انگ اکر پاڪستان جي زرعي شعبي ۾ ملي شموليت جي واڌاري، قرضن تائين بهتر رسائي ۽ هارين لاءِ ملي سهولتن جي توسيع کي نمايان ڪن ٿا.

اقتصادي موقعن ۾ ٿيندڙ هن واڌاري اسلامي ملياتي ادارن (خاص طور تي انهن ادارن کي جن جي پهچ شهري ۽ ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ وسيع آهي) جي حوصلا افزائي ڪئي آهي ته اهي پاڪستان جي ڪاروباري ماحول جي مدد لاءِ منظم ۽ اثرائتيون ملياتي خدمتون (يا پراڊڪٽس) متعارف ڪرائين فيصل بئنڪ انهن ادارن ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو ۽ ننڍن توڙي وچولي درجي جي ڪاروبارن (SMEs) ۽ زرعي شعبي کي شريعت جي اصولن مطابق ملياتي سهولتون فراهم ڪري ٿي پاڪستان ۾ ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن (SMEs) کي ٽن بنيادي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو: ورڪنگ ڪيپيٽل (هلندڙ سرمائي) تائين محدود رسائي ڪاروبار کي وسيع ڪرڻ ۾ رڪاوٽون ۽ انهن جي ڪاروباري توڙي آپريشنل چڪرن سان مطابقت رکندڙ ملياتي نظامن جو فقدان انهن ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ اسلامي ملياتي طريقا عملي ۽ اثرائتي ملي حلن طور سامهون آيا آهن اهي نه رڳو شريعت جي اصولن مطابق مليات فراهم ڪن ٿا پر ڪاروباري ضرورتن مطابق پائيدار ترقيءَ لاءِ لچڪ ۽ بنياد پڻ مهيا ڪن ٿا خام مال، تيار ٿيل سامان يا اسپيئر پارٽس جي خريداريءَ ۾ ايس ايم ايز کي قيمت ۽ هڪ مقرر ڪيل منافعي جي مارجن جي بنياد تي هڪ واضح سيلز ڍانچي ذريعي سهولت فراهم ڪري ٿو اهو مختصر مدي ۾ ڪم ڪندڙ سرمائي جي گهرجن جي شفافيت کي پورو ڪرڻ جي قابل بڻائي ٿو استصنا پاڪستان جي پيداوار ۽ تعميراتي شعبن لاءِ مناسب آهي ڇاڪاڻ ته اهو آرڊر تي ٻڌل فنانسنگ فراهم ڪري ٿو، جيڪو پيداوار جي مرحلن ۽ ڪاروباري چڪر سان هڪ مؤثر ادائيگيءَ جو نظام قائم ڪري ٿو 'واپار' (Tijarah) ۽ 'سلام' (Salam) واپارين جنسن جي ڪاروبار ڪندڙن ۽ زرعي شعبي جي ڪمپنين لاءِ مؤثر حل فراهم ڪن ٿا، جنهن ذريعي شريعت جي اصولن مطابق اڳواٽ يا دير سان ادائيگيءَ جي انتظامن ذريعي ڪاروباري ضرورتون پوريون ڪري سگهجن ٿيون 'مشارڪا' (Musharakah) نفعي ۽ نقصان ۾ ڀاڱيواريءَ جو هڪ اهڙو نظام آهي جيڪو ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن (SMEs) کي پنهنجي ڪاروباري ضرورتن مطابق فنڊز ڪٺا ڪرڻ ۽ جمع ڪرائڻ جي سهولت ڏئي ٿو ۽ ان طريقي سان ڀاڱيدارن جي مفادن کي شفاف انداز ۾ هڪٻئي سان جوڙي ٿو، روايتي اسلامي فنانسنگ طريقن سان گڏ، منظم سپلائي چين فنانس ۽ ٽريڊ فنانس پليٽ فارم پڻ ايس ايم ايز جي واڌ ويجهه لاءِ اهم آهن ڊجيٽل پليٽ فارمن ۽ ڪراسپونڊينٽ بينڪنگ لاڳاپن ذريعي، ڪاروبار هاڻي درآمد يا برآمد فنانسنگ، ضمانتون ۽ دستاويزي ڪريڊٽ تائين رسائي حاصل ڪري سگهن ٿا، انهيءَ ڪري انهن کي ملڪي ۽ بين الاقوامي مارڪيٽن سان مؤثر طريقي سان ڳنڍڻ جي قابل بڻائي ٿو زراعت، جيڪا لکين ماڻهن کي روزگار فراهم ڪري ٿي ۽ خوراڪ جي تحفظ جو بنياد بڻيل آهي، پاڪستان جي معيشت جي ڪرنگهيءَ واري هڏيءَ جي حيثيت رکي ٿو. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان (SBP) جي زرعي قرضن جي توسيع واري منصوبن تحت هارين لاءِ ملياتي سهولتن تائين رسائي ۾ نمايان واڌ ٿي آهي اها اڳڀرائي قومي پاليسين جي قدمن ڊجيٽل ڪريڊٽ اسڪورنگ ۽ خطرن کي گهٽائڻ واري فريم ورڪ ذريعي وڌيڪ مضبوط ٿي آهي ان پسمنظر ۾ فيصل بئنڪ 'فيصل خوشحال ڪسان اسڪيم' متعارف ڪرائي آهي؛ اهو زرعي ۽ غير زرعي سرگرمين لاءِ اسلامي ملياتي اصولن تي ٻڌل هڪ جامع نظام آهي اها اسڪيم مختلف ضرورتن لاءِ ملي سهولتون فراهم ڪري ٿي جن ۾ فصلن جي پيداوار، زمين جي بهتري، آبپاشي نظام، زرعي مشينري، چوپايو مال پالڻ پولٽري، ماهيگيري ۽ شمسي توانائيءَ تي هلندڙ ٽيوب ويلز جهڙا قابل تجديد توانائيءَ جا حل شامل آهن بئنڪ جي 'ڪاروباري طريقيڪار ۾ رسائي' (Accessibility) 'کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي ڳوٺاڻن علائقن ۾ قائم شاخن ۽ مشاورتي خدمتن جي وسيع نيٽ ورڪ ذريعي، هاري پنهنجي ڪاروباري مرڪزن جي ويجهو ئي ملي سهولتون حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ ان سان گڏوگڏ فيصلا ڪرڻ لاءِ رهنمائي پڻ حاصل ڪري سگهن ٿا.

پاڪستان جا ننڍا ۽ وچولا ڪاروبار (SMEs) ۽ زرعي شعبا هاڻي هڪ اهڙي مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن جتي مضبوط ادارتي سهڪار، ريگيوليٽري هم آهنگي ۽ ڊجيٽلائيزيشن جي ڪوششن کي تيز ڪيو پيو وڃي جيڪڏهن بئنڪون جديد طريقا اختيار ڪن شريعت جي اصولن مطابق ملياتي نظامن کي استعمال ڪن ۽ انهن شعبن تائين پنهنجي پهچ وڌائين جن کي اڃا تائين مناسب سهولتون نه مليون آهن ته ملي سهڪار ۾ نمايان واڌ هوندي، انهيءَ جا روزگار، پيداواري صلاحيت ۽ ڳوٺاڻي توڙي شهري معيشتن وچ ۾ رابطن تي گهرا اثر پوندا پاڪستان لاءِ ننڍا ۽ وچولا ڪاروبار (SMEs) ۽ زراعت صرف معاشي شعبا نه پر پائيدار ترقيءَ جا بنيادي ٿنڀا آهن فيصل بئنڪ (Faysal Bank) جهڙا ادارا شريعت جي اصولن مطابق آسان ۽ سهولت وارا ملياتي حل تحت نه رڳو قرضن جي فوري ضرورتن کي پورو ڪري رهيا آهن پر ڪاروباري جدت ۽ انٽرپرينيوئرشپ کي هٿي وٺرائڻ، ملي استحڪام آڻڻ ۽ قومي معيشت جي پائيداريءَ ۾ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

اڄوڪو ڏينهن ..... 09 آڪٽوبر

جسٽس ظفر حسن مرزا



هن نامور قانوندان جو جنم 9 آڪٽوبر 1926ع تي ٽنڊي آغا حيدرآباد ۾ ٿيو. سندس والد مرزا علي نواز بيگ پنهنجي دور جو وڏو ليکڪ هو ۽ انگريزن جي دور ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تي ڪم ڪندو هو. ظفر حسن مئٽرڪ جو امتحان حيدرآباد جي نورمحمد هاءِ اسڪول مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ايس ايم آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو. اڳتي هلي لا ڪاليج حيدرآباد مان ايل ايل بي جي سند حاصل ڪري وڪالت شروع ڪيائين. 1960ع ۾ سول جج مقرر ٿيو ۽ 1975ع ۾ کيس هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ڪيو ويو. 1981ع ۾ پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو. هن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين، بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي جج ۽ سنڌ جي ايڊووڪيٽ جنرل طور پڻ ذميداريون سنڀاليون. هن 27 آگسٽ 2015ع تي وفات ڪئي. مشهور سياستدان ذوالفقار مرزا سندس پٽ آهي. جڏهن ته هن جي گهرواري افروز بيگم قاضي عبدالمجيد عابد جي ڀيڻ هئي.

ڊاڪٽر گوونڊ هولارام نرسنگهاڻي

ڊاڪٽر گوونڊ هولارام هڪ سماج سڌارڪ ۽ تعليمدان طور هندستان جي سنڌي وسنڌين ۾ پنهنجي خاص سڃاڻپ رکي ٿو. سندس جنم 9 آڪٽوبر 1944ع تي سنڌ جي شهر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو. 1947ع واري ورهاڱي کان پوءِ سندس خاندان پهريائين احمدآباد ۽ پوءِ ڪوهلاپور ۾ وڃي ٽانيڪو ٿيو. هن سموري تعليم ڪوهلاپور ۾ حاصل ڪئي ۽ 1969ع ۾ ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي. هن 3 سال کن مختلف سرڪاري اسپتالن ۾ ڪم ڪيو ۽ ان کان پوءِ گانڌي نگر ۾ پنهنجو نرسنگ هوم قائم ڪيو. 1974ع ۾ شري پولارام رئسنگهاڻي ۽ ٻين ساٿين سان ملي هن گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ سنڌو تعليمي سوسائٽي قائم ڪري ڪيترائي اسڪول ۽ ڪاليج کوليا. انهن ۾ هيمون ڪالاڻي پرائمري اسڪول، ساڌو واسواڻي هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج ۽ ٻيا تعليمي ادارا شامل آهن. هو پنهنجي شهر ۾ ڪيترائي ثقافتي، سماجي ۽ تعليمي پروگرام پڻ منعقد ڪرائيندو رهيو آهي.

صادق علي ميمڻ

اڄ مشهور سياستدان ۽ زميندار صادق علي ميمڻ جي جنم جو ڏينهن آهي. هو 9 آڪٽوبر 1971ع تي ٺٽي ۾ پيدا ٿيو. سندس والد عبدالحميد ميمڻ به 1970ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. صادق علي ميمڻ آمريڪا جي اوڪلاهوما اسٽيٽ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪئي. هن لڳ ڀڳ 6 سال ڪئنيڊا ۾ ملازمت ڪئي. وطن واپسيءَ تي سياستدان ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين. سندس واسطو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سان آهي. هو 2010ع کان 2013ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. 2013ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو پر ٻٽي قوميت هئڻ سبب کيس نااهل قرار ڏنو ويو. هن سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار طور پڻ ڪم ڪيو.

استاد بخاري



اڄ سنڌ جي عظيم عوامي شاعر استاد بخاريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. سنڌ جي هن انقلابي شاعر ۽ تعليمدان 16 جنوري 1930ع ۾ سيد حاجن شاهه جي گهر ۾ ضلعي دادوءَ جي ڳوٺ غلام چانڊئي ۾ اکيون کوليون. سندس ٻانگ جو نالو پُنهل شاهه هو. 1944ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪري 1946ع ڌاري ٽپيدار مقرر ٿيو پر اها نوڪري سندس طبيعت ۽ مزاج سان ٺهڪندڙ نه هئي، انڪري انهيءَ نوڪريءَ تان استعيفا ڏئي 1947ع ۾ پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. 1964ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ماسٽر آف آرٽس جي سند ورتي 1967ع ۾ ڪاليج جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ سنڌ جي مختلف ڪاليجن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب تي ليڪچر ڏيندي پروفيسر طور رٽائر ٿيو. استاد بخاري شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي. پاڻ هڪ عوامي شاعر هو. جنهن جي شاعري هر سنڌي ماڻهوءَ جي دل جي ڌڙڪن ۽ جذبن جي ترجمان آهي. سندس شاعريءَ ۾ جتي رومانوي رنگ سمايل آهن، اتي قومي سجاڳيءَ ۽ پنهنجي مٽيءَ سان محبت جو پيغام به شامل آهي. سندس شاعريءَ جا 20 کان وڌيڪ مجموعا ڇپجي چڪا آهن. سنڌ جي هن لافاني ۽ بي مثال شاعر 9 آڪٽوبر 1992ع مطابق 11 ربيع الثاني 1413هه ۾ جمعي جي پالاري ڏينهن تي هن فاني جهان مان هميشه لاءِ موڪلايو.

سيد منظور نقوي



مختيار انڙ

اڄ مشهور شاعر براڊڪاسٽر ۽ موسيقيءَ جي پارکوءَ سيد منظور نقويءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 17 مئي 1924ع تي حيدرآباد جي ٽنڊي جهانيان ۾ ٿيو. هن پرائمري تعليم حيدرآباد جي ڪينٽونمينٽ اسڪول مان حاصل ڪئي، جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان نوديال هاءِ اسڪول (هاڻوڪي ماڊل اسڪول، اولڊ ڪئمپس) حيدرآباد مان پاس ڪيو. هن حڪيم عبدالرحيم وٽ فارسيءَ ۽ عربيءَ جا سبق به پڙهيا. 1944ع ۾ دهليءَ مان ڪامل الاطباءَ جي سند حاصل ڪيائين. هو 1948ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ سان لاڳاپجي ويو. هن 1956ع ۾ اسڪرپٽ رائيٽر طور ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ 1985ع تائين انهيءَ ريڊيو اسٽيشن سان لاڳاپيل رهيو. هو پنهنجي دور جو وڏو شاعر هو. سندس ڪلام ۾ غزل، ڪافيون، بيت، نوحه، مرثيه، وطن جا گيت ۽ نظم وغيره شامل آهن. هن سنڌي فلمن لاءِ به ڪيترائي وڻندڙ گيت تخليق ڪيا. هن جي لکيل ڪتابن ۾ "سنڌ جي مدنيت" ۽ "راڳ ۽ تال" شامل آهن. ان کان علاوه سندس ڪجهه ڪتاب اڃا تائين ڇپجي نه سگهيا آهن. هن ناميارو انسان 9 آڪٽوبر 1997ع تي هي جهان ڇڏيو.

ڊاڪٽر سيد غلام مصطفيٰ شاهه



اڄ سنڌ جي عظيم دانشور، تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن مهان شخصيت جو جنم 18 آڪٽوبر 1918ع تي بلڙي شاهه ڪريم شهر ويجهو ڳوٺ قادر ڏنو شاهه ۾ ٿيو. هن ابتدائي تعليم سجاول مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ترتيبوار سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ ۽ ڊي جي سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. 1941ع ۾ علي ڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. هن ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) ۽ ايل ايل بي جون سندون به حاصل ڪيون. اڳتي هلي انگلينڊ جي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. سيد غلام مصطفيٰ شاهه پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور ڪئي. اڳتي هلي گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد (هاڻوڪي گورنمينٽ ڪاليج يونيورسٽي) ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. 1960ع ۾ هو تعليم کاتي ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ بعد ۾ ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. هن 1969ع کان 1973ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائس چانسلر طور ڪم ڪيو. سندس ئي دور ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ملازمن جي رهائشي ڪالوني، شاگردن جون هاسٽلون، سنڌالاجيءَ جي موجوده عمارت، مرڪزي لائبريري، جامع مسجد ۽ ٻيون عمارتون جڙي راس ٿيون. 1988ع وارين عام چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ 1988ع کان 1990ع تائين تعليم جو وفاقي وزير رهيو. پاڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو سيڪريٽري پڻ رهيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ شاهه لطيف ڪلچرل سوسائٽيءَ جو بنياد وجهي سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي ڪيترين ئي ڪانفرنسن ۽ سيمينار منعقد ڪرايائين. هن "سنڌ ڪوارٽرلي" نالي هڪ ٽماهي رسالو پڻ جاري ڪيو. جنهن جو پاڻ ايڊيٽر رهيو. شاهه صاحب جي لکيل ڪتابن ۾ "سير ۽ سفر"، "معاشرو ۽ تعليم"، "سنڌي معاشرو ۽ ان جو مستقبل"، Decline of Education in Pakistan، Lessons of History ۽ "انگريزي سنڌي ڊڪشنري" شامل آهن. هن ناميارو انسان 9 آڪٽوبر 1999ع تي وفات ڪئي.

الاهي بخش سومرو



پاڪستان جي هن نامور سياستدان ۽ انجنيئر جو جنم 15 مئي 1926ع تي ٿيو. سندس واسطو شڪارپور جي مشهور سومرا خاندان سان هو. سندس والد حاجي مولا بخش سومرو به سنڌ جو مشهور سياستدان هو. هن انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪيترن ئي اهم انجنيئرنگ ۽ سياسي عهدن تي فائز رهيو. هن جن اهم انتظامي عهدن تي ڪم ڪيو، تن ۾ ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽيءَ جو ڊائريڪٽر جنرل، سنڌ انڊسٽريل ٽريڊنگ اسٽيٽ (سائيٽ) ڪراچيءَ جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر، اين اي ڊي انجنيئرنگ ڪاليج آف سائنس ۽ ٽيڪنالاجي (هاڻوڪي يونيورسٽي) جو پرنسپال، جناح ميڊيڪل ۽ ڊينٽل ڪاليج جو پرنسپال ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس مئنيجمينٽ ڪراچيءَ جو چانسلر شامل آهن. پاڻ 4 ڀيرا پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل جو چيئرمين پڻ رهيو. الاهي بخش سومرو سياسي طور به ڪيترن ئي اهم عهدن تي ذميداريون سنڀاليون هو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ننڍي هوندي جو دوست هو. محترمه بينظير ڀٽو کيس پنهنجو 'چاچو' سڏيندي هئي. هن 16 فيبروري 1997ع کان 20 آگسٽ 2001ع تائين قومي اسيمبليءَ جي 16هين اسپيڪر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. مختلف وقتن تي مختلف وزارتن جا قلمدان به سندس هٿ هيٺ رهيا. هن 9 آڪٽوبر 2024ع تي وفات ڪئي.

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد ابراهيم ولد ڪريم بخش چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور لاڙيو لال اسٽيشن ، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي ڪريم بخش ولد نبي بخش چنوجيڪو تاريخ 14.06.2010 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ سعيد پور تپه A- نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) محمد ابراهيم پٽ (2) مسمات شريفان بيواهه (3) مسمات - سڪينه ڌي درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سنڌس والد ۽ والده فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد ساجن چنو (2) عبدالقادر ولد ريڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيرانو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بيان ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتيءَ جي متين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو متين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته نالي زبير احمدولد عبدالله کوسو ويٺل ڳوٺ ملو فقير باريجو تعلقو ۽ ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد عبدالله ولد مولا بخش کوسو جيڪو روڊس کاتي ۾ رٽائرڊ بيلدار هو ۽ فقه سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 03.01.2023 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي هيٺين ڄاڻايل وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي(1) عبدالڪريم کوسو پٽ (2) واحد بخش کوسو پٽ (3) زبير احمد کوسو پٽ (4) نصيبان کوسو ڌيءَ جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي حاجي خان ولد محمد صديق مگنهار 4180106128445 ۽ اياز علي ولد لونگ پليجو4180108714577 جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتيءَ جي متين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتيءَ جو متين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات حميده بيواهه عبدالشڪور چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور لاڙيولعل اسٽيشن اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس گهروارو نالي عبدالشڪور ولد حاجي دردو چنو جيڪو تاريخ 02.04.2025 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ سعيد پور تپه A- نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) منصور علي پٽ (2) مسمات شيبا ڌي(3) مسمات شگفتا ڌي(4)مسمات حميده بيواهه درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سنڌس گهروارو ۽ والده فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد ساجن چنو (2 عبدالقادر ولد ريڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيرانو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بيان ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتيءَ جي متين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو متين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد اسلم ولد شير بهادر درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي شير بهادر ولد نواز خان فوت ٿي ويل آهن جنهن کي ديهه باڪر تپو مٽي تعلقو بدين ۾ بلاڪ نمبر 3 ,, 1.2 / 140 / 2'3'74 / 157 مان ايراضي حصي موجب 32 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ وارثن جي نالي ۾ بدلايو وڃي جنهن لاءِ جلسي عام ڪوسڪي شهر تعلقو بدين ۾ ڪيو ويو آهي اهو سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتو ويو آهي جنهن مان ظاهر ٿيو آهي ته شير بهادر ولد نواز خان جا بيان ڪيل فوتي شير بهادر ولد نواز خان جي جائز وارث هيٺين آهن جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو 1 ڌاڪي جان پٽ فوتي جي 2 محمد اسلم پٽ فوتي جي 3 مسمات شيراز بيگم ڌيءُ فوتي جي 4 مسمات ارشاد بيگم ڌي فوتي جي جنهن جي جائز وارث چيا آهن تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ڏنو ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ان وارث چئايل کي ڪو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجي اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ مٿين وارثن جي حق ۾ فيصلو ڪيو ويندو پوءِ ڪو اعتراض ٻڌڻ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته عرضدار عبدالغفور ولد الهي بخش رهاڪو ڳوٺ جانل خان وگهيو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس نالي الهه بخش ولد عبدالرحمان جيڪو تاريخ 2025-01-02 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 96, 83/A, 277/1to3 ديهه ملڪي تپو ڪاٺوڙ تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي تنهنڪري جلسو عام ۾ شاهدن جي بيانن جنهن جي تصديق ڪرائي وئي آهي جنهن موجب هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث چئايا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام ۾ بيان ۽ ڏني آهي (1) عبدالغفور (پٽ) (2) عبدالرزاق (پٽ) (3) مسمات عائشان (بيواه) . جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجي جي دعوي ٿي يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته اهو هن اشتهار شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن اندر سرون دستاويزي ثبوتن سان ڪا هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪاٽ مير پور خاص رود حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪو به اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته عرضدار بشير احمد ولد قادر رهاڪو ڳوٺ ڳهڻ جت تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس ڏاڏو نالي قادر ولد [illegible] جيڪو تاريخ 1990-09-05 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 440, 279, 1.2.3/ 275,147 ديهه پبو تپو هوسڙي تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي تنهنڪري جلسو عام ۾ شاهدن جي بيانن جنهن جي تصديق ڪرائي وئي آهي جنهن موجب هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث چئايا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام ۾ بيان ۽ ڏني آهي (1) محمد رمضان (پٽ) (2) عبدالقادر (پٽ) (3) بشير احمد (پٽ) (4) رشيد (پٽ) (5) مسمات عيد (ڌي) (6) ٻاڪي (ڌي) (7) خيران (ڌي) (8) حنيفان (ڌي) (9) مسمات حيات (بيواه) . جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجي جي دعوي ٿي يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته اهو هن اشتهار شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن اندر سرون دستاويزي ثبوتن سان ڪا هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪاٽ مير پور خاص رود حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪو به اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته عرضدار شهروز خان ولد محمد اسلم رهاڪو ڪريم آباد ڪالوني ٽنڊو جام تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سنڌس ناني نالي مسمات سليمن بيواهه امام الدين جيڪو تاريخ 2022-11-20 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 327/1A مان ٺهيل پلاٽ نمبر 34 ايراضي 1040 چورس فوٽ ديهه هوتڪي تپو ٽنڊو جام تعلقو حيدرآباد جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي تنهنڪري جلسو عام ۾ شاهدن جي بيانن جنهن جي تصديق ڪرائي وئي آهي جنهن موجب هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث چئايا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام ۾ بيان ۽ ڏني آهي (1) محمد نذير (پٽ) (2) اسلام الدين (پٽ) (3) محمد اڪرم (پٽ) (4) مسمات شبانه نذير (ڌي) (5) مسمات فرزانه (ڌي) (6) مسمات انيس (ڌي) (7) مسمات زينت (ڌي) (8) مسمات سلمي (ڌي) (9) [illegible] (ڌي) (10) بالقيس (ڌي) فوتي محمد اسلم ولد امام الدين مورخه 21-04-2018 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث (1) محمد عاصم (پٽ) (2) محمد ناظم (پٽ) (3) محمد قاسم (پٽ) (4) محمد عظيم (پٽ) (5) شهروز خان (پٽ) (6) مسمات جميلا بانو (بيواه) . جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجي جي دعوي ٿي يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته اهو هن اشتهار شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن اندر سرون دستاويزي ثبوتن سان ڪا هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڪاٽ مير پور خاص رود حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪو به اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

تاريخ پيدائش جي درستي

جيئن ته منهنجي پٽ عرفان علي ولد جاڙو خان جي تعليمي رڪارڊ ۾ تاريخ پيدائش غلطي سان 28-01-2008 لکجي ويئي آهي، جيڪا درست ڪري 28-01-2009 لکي ۽ پڙهي وڃي

جاڙو خان ولد گل محمد ڪلهوڙو
ڳوٺ حاجي ڪامل ڪلهوڙو تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد بخش ولد پريو خان چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور لاڙيو لال اسٽيشن ، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي پريو خان ولد نبي بخش چنو جيڪو تاريخ 02.01.1997 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ سعيد پور تپه A- نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) محمد بخش پٽ(2)حسين بخش پٽ (3) رسول بخش پٽ(4) نبي بخش پٽ (5) مسمات زينب ڌي(6) مسمات صاحبه ڌي درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سنڌس گهرواري ۽ والد ۽ والده فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد ساجن چنو(2) عبدالقادر ولد ريڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيرانو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بيان ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتيءَ جي متين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو متين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي الهجڙيو ولد نبي بخش چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور لاڙيو لال اسٽيشن ، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس ماءُ نالي مسمات حوا زوجه نبي بخش چنو جيڪا تاريخ 01.01.1984 تي فوت ٿي وئي آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ سعيد پور تپه A- نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) پريو خان پٽ (2) رحيم بخش پٽ (3) گل محمد پٽ (4) عمر پٽ (5) ڪريم بخش پٽ(6) پيرانو خان پٽ (7) الهجڙيو پٽ (8) مسمات نازل ڌي درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سنڌس گهروارو ۽ والد ۽ والده فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد ساجن چنو (2 عبدالقادر ولد ريڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيرانو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بيان ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتيءَ جي متين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو متين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي الهجڙيو ولد نبي بخش چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور لاڙيو لال اسٽيشن ، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس ڀاءُ نالي عمر ولد نبي بخش چنو جيڪو تاريخ 30.04.2008 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ سعيد پور تپه A- نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) ڪريم بخش ڀاءُ (2) پيرانو خان ڀاءُ(3) الهجڙيو ڀاءُ(4) مسمات نازل ڀيڻ درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو 3 ڀائر وارث ۽ والد ۽ والده فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد ساجن چنو(2) عبدالقادر ولد ريڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيرانو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بيان ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتيءَ جي متين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو متين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي اسدالله ولد گل محمد چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور لاڙيو لال اسٽيشن ، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي گل محمد ولد نبي بخش چنو جيڪو تاريخ 09.03.2007 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ سعيد پور تپه A- نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) اسدالله پٽ (2) نصرالله پٽ (3) امان الله پٽ (4) اياز گل پٽ (5) ارشاد گل پٽ (6) عمران گل پٽ (7) زاهده ڌي (8) شاهده ڌي (9) صائم ڌي (10) ماروي ڌي (11)مسمات صلحان بيواهه درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سنڌس والد ۽ والده فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد ساجن چنو(2) عبدالقادر ولد ريڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيرانو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بيان ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتيءَ جي متين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو متين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي سائين بخش ولد رحيم بخش چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور لاڙيو لال اسٽيشن ، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والد نالي رحيم بخش ولد نبي بخش چنو جيڪو تاريخ 05.09.2002 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ سعيد پور تپه A- نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) سائين بخش پٽ (2) محمد حنيف پٽ (3) عبدالحفيظ پٽ (4) مسمات شفيان ڌي (5) مسمات فاطمه (فوتي) بيواهه درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سنڌس گهرواري ۽ والد ۽ والده فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد ساجن چنو (2) عبدالقادر ولد ريڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيرانو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بيان ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتيءَ جي متين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو متين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي سائين بخش ولد رحيم بخش چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور لاڙيو لال اسٽيشن ، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والده نالي مسمات فاطمه بيواهه رحيم بخش چنو جيڪا تاريخ 25.09.2009 تي فوت ٿي وئي آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ سعيد پور تپه A- نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) سائين بخش پٽ (2) محمد حنيف پٽ(3) عبدالحفيظ پٽ (4) شفيان ڌي درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سنڌس گهروارو ۽ والد ۽ والده فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد ساجن چنو (2) عبدالقادر ولد ريڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيرانو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بيان ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتيءَ جي متين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو متين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي عبدالڪريم ولد حاجي دردو چنو ويٺل ڳوٺ نبي بخش سعيد پور لاڙيو لال اسٽيشن ، اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سنڌس والده نالي مسمات نازل ولد نبي بخش چنو جيڪا تاريخ 14.03.2022 تي فوت ٿي وئي آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديھ سعيد پور تپه A- نوبت مري تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي(1) عبدالرزاق پٽ (2) عبدالڪريم پٽ (3) عبدالغفور پٽ (4)عبدالشڪور پٽ(5) مسمات آمنه ڌي (6) مسمات حاجران ڌي (7) مسمات - امينا ڌي (8) مسمات بصران ڌي درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سنڌس گهر وارو ۽ والد ۽ والده فوتيءَ جي حياتيءَ ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي الله ڏنو ولد محمد ساجن چنو (2) عبدالقادر ولد ريڏنو چنو جن ڳوٺ رئيس پيرانو چنو ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو بيان ڪئي آهي.جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏنو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتيءَ جي متين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي (07) ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري، مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتيءَ جو متين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

عام اطلاع

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون سينا سنڌو زال لو شناختي ڪارڊ نمبر 4410103303382 رهاڪو فليٽ نمبر 06 ٿرڊ فلور حمزا هائيٽس RCC 24 قاسم آباد هڪ عدد پلاٽ نمبر C-403 بلاڪ III ايراضي 120 اسڪوائر يارڊ واقع قاسم آباد اسڪيم نمبر 1 ديهه سري تعلقو قاسم آباد ضلعو حيدرآباد نالي محمد خان ولد الله وسايو شناختي ڪارڊ نمبر 4410760173585 رهاڪو ڳوٺ محمد شريف سميجو پي او عمرڪوٽ تعلقو ضلعو عمرڪوٽ حال رهاڪو حيدرآباد کان خريد ڪري رهي آهيان ان بابت اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته ضروري ڪاغذات سان سب رجسٽرار آفيس ۾ اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر ثبوتن سميت پنهنجو اعتراض داخل ڪري ٻئي صورت ۾ معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ پلاٽ جي خريد و فروخت ۾ عمل ۾ آندي ويندي

سينا سنڌو زال لو شناختي ڪارڊ نمبر 4410103303382

عام اطلاع

هرعام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي محمد اشفاق ولد محمدادريس ويٺل راجپوت محلو جهڏو درخواست پيش ڪئي آهي ته سنڌس ولد محمد ادريس ولد محمد اسماعيل تاريخ 2023-08-09 تي فوت ٿي ويو هو فوت جي نالي ديهه 373 تعلقو جهڏو ۾ زرعي زمين ايراضي 14-19 ايڪڙ کاتو ٺيل آهي جنهن جا وارث (1) تصور علي ولد محمد ادريس (2) منور علي ولد محمد ادريس (3) محمد اشفاق ولد محمد ادريس (4) محمد عمران خان ولد محمد ادريس (5) محمد رضوان الزمان ولد محمد ادريس (6) ممتاز اختر ڌيءَ محمد ادريس (7) موبينه ڌيءَ محمد ادريس (8) پروين بيگم ڌيءَ محمد ادريس (9) جميلا ڌيءَ محمد ادريس (10) نسرين ڌيءَ محمد ادريس آهن مٿي ڏيکاريل وارثن ڪانسواءِ ٻيو ڪو به وارث نه آهي اهڙو بيان بن معزز ماڻهن هر هڪ (1) محمد وقاص ولد محمد سليم ناگوري (2) محمد حنيف ولد عبدالرزاق ٻئي ويٺل ديهه 373 تعلقو جهڏو ڏنا آهن جيڪڏهن مٿي ڏيکاريل وارثن ڪانسواءِ ٻيو ڪو وارث هجي يا ڪنهن به اداري کي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجا اعتراض هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ ڪانپوءِ ڪو اعتراض قابل قبول نه ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو جهڏو

لاتعلقي جو اظهار

هر عام وخاص کي هن اشتهار ذريعي اطلاع ٿو ڪجي ته اسان پنهنجي نالي قمر زمان ڪوڪر ولد شاهه زمان ڪوڪرحسن زمان ڪوڪر، گل زمان ڪوڪر سڀئي پٽ محمد سومر ڪوڪر پنهنجي ڀاءُ نالي شير زمان ڪوڪر جيڪو اسان سان ڪافي سالن کان ناراض آهي جنهن سان اسان سڀئي پنهنجي لاتعلقي جو اظهار ڪريون ٿا اسان جو ان سان ڪنهن به قسم جو واسطو تعلق ناهي ۽ نه ئي رهندو اگر هو ڪنهن به ماڻهو يا بئنڪ يا اداري سان قرض ونڊو يا ڏيتي ليتي ڪندو يا ڪنهن سان به فلو فساد ڪندو ان جو ذميوار پاڻ هوندو اسان پاڙن جوان جي فعل و قول سان ڪو به تعلق ناهي هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

قمر زمان ولد محمد سومر ڪوڪر ويٺل بگهيا
محلا خيرپورناٿن شاهه ضلعو دادو

ڪورٽ نوٽيس

سول جج اينڊ جي ايم MTMC-I ميرپورخاص
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

ادريس الرحمن ولد عبدالرحمان (مرحوم) ..اپليڪينٽ ..بخلاف..(1) مسمات ڪلثوم (2) مسمات سحربانو (3) تاج بانو (4) شگفته (5) مسمات بينظير سڀ پٽ ڌيئرون عبدالرحمان رهاڪو ڳوٺ غلام بڪٽي ديهه 105 تعلقو حسين بخش مري ضلعو ميرپورخاص. ريسپونڊنٽس (1) رضيه (2) مسمات ثانيه (3) مسمات ڪومل (4) مسمات جويريا (5) مسمات دعا (6) مسمات حنا ... ماٽر

مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 29، 7.10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-10-10 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج اينڊ جي ايم MTMC-I ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
گارڊين سوٽ نمبر 412 سال 2026

شڪيل احمد ولد غلام محمد رهاڪو محلو خير محمد شاهه ڪالوني نوابشاهه حال رهاڪو گهر نمبر D-30 شهباز ٽائون قاسم آباد حيدرآباد ..اپليڪينٽ ...بخلاف..(1) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپونٽس (1) امان الله ولد مرحوم حبيب الله جوئيجو عمر 12 سال ماٽر

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 29، 7.10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-10-10 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جاتي
فيملي سوٽ نمبر 347 سال 2026

مسمات ناديه ..پلينٽف ..بخلاف.. وحيد علي ولد محمد اسماعيل ذات سميجو رهاڪو گلشن Hadib مرڪزي امام بارگاهه نزد ڪي آر پي اسڪول ميهڙ ضلعو دادو 03451353370 .. ڊفينڊنٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-10-10 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج جاتي

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جاتي
فيملي سوٽ نمبر 395 سال 2026

مسمات ثميد ..پلينٽف ..بخلاف.. رضوان علي ولد غلام مصطفيٰ ذات سيال رهاڪو ڳوٺ بيگن ڪي اين شاهه ضلعو دادو 03483726795 .. ڊفينڊنٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙڻ ۽ رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-10-14 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج جاتي

ڪورٽ نوٽيس

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد
ايف سي سوٽ نمبر 111 سال 2026

مسمات عروج احسان زال احسان انور معرفت اٽارني مير گل ولد ميرو خان بروهي رهاڪو ڳوٺ حاجي خان بروهي تعلقو نوابشاهه ..پلينٽف ..بخلاف.. (1) ڊي سي شهيد بينظير آباد (2) اي سي نوابشاهه (3) مختيارڪار روينيو تعلقو نوابشاهه (4) سب رجسٽرار نوابشاهه (5) ايس ايڇ او بي ايس اي سيڪشن نوابشاهه (6) عرفان ولد قادر بخش (8) عمران ميمڻ ولد قادر بخش ذات ميمڻ رهاڪو موهني بازار نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ انجڪشن آرڊر VII رول 1 سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-10-12 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج III حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 1454 سال 2024

محمد نصير ميهسر ولد غلام نبي ميهسر رهاڪو ڳوٺ ڪاهي ميهسر ضلعو دادو حال رهاڪو گهر نمبر 15 مهراڻ ٽائون نزد سٽيزن ڪالوني قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف ..بخلاف..(1) سيڪريٽري روينيو شهباز بلڊنگ حيدرآباد (2) مختيارڪار روينيو قاسم آباد (3) سب رجسٽرار قاسم آباد (4) نثار احمد ولد غلام رسول شيخ رهاڪو گهر نمبر 195/A پلاڪ هيلٿ ڪالوني حيدرآباد (5) عبدالغفار داد ولد نور محمد داد ٽيڪنيشن ميمڻ بلبرز ليسوسيٽ 60 لبرٽي مارڪيٽ سول روڊ حيدرآباد (6) سڪندر شيخ رهاڪو پلاٽ نمبر 05 شاهه لطيف سينٽر ساموهن مهراڻ سينٽر شاهين چڱي قاسم آباد حيدرآباد (7) عبدالمجيب ڪلهوڙو ولد عبدالواحد رهاڪو وارڊ نمبر 10 محلا ڪلهوڙا نوشهروفيروز سڪندر ايبرس گهر نمبر A-146 الرحيم ولاز نزد بلال مسجد قاسم آباد حيدرآباد

مٿين اپونٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن ڪينسليشن پرفارمنس آف ڪانٽريڪٽ اينڊ پرمننٽ انجڪشن ۽ زير قلم 39 رول 1 ۽ 2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 2026-10-20 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج III حيدرآباد

بقايا 1 روزاني عبرت

ڪلهي پريس ڪلب ڀٽا، اسپتال ۾ فوت ٿي ويو خبر مطابق ته پريس ڪلب گهوٽڪي ۾ نادر علي شيخ پنهنجي والد غوث بخش شيخ جو لاش کڻي پهتو ۽ ساٿس گڏ والده مائي تاجل شيخ ڳالهه غوث بخش شيخ گڏ هئي صحافين سان ڳالهائيندي انهن چيو ته هو سرحد ويجهو ڳوٺ چاچڙ شيخ جا رهواسي آهن جيڪي پوليس اسٽيشن ڪچو بندي، IIجي حد ۾ ڪانا ۽ سڙڪي رهيا هئا ته حد جي پوليس طرفان اڪيل چئين بجي شاهر جو ڌرون حملو ڪيو ويو جنهن ۾ غوث بخش شيخ سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي هو موٽر سائيڪل تي تعلقا اسپتال گهوٽڪي کڻي وڃي رهيا هئا ته زخمي پيرسن شخص رستي ۾ فوت ٿي ويوجنهن بعد هو لاش کڻي پريس ڪلب پهتا آهن ته ساڻن انصاف ٿئي جو هو ڏوهاري ته پر پرامن ڳوٺاڻا آهن ۽ مقتول خلاف ڪو به ڪيس داخل ناهي.ان موقعي تي پريس ڪلب جي صحافين نياز چنا،الهوارايو بوزدار،يوسف منگي،شاهد چنه، صدام ملڪ،نديم پٽي ۽ سول سوسائٽي گهوٽڪي جا متحرڪ ڪارڪن ايڊووڪيٽ اياز لطيف دايو ۽ ايڊووڪيٽ رئوف پارس دايو پڻ موجود هئا، صحافين طرفان تعلقا اسپتا گهوٽڪي رابطو ڪري ايمبولنس گهرائي ڪين وڌيڪ قانوني گهرجن ۽ ڪاروائي لاءِ تعلقا اسپتال گهوٽڪي روانو ڪيو،بعدۡ طرف واسطيدار حد جي پوليس جو موقف سامهون ناهي اچي سگهيو ته هي ڪو پوليس مقابلو هو يا اتفاقي واقعو هي،سول سوسائٽي گهوٽڪي ايس ايس پي محمد انور کيٽران کان معاملي جي غيرجانبدارانا جاچ ۽ انصاف جون تقاضائون پوريون ڪرڻ جي گهر ڪئي وئي آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

ڪري ڇڏيو جڏهن هڪ زخمي عاشق چانڊيو کي حالت گنڀير هجڻ سبب ڪيس سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي جڏهن ڌرين ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال آهي

بقايا 3 روزاني عبرت

وقت گذرڻ باوجود ظاهر نه ڪرڻ تي اسان ڏاڪر ابراڙي ۽ وارثن کي ڳڻتي آهي ڪيس ٽرٽ ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي ته جيئن انصاف ٿئي هنن چيو ته اسان آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان فوري مطالبو ٿا ڪريون ته اشوڪ ڪمار کي ظاهر ڪري اساوارثن سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 4 روزاني عبرت

الزام مڙهيندي دانهيو ته اسان سيوهڻ جي ڪربلا پاڙي جا رهواسي آهيون منهنجي پٽ جي سهري ٻيو جتوئي ۽ سندس پٽن پاڃن غلام حسين، ستان فقيرو بيارو جتوئي ۽ ٻين اسان جو بنا جواز جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، ڄاڻايل بااثر گهرو معاملي تان منهنجي هڪ پٽ منظار جتوئي کي پٽسي جي زور تي بلاجواز راڃي پور پوليس هٿان گرفتار ڪرايو آهي، جڏهن ته منهنجا 2 ٻيا پٽ رسول بخش ۽ گلاب جتوئي سيوهڻ تعلقي جي ڪچي واري علائقي ۾ رهندا آهن ۽ هاريو ڪري پيٽ گذر ڪندا آهن هاڻي ڄاڻايل بااثر ماڻهن انهن جو به جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪين موتمار ڌمڪيون ڏئي هٿان لڏو کڻي وڃڻ جو چئي رهيا آهن هن چيو ته اسان غريب آهيون ۽ اسان جي ڪير به دانهن ٻڌڻ وارو ناهي ۽ هاڻي سيوهڻ پوليس به منهنجي ٻين پٽن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ چاپا هڻي اسان جو سڪون ختم ڪري ڇڏيو آهي هنن آئي جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي جامشورو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽس وٺي بااثر جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪين تحفظ ڏنو وڃي ۽ گرفتار پٽ کي آزاد ڪرائي ڏنو وڃي.

بقايا 5 روزاني عبرت

بٺيل آهي ۽ سنڌس ميينا مداخلت سبب علائقي جي امن پسند ماڻهن لاءِ مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن هنن الزام لڳايو ته بن ڌرين رڇ ۽ جهيڙا ڪرائي ملڪيتن تي قبضا يا ڪين قبائل جون ميينا ڪوشش ڪيون وڃن ٿيون جنهن سبب ڪيترائي ساٿهو پريشان آهن هن چيو ته سنڌس خاندان کي ڪوڙن ڪيسن سان گڏ جاني ۽ مالي نقصان جو پڻ خدشو آهي هن بڌايو ته سنڌس پاڻ سليم مشتاق ورڪ خلاف ڪندو مستي ٿاڻي تي چوري جي الزام هيٺ ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جيڪا ڪوڙي ۽ بي بنياد آهي هن چيو ته سنڌن زمين جو معاملو عدالت ۾ پڻ زير سماعت آهي ۽ زميني تڪرار سبب ڪين مسلسل ميينا ڏباءُ ۽ ڌمڪين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن وزيراعظم پاڪستان چيف آف آرمي اسٽاف، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي سمورن الزامن جي غيرجانبدار شفاف ۽ قانون موجب جاچ ڪرائي وڃي، ڪين ۽ سنڌن خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ جاچ دوران جيڪي حقيقتون سامهون اچن تن جي روشني ۾ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 6 روزاني عبرت

سرگرم وڪيل سرائي رحيم خاصخيلي خلاف ڪنري ٿاڻي ۾ داخل ڪيس پوليس عملدارن جي ميينا ڪردار تي سخت احتجاج ۽ ڳڻتي ظاهر ڪندي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ جو مطالبو ڪيو آهي بار پاران ايس ايس پي عمرڪوٽ جي فوري بدلي ۽ لاڳاپيل پوليس آفيسرن کي جاچ مڪمل ٿيڻ تائين معطل ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي.ان عمل خلاف 9 آڪٽوبر 2026 ع تي مڪمل هڙتال عدالتن جي احاطي ۾ پوليس اهلڪارن جي داخلا تي پابندي هجڻ جو اعلان ڪيو ويو ۽ ٻين بار ايسوسيئشن کان يڪجهتي جي اپيل ڪئي وئي آهي قرارداد جو بنيادي مقصد وڪيل برادريءَ جي عزت، آزادي ۽ پيشورانه حقن جو تحفظ ۽ ڪنهن به وڪيل کي ميينا طور هراسان يا ناجائز نموني ڦاسائڻ خلاف قانوني ڪارروائي جو مطالبو آهي

بقايا 7 روزاني عبرت

ويا جنهن بعد ٽرڪ ڊرائيورن ٽرڪون روڊ تي بيهاري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جنهن ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن تي گاڏين جون وڏيون قطارون لڳي ويون ۽ روڊ بلاڪ ٿي ويو جنهن بعد سائيٽ پوليس جي وڏي اٿاڪي ايس ايڇ او طارق چنا جي اڳواڻي ۾ پهچي روڊ کولرائڻ جي ڪوشش ڪئي ته پوليس ۽ ڊرائيورن ۾ ڌڪ چڪ ۽ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي جنهن دوران ايس ايڇ او طارق چنا سوري رڪارڊ ڪندڙ ڊرائيورن کان موبائل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي هنن سجرجي سخت نعريبازي ڪئي بعد ۾ بن ڪلاڪن کان پوءِ ڳالهيون ڪري جوابدارن خلاف ڪاروايي جي يقين ڏيارڻ تي احتجاج ختم ڪيو ويو آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

جاتي منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن سنڌس طبي معائنو ڪيو اسپتال ذريعن موجب اسعاد جي حالت کي نظر ۾ رکندي ڪيس وڌيڪ علاج ۽ جاچ لاءِ سول اسپتال ٺٽو ريفر ڪيو ويو آهي، جتي سنڌس علاج جاري آهي ياد رهي ته ڪي ڏينهن اڳ هٿياربند ڦورڙن استاد علي حسن خاصخيلي کي رستي ۾ روڪي تشدد ڪرڻ بعد سنڌس موٽرسائيڪل موبائيل فون نقد رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا. واقعي کانپوءِ استادن ۽ شهرين ۾ ڳڻتي جي لهر ڇانئيل آهي ۽ هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي.

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪري سنڌن اي پورٽل تي موڪليا ويا آهن جتان ڊائونلوڊ ڪري انهن جي پرنٽ ڪيري سگهجي ٿي ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر ايڊميشنز طرفان جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ايڊميشن ڊائريڪٽوريٽ اميدوارن جي رهنمائي ۽ مدد لاءِ چنجر 10 آڪٽوبر تي صبح 11:00 کان شام جو 4:00 وڳي تائين کليل هوندو اميدوار ايڊمٽ ڪارڊ سميت ڪنهن به مسئلي لاءِ ڊائريڪٽوريٽ جي ٽيم سان رابطو ڪري مدد حاصل ڪري سگهن ٿا.

بقايا 10 روزاني عبرت

ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي سنڌن داد رسي ڪئي وڃي ۽ ڪين متبادل رهائش يا قانوني تحفظ فراهم ڪيو وڃي هوڏانهن ريلوي انتظاميا سان رابطو ڪرڻ تي بڌايو ويو ته ريلوي جي حدن ۾ حدنخلين خلاف آپريشن ڪيو ويو آهي انتظاميا موجب متاثرن کي اڳ ئي نوٽيس تعمير ڪرڻ کان منع ڪيو ويو هو ته هنن هوندي به تعميرات ڪيون ويون

بقايا 11 روزاني عبرت

ٿيڻ بعد ننگرپارڪر پوليس ڪيس داخل ڪري ڇڏيو بي طرف بد فعلي جو شڪار متاثر نوجوان صحافين کي بڌايو ته پرائمري ماستر مون کي به بخش نه ڪيو ته هو معصوم شاگردن کي ڪٿين بخش ڪندو هن چيو ته تعليم کاتي ۽ اعليٰ آفيسرن کي گهرجي ته واقعي جي جاچ ڪري غلط ڪم ڪندڙ پرائمري ماسٽر کي فوري طور تي نوڪري مان هٽايو وڃي

بقايا 12 روزاني عبرت

آفيس ٽائين ريلي ڊي سي آفيس آڏو ڌرڻو گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن ضلع ڪائونسل چيئرمين خلاف نعريبازي روڊ جي تعمير جو مطالبو ٻي صورت ۾ بلدياتي اليڪشن جي بائيڪاٽ جو فيصلو تفصيل موجب باگو ڏهو کان ميرپور ماٿيلو ٽائين پنجويهن سالن کان روڊ جي تعمير نه ٿيڻ خلاف جمعيت علماء اسلام يونٽ باگو ڏهو جي سڏ تي سوين ڳوٺن جي رهواسين پاران باگو ڏهو کان ڊي سي گهوٽڪي جي آفيس ٽائين ريلي ڪيڍي ڊي سي آفيس آڏو ڌرڻو هڻي گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن ضلع ڪائونسل چيئرمين توڙي جو غير قانوني طريقي سان پندرهن سالن کان ڊوليپمنٽ انچارج جي پوسٽ تي قابض بقيل ڪاموري خلاف نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي مولانا ممتاز چاچڙ مولانا محمد حسن پتاڻ سوشل ورڪر علي بخش ميراڻي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته هر سال ترقياتي اسڪيمن جي مد ۾ سنڌ حڪومت اربين روپين جا فنڊ جاري ڪري ٿي جيڪي فرضي ڪمپنين جي نالن تي بغير ڪنهن ڪم ڪرائڻ ڪرپشن جي نظر ٿي وڃن ٿا جنهن سبب پنجويهن سالن کان باگو ڏهو کان ميرپور ماٿيلو ٽائين روڊ جي تعمير نه ٿي سگهي آهي روڊ ۾ وڏا وڏا کڏا پئجي ويا آهن شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ماڻهون سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن هنن چيو ته هر اليڪشن جي موقعي تي گهوٽڪي ضلعي جا چونڊيل نمائندا توڙي جو ضلع ڪائونسل چيئرمين وائيس چيئرمين روڊ ٺهڻ جا وعدا ڪري وڃن ٿا ٻي واري وري اليڪشن ٽائين غائب رهن ٿا هنن چيو ته ڪجهه وقت اڳ علائقي واسين پاران ضلع ڪائونسل چيئرمين بنگل خان مهر توڙي جو گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن کي قرآن پاڪ جا واسطا ڏنا ويا پر ڪو ڪڌيل نه نڪتو آهي هنن مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽس وٺي روڊ جي تعمير ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ بلدياتي اليڪشن ۽ پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو هوڏانهن گهوٽڪي ضلعي جي سياسي سماجي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته گهوٽڪي ضلعي جي چونڊيل نمائندن سموري بجيٽ هڙپ ڪرڻ لاءِ پندرهن سالن کان غير قانوني طريقي سان ڊوليپمنٽ انچارج جي پوسٽ تي هڪ اسسٽنٽ مختيارڪار کي مقرر ڪرائي ڇڏيو آهي جنهن سبب گهوٽڪي ضلعي ۾ اربين روپين جا فنڊ جاري ٿيڻ باوجود روڊ رستا تعمير ٿيڻ هڪ خواب بڻجي ويو آهي

بقايا 13 روزاني عبرت

جي واکاڻ ڪئي ۽ مختلف منصوبن ۾ پنهنجي مڪمل سهڪار جو يقين ڏياريو ان موقعي تي محمد قاسم سراج سومرو وائيس چانسلر سان گڏ شهيد محترمه بينظير ڀٽو ڪنوينشن سينٽر جو دورو ڪيو ۽ اتي قائم ٿيل شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيئر سميت مختلف چيئرز ڏٺيون ۽ انهن جي سرگرم ڪردار جي تعريف ڪئي هن سينٽر ۾ قائم شهيد بينظير ڀٽو گئلري ۾ آويزان ٿيل شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي يادگار تصويرن کي پڻ وڏي دلچسپي سان ڏٺو ۽ محترمه جي شخصيت ۽ جدوجهد کي خراج تحسين پيش ڪيو هن وزيٽرس بڪ تي پنهنجي تاثرات پڻ لکيا ان موقعي تي شهيد محترمه بينظير ڀٽو چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ريحانه ملاح ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 14 روزاني عبرت

هو علاج دوران فوت ٿي ويو مقتول جو لاش ڪوٽڙي اسپتال آڻڻ پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. واقعي بعد علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال برقرار آهي خدا جي بستي ٿاڻي جي پوليس پاران واقعي بابت جاچ شروع ڪئي وئي آخري اطلاع ٽائين ڪو به ڪيس داخل نه ٿيو ۽ ڪوبه جوابدار گرفتار نه ٿيو هو

بقايا 15 روزاني عبرت

پٽي. اطلاع ملڻ تي اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي زخمي عورت کي سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيس جتي ڪيس طبي امداد فراهم ڪئي وئي پوليس موجب زخمي عورت جي سڃاڻپ ۽ ترين مان ڪرڻ جا سبب معلوم ڪرڻ لاءِ پوليس پاران ريلوي انتظاميا کان معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي بابت مختلف رخن کان جاچ ڪئي پئي وڃي جڏهن ته عورت جي سڃاڻپ ۽ ترين مان ڪرڻ جا اصل سبب جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ سامهون اچي سگهندا.

بقايا 16 روزاني عبرت

عبداللطيف ڀٽائي رح ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙي رح جي پيغام، فڪر ۽ صوفي شاعري کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو سنڌن لاڏاڻو نه رڳو وارثن ۽ عقيدتمندن ۾ سنڌ جي صوفي راڳ جي دنيا لاءِ پڻ هڪ وڏو نقصان قرار ڏنو پيو وڃي تازو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس مبارڪ تي منسٽر ثقافت ڪاٽر ذوالفقار علي شاهه ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران راڳي فقير امير بخش مگسي کي شاهه لطيف ايوارڊ سان نوازيو ويو هو مرحوم جي جنازي نماز اڄ خميس ڏينهن شام 7 وڳي درگاهه شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ تي ادا ڪئي وئي

بقايا 17 روزاني عبرت

رياست جا حاڪم (والي) بڻيا، جڏهن ته آڪٽوبر 1955ع ۾ خيرپور رياست جي پاڪستان ۾ ضم ٿيڻ ڪانپوءِ خيرپور رياست جو دور ختم ٿيو.خيرپور رياست 1783ع ۾ قائم ٿي هئي ۽ رياست جو اقتدار لڳ ڀڳ پوڻا ٻه سو سالن ٽائين رهيو مير سهراب خان اول خيرپور رياست جا پهرين حڪمران بڻيا، جڏهن ته ٽالپر خاندان جي 8 حڪمرانن خيرپور رياست تي حڪمراني ڪئي.ٽالپر خاندان جي تاريخ ۾ ٽالپرن کي جنگي علم ۽ امن جي دور طور ياد ڪيو وڃي ٿو هلندڙ هفتي جي سومر ۽ آڱاري جي وچ واري رات طبيعت خراب ٿيڻ سبب هز هائينس مرحوم مير علي مراد خان ٽالپر کي ايس آءِ يو تي اسپتال سکر منتقل ڪيو ويو جتي هو لاڏاڻو ڪري ويا. آڱاري ڏينهن سنڌس ڪوٽ ڊيڃي جي ڪکر محلي واري آبائي قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي، جڏهن ته خميس ڏينهن خيرپور جي تاريخي فيض محل ۾ سنڌس ٽيجهي جي تقريب منعقد ٿي مرحوم هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپر جي پٽن مير رضا عباس ٽالپر ۽ مير مهدي رضا ٽالپر سميت ٽالپر خاندان جون سمورين اهم شخصيتن تقريب ۾ شريڪ ٿيون ٽيجهي جي موقعي تي هزارين ماڻهن تقريب ۾ شريڪ ٿيا جڏهن ته مرحوم هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپر جي ايصال ثواب لاءِ ختم شريف پڻ منعقد ڪئي وئي،مجلس عزا کي پروفيسر شيخ وزير علي بو ترابي ۽ ذاڪر اهل بيت سيد رضا عباس شاهه خطاب ڪيو بعد ۾ مرحوم جي مغفرت ۽ بلند درجات لاءِ اجتماعي دعا گهري وئي هوڏانهن فيض محل جي ترجمان ايڊووڪيٽ سيد رحمان شاهه جي پريس ڪانفرنس، تاج پوشي واري هلندڙ خبرون جي ترديد ،مير علي مراد خان ٽالپور جي جان نشين جي تاج پوشي جي رسم چاليهي تي ادا ڪئي ويندي

بقايا 18 روزاني عبرت

جي اڳواڻي ۾ باب النوح کان شروع ٿي جيڪا شهر جي مختلف رستن ۽ هنڌن کان ٿيندي درگاهه سرور نوح تي پهچي ختم ٿي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته فلسطيني مسلمانن تي ظلم ۽ بربريت جو سلسلو جاري آهي جنهن سبب فلسطين جو عوام سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيو آهي هنن چيو ته فلسطينين سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ هر باشعور انسان جو فرض آهي ۽ عالمي برادري کي گهرجي ته فلسطين جي عوام جي ڏک ۽ تڪليفن جو احساس ڪندي پنهنجو ڪردار ادا ڪري اڳواڻن پنهنجي خطاب ۾ فلسطين جي مظلوم عوام سان همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته غزه جي صورتحال تي عالمي سطح تي سنجيده ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي هنن مطالبو ڪيو ته فلسطينين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ عالمي برادري پنهنجون ذميواريون نڀائي

بقايا 19 روزاني عبرت

تي ڌرڻو ختم ڪيو تفصيل موجب: راڃي پور ۾ بودگر روڊ تي سان نجي اسڪول پرسان 4 موٽرسائيڪلن تي سوار نامعلوم هٿياربندن پاران شهري عبدالعزيز عباسي کان نئين موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري وڏي آساني سان فرار ٿي ويا، جنهن بعد شهرين پاران ٿاڻي جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ان موقعي تي مظاهرين ايڊووڪيٽ اسد علي راڃپر توقير چاهوڻ عبدالعزيز راڃپر ۽ بڌايو ته نامعلوم هٿياربندن عبدالعزيز عباسي کان 125 موٽر سائيڪل ماڊل 2026 ۽ هڪ ٽچ موبائل فون ڪجهه اهم دستاويز ڦر ڪرڻ بعد آسانيءَ سان فرار ٿي ويا اهو هاڻي روڊ جو معمول بڻجي ويو آهي چور ڦر جون وارداتون عام ڳالهه بڻجي ويون آهن راڃي پور ۾ بدامني وڌي وئي آهي جنهن سبب اسان شهري محفوظ ناهيون رهيا، جنهن بعد ايس ايڇ او راڃي پور امير علي چانگ سنڌن کان هڪ ڏينهن جي مهلت ورتي آهي اگر موٽر سائيڪل ۽ سامان رڪور نه ڪرايو ته راڃي پور ٿاڻي آڏو ٻيهر ڌرڻو هنيو ويندو جيڪو موٽر سائيڪل واپس رڪور ٿيڻ تائين جاري رهندو

بقايا 20 روزاني عبرت

ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب ڪين وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي ريفر ڪيو ويو وڃي سڃاڻ ڌرين پاران ٽرڪول بلاڪ رن جهڙي وڏي صنعتي منصوبي ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن لاءِ گهربل حفاظتي سامان فائر سيفٽي ۽ ايمرجنسي انتظام ڪيترا مؤثر آهن؟ ذريعن جو چوڻ آهي ته حفاظتي سهولتن جي کوٽ سبب پورهيتن جون جانيون خطري ۾ پئجي رهيون آهن واقعي ڪانپوءِ پورهيتن ۽ سنڌن وارثن ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي آهي، جڏهن ته ذميوارن خلاف ڪارروائي ۽ حفاظتي انتظام بهتر بڻائڻ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي ٻئي طرف بلاڪ رن ۾ ميڊيا ڪو آرڊينيٽر نه ملي هجڻ ڪري واقعي جا وڌيڪ تفصيل نه ملي سگهيا

بقايا 21 روزاني عبرت

سي آفيس جي دربار هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ضلعي اندر امن امان جي مجموعي صورتحال ڏوهن جي روڪٿام، غير قانوني سرگرمين خلاف جاري ڪارروايين ۽ مختلف لاڳاپيل ادارن جي گذريل مهيني جي ڪارڪردگي جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ڪو محمد طارق ڪاڪا، مهراڻ يونيورسٽي جي اڳواڻي پرو وائيس چانسلر ۽ ايڪسيس ڪميٽي جي ميمبر پروفيسر فرمان علي شاهه، ڊپٽي ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ الله بچايو لاڪو روميين ڊوليپمينٽ ڊيپارٽمينٽ جي سيف هاوس انچارج سيده قرة العين شاهه مختلف تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن زراعت، خوراڪ، ايڪسائيز، موٽروي پوليس، ضلعي پوليس رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سميت لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ڊپٽي ڪمشنر گذريل مهيني مختلف ادارن پاران غير قانوني سرگرمين خلاف ڪيل ڪارروايين ۽ ڏوهاري عنصرن خلاف ڪيل ڪارروايين بابت تفصيلي بريفنگ ورتي صوبائي ۽ وفاقي ادارن جي آفيسرن پنهنجي پنهنجي ڪارڪردگي، ڪارروايين ۽ حاصل ڪيل نتيجن بابت رپورٽون پيش ڪيون. پوليس آفيسرن پاران ضلعي اندر ڏوهاري عنصرن ۽ قانون جي پڪڙ ڪندڙن خلاف ڪيل ڪارروايين بابت پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس کي بڌايو ويو ته ڏوهاري عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪارروايون وڌيڪ اثرائتي انداز ۾ جاري رکڻ سان گڏ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر موٽروي پوليس ۽ ضلعي پوليس کي هدايت ڪئي ته هاءِ ويز تي ٽريفڪ قانونن تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ۽ گاڏين جي چيڪنگ جو عمل وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي هن لاڳاپيل عملدارن کي هاءِ ويز تي غير قانوني ۽ اوورلوڊ ۽ ڏاهيل پورڻ ختم ڪرڻ پينو ٿڦرين جي روڪٿام ۽ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ جون پڻ هدايتون ڏنيون اجلاس ۾ غير رجسٽرڊ مدرسن خلاف ڪيل ڪارروايين، خوراڪ کاتي پاران ڪڻڪ جي ذخيره اندوزي خلاف کنيل قدمن جڏهن ته جيسڪو پاران بجلي چوري ۽ ڪنڊا مافيا خلاف ڪيل ڪارروايين جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري چيو ته عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ امن امان جي قيام ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ سمورا لاڳاپيل ادارا گڏيل سهڪار مؤثر رابطي ۽ مربوط حڪمت عملي تحت پنهنجون ذميواريون ذميواري سان سرانجام ڏين هن چيو ته ضلعي ۾ قانون جي بالادستي، امن امان جي بهتري ۽ غير قانوني سرگرمين جي خاتمي لاءِ ادارن وچ ۾ بهترين ڪوارڊينيشن ضروري آهي. جڏهن ته ڪنهن به قسم جي غفلت يا لاپرواهي کي برداشت نه ڪيو ويندو ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته ڊسٽرڪٽ ڪوارڊينيشن ايڪس ڪميٽي جا اجلاس هر مهيني باقاعدگي سان ۾ پيرا منعقد ڪيا وڃن ٿا جن ۾ مختلف ادارن جي ڪارڪردگي ۽ ڪيل ڪارروايين جو تفصيلي جائزو وٺڻ بعد رپورٽون صوبائي ۽ وفاقي ايڪس ڪميٽين ڏانهن اماڻيون وڃن ٿيون ته جيئن ضلعي جامشورو ۾ ڏوهن جي خاتمي، امن امان جي قيام ۽ قانون جي بالادستي کي وڌيڪ اثرائتو ۽ يقيني بڻائي سگهجي.

بقايا 22 روزاني عبرت

۽ ڪيش رقم ۽ موبائيلون ڦر ڪري فرار ٿي ويا اسان جي 50 لکن کان مٿي ماليت جي ڦر ٿي آهي ايس ايس پي سيد سليم شاهه کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان جو ڦر ٿيل سامان واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي پوليس موجب گهرياتين کان تفصيل ورتا آهن ته سي سي ٽي وي چيڪ ڪري رهيا آهيون جلد ڦورو گرفتار ڪري سامان رڪور ڪرايو ويندو ٻي پاسي گذريل هفتي ۾ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ موٽرسائيڪل چورين سميت ڦرون ۽ ڏوهن ۾ اضافو ٿي ويو آهي جنهن تي پوليس اڃان ٽائين ڪک پڇي پئي ناهي ڪيو

بقايا 23 روزاني عبرت

آهي ته سنڌس چوڻ موجب زمين جي تڪرار تان مٿس داخل ڪرايل ميينا ڪوڙن ڪيسن جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ ڪيس ۾ سنڌس گهرياتين کي جاني ۽ مالي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.احتجاج دوران ارشد بوزدار صحافين کي بڌايو ته سنڌس پنهنجي پاڻين سان گڏيل زمين تي ڪن سالن کان زمين جي تڪرار هلندڙ آهي سنڌس الزام آهي ته علائقي جا ڪجهه بااثر ماڻهو ميينا طور زمين جي تڪرار جو قانوني فيصلو [illegible] گرفتار ڪرايو ويو ڪيس مختلف ڪيسن ۾ ڦاسائي ميينا طور هراسان ڪيو پيو وڃي ارشد بوزدار موجب ڪيس سنڌس معصوم ٻارن کي ميينا طور روڙائو ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون جنهن بابت هو اعليٰ اختيارين کي ڪيترائي درخواستون ڏئي چڪو آهي پر سنڌس چوڻ موجب ڪيس اڃا تائين انصاف ۽ قانوني تحفظ فراهم ناهي ڪيو ويو هن وڌيڪ الزام لڳايو ته 20 سيپٽمبر تي مجاهد بوزدار جي فرياد تي سنڌس خلاف چوري جو ڪيس داخل ڪرايو ويو جڏهن ته ڪيس ميينا طور زمين جي تڪرار بابت هلندڙ ڪيسن تان هٽ ڪڻڻ لاءِ دٻاءُ وڌو پيو وڃي ۽ وڌيڪ ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون وڃن ٿيون ارشد بوزدار مظفر بوزدار، مشتاق بوزدار غلام محمد بوزدار ۽ مجيد ڪان جاني ۽ مالي خطري جو اظهار ڪندي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ڪيس ۽ سنڌس گهرياتين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي هن چيو ته انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ هو پنهنجي قانوني ۽ جمهوري حق استعمال ڪندي احتجاج جو سلسلو جاري رکڻ تي مجبور ٿيندو

بقايا 24 روزاني عبرت

استعمال هيٺ هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا پهرين ڪاروائي دوران ميهڙ اي سيڪشن پوليس بٺي قتل جي ڪيس ۾ اشتهاري جوابدار اقبال احمد جانوري کي گرفتار ڪيو گرفتار جوابدار هڪ سال اڳ پراڻي دشمني تان قتل ڪيل بن چڻن 55 روهين جي حاجي بخشل ۽ نوجوان عجيب الله جانوري جي قتل ڪيس ۾ گهربل هو جڏهن ته ٻي ڪاروائي دوران ميهڙ اي سيڪشن پوليس اقدام قتل جي بن ڪيسن ۾ گهربل جوابدار شعيب ڏيپر کي بنا لائسنس ريپيٽر گن سميت گرفتار ڪري ورتو جوابدار خلاف اسلحه ايڪٽ تحت ڌار ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي خصوصي جنسي ڏوهن واري جاچ يونٽ (SSOIU)دادو جي جاچ آفيسر ليڊي انسپيڪٽر ياسمين سومرو پوليس پارٽي سان گڏ ڪاروائي ڪندي قلنڊي وليج ٿاڻي ۾ داخل عورت اغوا جي ڪيس گناهه نمبر 22/2026 ۾ گهربل بن جوابدارن محمد هاشم جطلاڻ ۽ ساجد علي جطلاڻ کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي ٿاڻو سيدپور پوليس جي ڪاروائي ڪندي جي ڪچي واري علائقي ۾ سيدپور ٿاڻي جي پوليس ڪاروائي ڪندي غيرقانوني هٿيارن سميت جوابدار مبين ولد رستم چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار جي قبضي مان بنا لائسنس پستول ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي دادو اي سيڪشن پوليس جون مختلف هنڌن تي ڪاروايون بن گٽڪا فروش جوابدارن عبدالحفيظ جمالي ۽ عبداللطيف سولنگي کي گرفتار ڪري سنڌن وٽان نشي آور گٽڪا سوپاريون ۽ 6 پيڪٽ هٿ ڪيا ويا جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن راڃو ديرو ۾ [illegible]

بقايا 25 روزاني عبرت

سبب اڳ جي سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيون آهن [illegible]

بقايا 26 روزاني عبرت

موجب وارڊ نمبر [illegible]

بقايا 27 روزاني عبرت

ڏني مقرر ڪيو ويو آهي [illegible]

بقايا 28 روزاني عبرت

ڏيڻ بعد ڳڻتي جوڳي حالت ۾ [illegible]

بقايا 29 روزاني عبرت

اهلڪارن ريسڪيو آپريشن ڪيو ۽ زخمين [illegible]

بقايا 30 روزاني عبرت

عبدالمجيد عبدالڪريم شاهه الله [illegible]

بقايا 31 روزاني عبرت

ڪوهلي فوت ٿي [illegible]

بقايا 32 روزاني عبرت

منتقل ڪيو ويو [illegible]

بقايا 33 روزاني عبرت

عباس گوپانگ فوت ٿي ويو [illegible]

بقايا 34 روزاني عبرت

فوت ٿيڻ ۽ پوسٽ مارٽم [illegible]

بقايا 35 روزاني عبرت

ولد سميجو [illegible]

بقايا 36 روزاني عبرت

ڏائين پوليس [illegible]

بقايا 37 روزاني عبرت

ڪئي ان موقعي تي مظاهرين جي قيادت [illegible]

بقايا 38 روزاني عبرت

مختلف علائقن [illegible]

بقايا 39 روزاني عبرت

سلسلو فوري طور بند ڪيو وڃي [illegible]

بقايا 40 روزاني عبرت

انڪشاف ٿيو آهي [illegible]

بقايا 41 روزاني عبرت

اعلي اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي

گھوٽڪي ڪچي ۾ مبينا پوليس پاران ڇاڙيل ڌرين حملي ۾ پيرسن فوت، وارثن جو احتجاج

ڳوٺ ڇاڇڙ شيخ لڳ سرن مان ڪاٺا وڍيندڙ پورهيت غوث بخش شيخ ڌرين حملي ۾ سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي وارث ڪٺائي اسپتال اچي رهيا هئا ته رستي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

لاش ڪٺائي وارثن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي اعليٰ عملدارن کان نوٽيس وٺي انصاف جو مطالبو

گھوٽڪي (رپورٽ فرمان سومرو) گھوٽڪي جي ڪچو بندي ٿاڻي جي حد ۾ سر ۽ ڪاٺا ڪٽيندڙ پورهيتن مٿان مبينا پوليس پاران ڇڏيل ڌرين جو حملو پيرسن رپورٽ حالت ۾ وارث

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: پاڪستان ريوينيو جي اڪائونٽنٽ جنرل نثار احمد ڏي جي انفارميشن ڊپارٽمينٽ رئيس عادل سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ ٺاڪر اتحاد پاران واپاري اشوڪ ڪمار جي گرفتاري خلاف احتجاج

ڊاڪٽر امرشي ٺاڪر، ڏيارام ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين عورتن ۽ مردن احتجاج ڪيو

پوليس باٿرن جي چوڻ تي واپاري اشوڪ ڪمار کي ڪنهن گم ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان(ڊ) ٽنڊو محمد خان ۾ ٺاڪر اتحاد جي اڳواڻن ڊاڪٽر امرشي ٺاڪر، ڏيارام جي اڳواڻي ۾ سوين عورتن ۽ مردن شيخ پرڪيو پوليس هٿان واپاري اشوڪ ڪمار کي مبينا طور بلاجواز گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو، احتجاج دوران پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ايس ايڇ او شيخ پرڪيو تي ڪيلي جي واپاري اشوڪ ڪمار کي بااثر ماڻهن جي چوڻ تي گرفتار ڪيو آهي هنن چيو ته اشوڪ ڪمار جي گرفتاري کي 48 ڪلاڪن کان وڌيڪ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙيءَ لڳ ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 4 ڄڻا زخمي، هڪ ڄڻو ڳڀتي جوڳي حالت ۾ حيدرآباد منتقل

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي بروهي چونڪ واري علائقي ۾ ڀٽا ۽ چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڏنڊا ۽ سروٽا لڳڻ سبب چانڊيا برادري جا 4 ڄڻا عاشق چانڊيو غلام حسين سجاد ۽ ارشاد چانڊيو زخمي ٿي پيا زخمين کي پوليس ليٽر ڏئي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙيءَ منتقل

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ ۾ پيرسن عورت جو پينو فقير پٽ سان گڏجي پوليس ۽ بااثر جي ڏاڍاين خلاف احتجاج

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ جي ڪربلا پاڙي واسي پيرسن عورت مسمات مٺل جتوئي ڪالهه پنهنجي پينو فقير پٽ غلام علي جتوئي سان گڏ نيشنل پريس ڪلب پهچي راڻيپور ۽ سيوهڻ پوليس سميت بااثر جي ڏاڍاين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس ۽ بااثرن خلاف نعريبازي ڪئي، ان موقعي متاثر پيرسن عورت صحافين آڏو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي لڳ ٽرڪ ڊرائيورن کان ڦرلٽ، گاڏيون بيهاري ڌرڻو، مين روڊ بلاڪ، پوليس سان ڇڪريون

چانول گودام پرسان هٿياربندن ٽرڪ ڊرائيورن کان هزارين روپيا روڪ ۽ موبائل فون ڦري فرار ٿي ويا

واقعي خلاف ڊرائيورن نيشنل هاءِ وي تي ٽرڪون بيهاري روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو، آمدرفت معطل

پوليس پاران احتجاج ختم ڪرائڻ جي ڪوشش دوران ڇڪتاڻ پيدا ٿي وئي، ڳالهين بعد روڊ کوليو ويو

ڪوٽڙي (رپورٽ حسين شورو) ڪوٽڙي سائيٽ ويجهو نيشنل هاءِ وي تي چانول گودام پرسان نامعلوم هٿياربندن پاران ٽرڪ ڊرائيورن کان هٿيارن جي زور تي هزارين روپيا روڪ ۽ موبائل فون ڦري فرار ٿي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

جاتي ويجهو ڦر مزاحمت تي زخمي پرائمري استاد جي طبعيت وڌيڪ خراب

استاد علي حسن خاصخيلي کي رت وارين الٽيون اچڻ تي لئو اسپتال منتقل ڪيو ويو

جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي: وارثن جو مطالبو

جاتي (ن ع) ڪي ڏينهن اڳ اسڪول تان ڊيوٽي ڪري واپس ويندڙ پرائمري استاد علي حسن خاصخيلي کي ڪن هٿياربند ڦورن پاران مبينا طور تشدد جو نشانو بڻائڻ ۽ موٽرسائيڪل موبائيل فون ۽ نقد رقم ڦر ڪرڻ واري واقعي ڪانپوءِ سندس طبيعت وڌيڪ خراب ٿي وئي آهي ذريعن موجب ڦورن جي تشدد سبب استاد علي حسن خاصخيلي کي رت وارين الٽيون اچڻ لڳيون جڏهن ته جسم جي مختلف حصن تي لڳل ڌڪن ۽ ڳجهي تشدد سبب هو هلڻ ڦرڻ کان به لاچار بڻجي ويو وارثن ۽ مقامي ماڻهن ڪيس فوري طور تعلقه اسپتال

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي طرفان بيچلر ڊگري پروگرامز ۾ داخلا لاءِ ٻئي مرحلي جي پري انٽري ٽيسٽ اڄ 11 آڪٽوبر تي ورتي ويندي

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي طرفان بيچلر ڊگري پروگرامز ۾ داخلا لاءِ ٻئي مرحلي ۾ پري انٽري ٽيسٽ اڄ 11 آڪٽوبر تي ورتي ويندي، جنهن جا سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ڊائريڪٽوريٽ آف ايڊميشنز طرفان ٻئي مرحلي ۾ انٽري ٽيسٽ ڏيندڙ سڀني اميدوارن جا ايڊمٽ ڪارڊ جاري

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

لاهور: پوسٽ جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي ٽپال کاتي جا ملازم ٽپال جي ڇانٽي ڪري رهيا آهن ٻي طرف ٽپال کي ريل گاڏي ۾ چاڙهيو پيو وڃي

ميرپورماٿيلو ۾ روڊ جي پنجويهه سالن کان تعمير نه ٿيڻ خلاف جي يو آءِ جي سنڌ تي احتجاج

مظاهرين مولانا ممتاز چاچڙ، مولانا محمد حسن پناڻ، علي بخش ميراڻي ۽ ٻين ڊي سي آفيس آڏو ڌرڻو هنيو

باگوڌه کان ڊرنگ ملوڪ واري روڊ جي پنجويهه سالن کان تعمير نه ٿيڻ سبب وڏا وڏا کڏا پئجي ويا آهن: مظاهرين

ضلعي ۾ اربين روپين جا فنڊ جاري ٿيڻ باوجود روڊ رستا تعمير ٿيڻ هڪ خواب بڻجي ويو آهي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپورماٿيلو: باگوڌه کان ڊرنگ ملوڪ واري روڊ جي پنجويهه سالن کان تعمير نه ٿيڻ خلاف جميعت علماء اسلام جي سنڌ تي سوين ماڻهن پاران باگو ڌهو کان ڊي سي گھوٽڪي جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پ پ ايم پي اي قاسم سراج سومرو طرفان سنڌ يونيورسٽي جو دورو، وي سي سان ملاقات

ملاقات دوران تعليم ۽ تحقيق سان لاڳاپيل گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

شهيد بينظير ڀٽو چيئر سميت مختلف چيئرز جو دورو ڪري سرگرم ڪردار جي تعريف ڪئي

ڄامشورو (ڊ) سنڌ اسيمبلي جي ميمبر محمد قاسم سراج سومرو اڄ سنڌ يونيورسٽي پهچي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغہ امتياز) سان ملاقات ڪئي. ملاقات دوران تعليم ۽ تحقيق سان لاڳاپيل گڏيل دلچسپي وارن معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. وائيس چانسلر معزز مهمان کي سنڌ يونيورسٽي اچڻ تي ڀليڪار چيو ۽ يونيورسٽي جي بهتري لاءِ ڪيل ڪوشش ٿيل اڳڀرائين حاصل ٿيل بهتر نتيجن ۽ مستقبل جي رٿابندين بابت آگاهي ڏني جنهن کي هز سراهيندي وائيس چانسلر جي ڪوشش

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ عوامي ايڪسپريس ٽرين مان عورت ڪري زخمي، اسپتال منتقل، سڃاڻپ لاءِ جاچ جاري

خيرپور(ڊ)خيرپور ۾ سينٽرل جيل پرسان ڪراچي کان لاهور ويندڙ عوامي ايڪسپريس ٽرين مان نامعلوم عورت ڪري زخمي، سول اسپتال منتقل سڃاڻپ لاءِ جاچ جاري اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ سينٽرل جيل پرسان لاهور کان ڪراچي ويندڙ عوامي ايڪسپريس ٽرين مان هڪ نامعلوم نوجوان عورت اوچتو ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ هوءَ سخت زخمي ٿي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ ٻارن جي معمولي ڳالهه تان جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، 3 زخمي

بروهي چوڪ چانڊيا وٽ ٿيل جهيڙي ۾ غلام حسين، سجاد، ارشاد ۽ عاشق چانڊيو زخمي ٿي پيا

هڪ زخمي عاشق چانڊيو کي حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو فوت ٿي ويو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي علائقي بروهي چوڪ وٽ ٻارن جي راند دوران معمولي ڳالهه تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو ڌرين پاران هڪٻئي تي ڏنڊن لٺين ۽ سروٽن سان شديد حملو ڪيو ويو جنهن سبب علائقي ۾ سخت خوف ۽ دهشت پکڙجي وئي جهيڙي جي نتيجي ۾ چانڊيا برادري جا 4 ڄڻا غلام حسين چانڊيو سجاد چانڊيو ارشاد چانڊيو ۽ عاشق چانڊيو سخت زخمي ٿي پيا جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. زخمي عاشق چانڊيو کي ڳڀتي جوڳي حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي جتي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: جهيڙي جا زخمي پنهنجا زخم ڏيکاري رهيا آهن

حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي رح جو راڳي فقير امير بخش مگسي لاڏاڻو ڪري ويو

بلڙي شاهه ڪريم(ن ع) حضرت شاهه عبدالڪريم بلڙي رح جو راڳي فقير امير بخش مگسي ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد اڄ 90 سالن جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو سندن لاڏاڻي جي خبر پوڻ تي علائقي جي علمي ادبي ثقافتي ۽ روحاني حلقن سميت دوستن عزيزن ۽ عقيدتمندن ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي آهي فقير امير بخش مگسي پنهنجي آواز ۽ راڳ ذريعي شاهه

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ جماعت اسلامي پاڪستان پاران فلسطين جي مظلوم مسلمانن سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي وئي

هالا (ن ع) هالا ۾ جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان جي هدايتن تي فلسطين جي مظلوم مسلمانن سان اظهار يڪجهتي لاءِ جماعت اسلامي پاران غزه مارچ ريلي ڪڍي وئي، جنهن ۾ جماعت اسلامي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ريلي جماعت اسلامي ضلعي مٽياري جي امير فقير محمد لاڪو ۽ اياز احمد اصلاحي جي اڳواڻي ۾ باب النوح کان شروع ٿي جيڪا شهر جي مختلف رستن ۽ هنڌن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ مرحوم مير علي مراد خان ٽالپر جي ٽيجهي جي تقريب، مجلس عزا منعقد

تاريخي فيض محل ۾ تقريب ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان مان هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي

مجلس عزا کي پروفيسر شيخ وزير علي بو ترابي ۽ سيد رضا عباس شاهه خطاب ڪيو

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيدپنهور)خيرپور جي اڳوڻي رياست جي آخري حڪمران هز هائينس مرحوم مير علي مراد خان ٽالپرجي تاريخي فيض محل ۾ ٽيجهي جي تقريب منعقد ٿي جنهن ۾ سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان مان هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ مجلس عزا پڻ منعقد ڪئي وئي تفصيل موجب، اڳوڻي رياست خيرپور جي آخري حڪمران هز هائينس مرحوم مير علي مراد خان ٽالپرجي خيرپور جي تاريخي فيض محل ۾ ٽيجهي جي تقريب منعقد ٿي مرحوم هز هائينس مير علي مراد خان ٽالپر 1947ع ۾ خيرپور

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ويجهو اسڪول ويندڙ شاگردن جي ٻن موٽر سائيڪلن ۾ ٽڪر، هڪ فوت ٻه زخمي

جهنڊا شاخ اسٽاپ پرسان پراڻي نيشنل هاءِ وي حادثي ۾ 15 ورهين جي وفا عباس گوپانگ ٿڏي تي دم ڏنو

حادثي جي زخمي 14 ورهين جي عامر ڳاهو، 15 ورهين جي علي مهدي گوپانگ ۽ لاش کي گمس اسپتال منتقل ڪيو ويو

معصوم نينگر جو لاش ضروري ڪارروائي بعد وارث گهر کڻائي پهتا ته ڪهرام مچي ويو

گمبٽ (رپورٽ: مريد حسين ڪاٺوري) گمبٽ لڳ جهنڊا شاخ اسٽاپ پرسان پراڻي نيشنل هاءِ وي روڊ تي اسڪول ويندڙ شاگردن جو ٻن موٽر سائيڪلن ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ 15 سالا شاگرد وفا

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽالهي ويجهو ٽي مهينا اڳ فوت ٿيل نوجوان جي عدالتي حڪم تي قبر ڪشائي

علي رضا گشڪوري جي درخواست تي غلام مصطفيٰ شيخ جي قبرڪشائي ڪرائي وئي

پوليس سرجن جي اڳواڻي ۾ ٽيم پاران قبر ڪشائي ڪري ليبارٽري لاءِ جزا ورتا

ٽالهي (ن ع) ٽالهي ۾ ٽي مهينا اڳ پراسرار نموني فوت ٿي ويل نوجوان غلام مصطفيٰ شيخ جي سول جج ڪنري جڻه سورج جي نگراني هيٺ حيدرآباد کان ڊاڪٽر وسيم خان پوليس سرجن ۽ ڊاڪٽر عبدالصمد جي اڳواڻي ۾ ٽيم پهچي قبر ڪشائي ڪري ليبارٽري لاءِ جزا ورتا، انهي سلسلي ۾ پوليس سرجن ڊاڪٽر وسيم خان ٻڌايو ته اسان عدالتي حڪم تي هتي پهتا آهيون نوجوان جي قبر ڪشائي ڪري جزا وٺي چڪا آهن ليبارٽري مان رپورٽ اچڻ بعد اسان پنهنجي فائنل رپورٽ جاري ڪنداسين جڏهن ته نوجوان جي پراسرار نموني

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پ پ اسٽيوڊا ايمپلائز يونين جي نون عهديدارن کا حلف ورتو پيو وڃي

حيدرآباد: هڪ ٽرڪ پويا ڪاريگر پينٽنگ ٺاهي رهيو آهي

خانپورمهر ۾ پيرسن جو بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

خانپورمهر (ن ع) جروار پرسان داد لغاري ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڳوڏو گبول جي رهواسي پيرسن صادق علي گبول پنهنجي زرعي زمين تي مبينا قبضي ۽ بااثر ماڻهن جي مبينا زيادتين خلاف خانپورمهر پهچي احتجاج ڪيو احتجاج ڪندڙ پيرسن صادق علي گبول جو چوڻ هو ته سندس 10 ايڪڙ زرعي زمين تي علي نواز ولد يار محمد گبول عاجد علي ولد فتح علي گبول مختيار ولد يار محمد گبول يونس

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

MINISTRY OF FOREIGN AFFAIRS
JOINT PRESS STAKEOUT
DEPUTY PRIME MINISTER/FOREIGN MINISTER OF PAKISTAN,
H.E. SENATOR MOHAMMAD ISHAQ DAR & MINISTER OF FOREIGN AFFAIRS OF THE KINGDOM OF BAHRAIN, H.E. DR. ABDULLATIF BIN RASHID AL-ZAYANI
08 October 2026
Islamabad

اسلام آباد: بحرين جو پرڏيهي وزير تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ننگرپارڪر ويجهو جيپ جي ٽڪر ۾ معصوم نينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ پوراڻ واهه وٽ پيش آيل حادثي ۾ 6 ورهين جو اڪشي ڪولهي فوت ٿي ويو

ننگرپارڪر (ن ع) لڳ ڳوٺ پوراڻ واهه ۾ تيز رفتار لانگ جيپ جي ٽڪر ۾ گولاڙچي واسي 6 سالن جو معصوم نينگر اڪشي ولد آڪاش ڪولهي فوت ٿي ويو. ٻڌايو وڃي ٿو ته معصوم نينگر ماڻٽن سان گڏ ننگرپارڪر آيل هو لانگ جيپ ننگرپارڪر جي ڳوٺ ڪارسر جي ڪنڀار برادري جي ٻڌائي وڃي ٿي معصوم نينگر جي ماڻٽن گاڏي مالڪ کي خون بخش ڪري ڇڏيو

خيرپور ۾ ٽنڊومستي واسي ڳوٺاڻن جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ مبارڪ ورڪ واسين نعيم، مشتاق، فياض ورڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

علائقي جا بااثر ٻن ڌرين ۾ جهيڙا ڪرائي مالڪين تي قبضا ڪري رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

خيرپور(ڊ)ٽنڊو مستي ٿاڻي جي حد ڳوٺ مبارڪ علي ورڪ جي رهواسين نعيم مشتاق ورڪ، مشتاق احمد ورڪ، فياض احمد، زاهد پرويز ورڪ، شاهد پرويز ورڪ، اعجاز احمد ورڪ، سجاد ورڪ، علي رضا ورڪ، ڪامران ورڪ، وسيم ميرڪ ۽ فهيم ورڪ پريس ڪلب خيرپور آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري پنهنجي ۽ خاندان جي جان، مال ۽ ملڪيت جي تحفظ لاءِ اعليٰ اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو آهي احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته علائقي جي بااثر شخص مبينا طور مختلف معاملن ۾ ملوث ماڻهن جو سهولتڪار

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ بار ايسوسيئيشن پاران ڪنري ۾ وڪيل تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

وڪيلن پاران ايس ايس پي سهائي عزيز ٽالپر کي هٽائڻ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي وئي

ٽاليواري وڪيل سرائي رحيم خاصخيلي تي داخل ڪيس خلاف بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ويو

عمرڪوٽ (ڊ) ٽاليواري وڪيل سرائي رحيم خاصخيلي تي ڪنري ٿاڻي تي ايف آئي آر داخل، وڪيلن ۽ پوليس ۾ اختلاف تيز، عمرڪوٽ بار جي وڪيلن جو احتجاج، ايس ايس پي سهائي عزيز ٽالپر کي هٽائڻ لاءِ جدوجهد شروع، پوليس اهلڪار عدالت ۾ نه اچڻ جو ڇتاءُ، ڪوڙي ايف آئي آر نامنظور قرارداد پاس 9 آڪٽوبر تي هڙتال جو اعلان ٽاليواري وڪيل سرائي رحيم خاصخيلي تي ڪنري ٿاڻي تي ايف آئي آر داخل ٿيڻ تان عمرڪوٽ جي وڪيلن ۽ پوليس ۾ اختلاف تيز ٿي ويا ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن عمرڪوٽ جي جنرل باڊي،

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ايم اين اي محمد قاسم سراج سومرو سنڌ يونيورسٽي جو دورو ڪري رهيو آهي

ڪوٽڙي ۾ ريلوي انتظاميا جو آپريشن ڪيترائي گهر ڊاهي پٽ، متاثرن جو احتجاج

درياهه بند وٽ سنڌ حڪومت پاران برسات متاثرن کي مليل فنڊ مان تعمير ڪرايل گهر ڊاٺا ويا

متاثرين پاران معاملي جو نوٽيس وٺي کين متبادل رهائش يا قانوني تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي جي درياهه بند وٽ سنڌ حڪومت پاران برسات متاثرن کي مليل فنڊ مان تعمير ڪرايل گهر ريلوي انتظاميا پاران حدبندليون ڄاڻائي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا ويا گهر ڊاهڻ ڪانپوءِ برسات متاثرن چيو ته هو سڄي زندگي ڇيرا اڏي ريهل هئا، سنڌ حڪومت پاران مالي مدد ملڻ تي خوش ٿيا هئاسين ته هاڻي پنهنجن ٻچڙن لاءِ ڇت جي ڇانوَ نصيب ٿيندي، پر ريلوي انتظاميا اوچتو اچي سنڌ گهر ڊاهي ڇڏيا، جنهن سبب هو بيهر کليل آسمان هيٺ اچي ويا آهن متاثرين سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ 6 ڏينهن اڳ ۾ بدفعلي جو نشانو بڻجندڙ نوجوان جو ڪيس داخل

پوليس نوجوان سومار جي فرياد تي پرائمري استاد نظير ۽ لڪاڏنو خاصخيلي خلاف ڪيس داخل ڪيو

پوليس هڪ جوابدار لڪاڏنو خاصخيلي کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر ۾ 6 ڏينهن اڳ ۾ مبينا بدفعلي جو نشانو بڻجندڙ 22 سالن جي نوجوان سومار خاصخيلي جي فرياد تي ننگرپارڪر پوليس ٻن جوابدارن پرائمري ماسٽر نظير احمد خاصخيلي ۽ لڪاڏنو خاصخيلي خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي پوليس پاران ڪيس ۾ گهربل ڄاڻايل لڪاڏنو خاصخيلي کي واقعي واري ڏينهن گرفتار ڪري ورتو هو جڏهن ته پرائمري ماسٽر نظير خاصخيلي واقعي کانپوءِ منظر تان غائب ٿي ويو آهي واقعي بعد ٻنهي ڌرين ۾ سياسي پوڌارن جي اڳواڻي ۾ ڳالهيون هلندڙ هيون پر ڳاهه نه

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

بدين: ايس ٽي پي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر جي خانگي اسپتال جي ڇت جو ملبو ڪرڻ سبب مريضن سميت 7 ڄڻا زخمي

سٽي هيلٿ اسپتال ۾ ڇت ڪمزور ٿيڻ سبب پلستر ڇت ۽ ملبو اوچتو ڪري پيو

علائقي واسين زخمي ثناءُ الله، عائزه، آسيه، رابعه علاج لاءِ ٽراما سينٽر منتقل ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) سول اسپتال روڊ تي واقع خانگي سٽي هيلٿ اسپتال ۾ پلستر ڇت ۽ ملبو اوچتو ڪرڻ سبب مريض ۽ ان جا ملازم سميت ست ماڻهو زخمي ٿي پيا. واقعي کان پوءِ اسپتال ۾ خوف پکڙجي ويو جڏهن ته ريسڪيو 1122 جون ٽيمون فوري طور تي موقعي تي پهچي زخمين کي ملبي مان ڪڍي طبي امداد فراهم ڪئي ذريعن موجب اسپتال جي ڇت ڪمزور ٿيڻ سبب پلستر ۽ ڇت جو هڪ حصو اوچتو هيٺ ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ اسپتال ۾ موجود مريض ۽ انهن جا ملازم متاثر ٿيا. حادثي کان پوءِ ريسڪيو

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

فيض گنج لڳ پنهيرا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو، ست ڄڻا زخمي

ڳوٺ علي بخش پنهيرو واسي ڌرين ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي عبدالمجيد، عبدالله، عبدالڪريم، ثناءُ الله ۽ ٻين کي اسپتال نيو ويو

فيض گنج (ن ع) فيض گنج ڳوٺ علي بخش پنهيرو ۾ زميني تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو 7 ڄڻا زخمي اڪري چوڊگي ٿاڻي جي حد ڳوٺ علي بخش پنهيرو ۾ پنهيرا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو لٺين ۽ ڪهاڙين لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا 7 ڄڻا زخمي ٿي پيا زخمين کي فيض گنج جي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي زخمين ۾ ۾ هڪ ڌر جا 6 ڄڻا

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي ويجهو سوزوڪي پڪ اپ ۽ رڪشا ۾ ٽڪر سبب عورت فوت، مڙس سميت 5 زخمي

بچل واٽر وٽ پيش آيل حادثي ۾ 35 ورهين جي جيٽي زال نارائڻ ڪولهي ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو

حادثي ۾ زخمي 5 ڄڻن ۽ لاش کي اطلاع تي پوليس ۽ علائقي واسين ڪٺائي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، زخمي نارائڻ کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد ريفر ڪيو ويو

گولاڙچي (رپورٽ: امان ميمڻ) گولاڙچي لڳ بچل واٽر وٽ سوزوڪي پڪ اپ ۽ رڪشا ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 35 سالا جيٽي

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

take action
Every Protection

پشاور: هڪ ناري بورڊ تي پنهنجا تاثرات لکي رهي آهي

پيرڳوٺ ويجهو وڏيري کان ڦرلٽ جا جوابدار گرفتار ڪرڻ خلاف احتجاج

مظاهرين نسيم احمد ابڙو غلام مهدي ابڙو سيد منصور علي شاهه ۽ ٻين احتجاج ڪيو

نسيم ابڙو کان روڪ رقم ۽ سامان ڦريندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي

گمبٽ (ت.) پيرجوڳوٺ لڳ ڪانهر موڙ اسٽاپ پرسان وڏيرو نسيم احمد ابڙو ٻين کان هٿياربند ڦورن پاران يرغمال بڻائي روڪ رقم موبائل فون لائسنس وارو پسٽل ڦر ڪندڙ جوابدار هڪ مهينو گذرڻ باوجود گرفتار نه ٿي سگهيا جڏهن ته ڦر واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ وڏيرو نسيم احمد ابڙو غلام مهدي ابڙو سيد منصور علي شاهه راشدي سيد مسعود شاهه راشدي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پيرجوڳوٺ جي اناج منڊي وٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن جو چوڻ هو ته وڏيري نسيم احمد ابڙو ۽ ٻين کان هٿياربند ڦورن 6 موبائل فون 3 لکن کان وڌيڪ روڪ رقم ۽ لائسنس وارو پسٽل ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا جنهن واقعي کي هڪ مهينو گذري ويو آهي پر هن وقت

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

احمدپور ويجهو عورت جو رئو موٽر سائيڪل ۾ ڦاسڻ سبب چار ڄڻا زخمي

پيرڳوٺ لنڪ روڊ تي حادثي ۾ زخمي ارم، علي رحمان، محسن ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

گمبٽ (ت.) احمدپور لڳ ڳوٺ وسطڙا جي رهواسين سان احمدپور - پيرڳوٺ لنڪ روڊ تي حادثو پيش آيو آهي حادثي دوران عورت جو رئو موٽر سائيڪل جي چين ۾ اوچتو ڦاسڻ سبب عورت ارم وسطڙو سندس معصوم ٻار علي رحمان ۽ ٻن مردن محسن وسطڙو ۽ برڪت وسطڙو سميت چار ڄڻا موٽر سائيڪل تان ڪرڻ سبب سخت زخمي ٿي پيا آهن زخمين کي پير جو ڳوٺ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي جتي سندن علاج جاري آهي

گولاڙچي ويجهو گوني ۾ ٻڏي ويل جيٺمل ڀيل جو لاش ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ هيٺ ڪري ورتو

گولاڙچي(ن ع) گوني ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿيل 16 ورهين جي جيٺمل ڀيل جو لاش ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت صبح جو ڳولي ڪڍي ورتو لاش کي ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال گولاڙچي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڪيرو ۾ ڪاهي واسي ڳوٺاڻي جو گهر تي حملي ۽ تشدد ٿيڻ خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

ڪيرو(ن ع) ڪيرو ويجهو ڪاهي شهر جي رهواسي واحد بخش ولد مهران مري ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي ۽ ڏانهيندي چيو ته مون جي گهر تي ڪاهه ڪري اظهر ارسلان حملو ڪري رقم کڻي ويا هن چيو ته مون تي مزاحمت تي مون تي تشدد ڪيو ويو جنهن جي رپورٽ ڪاهي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي هن چونڊيل نمائندن پوليس جي

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

راڻيپور واسين جو شهري کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦرلٽ خلاف ٿاڻي آڏو احتجاجي ڌرڻو

بوڏلہ روڊ نجي اسڪول پرسان 4 موٽرسائيڪلن سوار هٿياربند شهري عبدالعزيز عباسي کان ڦرلٽ ڪري فرار ٿي ويا

واقعي خلاف ايڊووڪيٽ اسد علي راڄپر، توقير چاچڙ، عبدالعزيز راجپر ۽ جي اڳواڻي ۾ ٿاڻي آڏو ڌرڻو هنيو

ايس ايڇ او جوابدارن جي گرفتاري ۽ سامان واپسي لاءِ هڪ ڏينهن جي مهلت وٺي احتجاج ختم ڪرايو

راڻي پور (رپورٽ: عبدالخالق گلال) راڻيپور ۾ ڦر جي واردات، نامعلوم هٿياربند ٽئين موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ڦري ڪري فرار شهرين جو ٿاڻي جي مين گيٽ آڏو احتجاجي مظاهرو هڪ ڏينهن جي مهلت

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ بلڊنگ جي ٽائين منزل تان هيٺ ڪرڻ سبب55 سالن جو شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ آءِ آءِ چند ريگر روڊ جي ويجهو بلڊنگ جي ٽائين منزل تان اوچتو ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 55 سالن جو شخص ظفر مسيح ولد حيدر مسيح فوت ٿي ويو آهي متوفي جو لاش ڇيپا ايمبولينس جي ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

لاهور: هڪ سائيڪل تي نوجوان پکين جا آکيرا وڪرو ڪري رهيو آهي

Dr Qadir Magsi
Chairman Sindh Taraqi Pasand Party
@Hosted by
Online Indus Media Forum
8 October 2026
04:00pm

حيدرآباد: آنلائن انڊس پاران ڪرايل مذاڪري کي ڊاڪٽر قادر مگسي خطاب ڪندي

ٿرڪول بلاڪ ون جي پاور پلانٽ ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سبب باهه، ٻه پورهيت سڙي مرڻينگ

ڳوٺ پاري جو تڙ واسي پورهيت صحبت خاصخيلي ۽ مٺي واسي جڳ ڪمار سوٿهڙ سخت زخمي ٿي پيا

ٻنهي پورهيتن کي ڳڀتي جوڳي حالت ۾ وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو

اسلام ڪوٽ (ن ع) ٿرڪول بلاڪ ون جي پاور پلانٽ ۾ سلينڊر ڦاٽڻ سبب اوچتو باهه لڳڻ جي نتيجي ۾ ٻن پورهيتن جي سڙي سخت زخمي ٿيڻ جو واقعو پيش آيو آهي. ذريعن موجب باهه جي واقعي ۾ ڳوٺ پاري جو تڙ واسي پورهيت صحبت خاصخيلي ۽ مٺي واسي جڳ ڪمار سوٿهڙ سخت زخمي ٿي پيا، جن کي شروعاتي طبي امداد لاءِ مٺي اسپتال منتقل ڪيو ويو. ڊاڪٽرن موجب ٻنهي پورهيتن جو جسم سخت سڙي ويو آهي هڪ پورهيت جو لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو ۽ ٻئي جو 50 سيڪڙو جسم سڙيل ٻڌايو وڃي ٿو ٻنهي جي حالت

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ايپڪس ڪميٽي جو اجلاس ڏوهارين ۽ غيرقانوني سرگرمين خلاف ڪارروائيون تيز ڪرڻ جو حڪم

ڊپٽي ڪمشنر غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ امن امان جو جائزو ورتو ويو

هاءِ ويز تي گاڏين جي چيڪنگ، غيرقانوني يوٽرن ختم ڪرڻ ۽ ٽريفڪ قانونن تي سخت عمل جو حڪم

غير رجسٽرڊ مدرسن، ڪٽڪ ذخيره اندوزي، بجلي چوري ۽ ڪنڊا مافيا خلاف ڪارروائين سخت ڪرڻ جي هدايت

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) نيشنل ايڪشن پلان تحت قائم ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن اپيڪس ڪميٽي جو اهم اجلاس ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري جي صدارت هيٺ ڊي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ ماتلي واسي جو ڪوڙن ڪيسن جي خاتمي ۽ تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ڪوڙن ڪيسن جي خاتمي جاتي ۽ مالي تحفظ ۽ بااثر ماڻهن خلاف ڪارروائي جي مطالبي لاءِ ماتلي واسي ارشد بوزدار جو ڏگهڙي پريس ڪلب تي احتجاج ڏگهڙي پريس ڪلب تي ڳوٺ علي محمد بوزدار تعلقو ماتلي ضلع بدين جي رهواسي ۽ زميندار ارشد بوزدار احتجاج ڪندي وزيراعليٰ سنڌ، اعليٰ اختيارين ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

دادو پوليس پاران خون جي ڪيسن ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ميهڙ(ن ع) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي ايڪٽو ۽ روپوش ڏوهارين خلاف دادو پوليس جون ڪارروايون جاري آهن ڪاميابا ڪاروائين دوران ايس ايڇ او ميهڙ اي سيڪشن جي اڳواڻي ۾ پوليس مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري ڊبل مرڊر ۽ ڪوشش خون جي ڪيسن ۾ گهربل ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سکر واسين جو نجي بينڪ عملي جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي شهرين ايم سي بي بينڪ بئراج روڊ برانچ خلاف بينڪ جي مين گيٽ اڳيان احتجاج ڪري بينڪ جي عملي خلاف زوردار نعري بازي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ڏينهن ڏٺي جو گهر تي ڪاهه، 50 لکن کان وڌيڪ ماليت جي ڦرلٽ

پاڪستان چوڪ وٽ واپاري ٽلسي داس ديوان جي گهر ۾ هٿياربندن چڙهائي گهرڀاتين کي يرغمال بڻايو

جوابدار سونا زيور، ڪيش رقم ۽ موبائيلون ڦري فرار ٿي ويا، پوليس پاران جاچ شروع

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد پاڪستان چوڪ ۾ ڪاروباري شخصيت ٽلسي داس ديوان جي گهر ۾ نامعلوم ڦورو گهر ۾ داخل ٿي گهرڀاتين کي هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري سونا زيور، ڪيش رقم ۽ موبائيلون ڦري فرار ٿي ويا اطلاع تي اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ تفصيل معلوم ڪيا ان موقعي تي ٽلسي داس ماما رتن لال ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان گهر ۾ ويٺا هئاسين ته گهر ۾ هڪ عورت ۽ 2 مرد داخل ٿيا جن هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري سونا زيور.

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: ڊپٽي ميئر سلمان عبدالله مراد ڪي ايم سي آفيس ۾ لڳل بليڊ ڊونيشن ڪيمپ جو دورو ڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس ۾ مبينا ڪرپشن جون شڪايتون

عورتن کان ڪارڊ سروي جي نالي تي هزار کان ٻه هزار رقم وصول ڪئي وڃي ٿي: شهري

معاملن جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

خيرپور(ڊ)خيرپور ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيس ۾ مبينا ڪرپشن جون شڪايتون، بيواهه عورتن کان سروي جي نالي تي رقم وٺڻ جو انڪشاف بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي لاڳاپيل آفيس ۾ مبينا طور ڪرپشن ۽ غيرقانوني وصولين جون شڪايتون متاثر عورتن ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته بيواهه ۽ غريب عورتن کان ڪارڊ سروي جي نالي تي مبينا طور هڪ هزار کان ٻه هزار رپيا تائين رقم وصول ڪئي وڃي ٿي شڪايت ڪندڙ عورتن جو چوڻ آهي ته عملو اسان کان پيسا وٺي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته مهنگائي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ ذهني معذور نوجوان سان جوابدارن پاران مبينا بدفعلي جي ڪوشش، هڪ گرفتار

وارڊ نمبر هڪ ۾ 21 ورهين جي فرحان خاصخيلي سان جوابدار نديم مغل بدفعلي ڪوشش ڪئي

پوليس نوجوان جي والد رسول بخش جي فرياد تي ڪيس داخل ڪري جوابدار کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي جي وارڊ نمبر هڪ ۾ 21 ورهين جي (اسپيشل) نوجوان سان مبينا بدفعلي جي ڪوشش جي الزام هيٺ ڏگهڙي پوليس هڪ شخص خلاف ڪيس داخل ڪري ڪيس گرفتار ڪري ورتو تفصيل

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ زرعي توسيع کاتي ڊيپوٽيشن تي ٻئي کاتي جي آفيسر جي مقرري خلاف مظاهرو

آفيسرن ۽ ملازمن پاران ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي ڊيپوٽيشن تي مقرري خلاف احتجاج ڪيو ويو

کاتي جي سينيئر آفيسرن کي نظرانداز ڪرڻ سپريم ڪورٽ جي فيصلي جي ڀڃڪڙي آهي: اڳواڻ

ڪوٽڙي (ن ع) زرعي توسيع کاتي ڄامشورو جي آفيسرن ۽ ملازمن پاران ڊائريڪٽر جنرل جي عهدي تي ڊيپوٽيشن تي ٻئي کاتي جي آفيسر جي مقرري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جي اڳواڻي ايڊيشنل ڊائريڪٽر زراعت ڄامشورو ڊپٽي ڊائريڪٽر منظور برڙو عاصر اقبال امتياز ٿيبو ۽ حاڪم سيال ڪري رهيا هئا مظاهرين احتجاج ڪندي سخت نعريبازي ڪئي. اڳواڻن چيو ته سنڌ حڪومت پاران زرعي توسيع کاتي حيدرآباد جي ڊائريڪٽر جنرل واري عهدي تي ريسرچ ڊپارٽمينٽ جي مظهرالدين ڪيريو کي اضافي چارج

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: زخمي شخص کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

سيوهڻ ويجهو پٽڙي ڪراس ڪندڙ ذهني معذور نوجوان ٽرين جي ٽڪر لڳڻ سبب مرڻينگ

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ ويجهو لال باغ پرسان موهن جو دڙو ايڪسپريس ٽرين جي ٽڪر لڳڻ سبب پٽڙي ڪراس ڪندڙ ذهني معذور نوجوان وسيم ولد محمد رمضان پنڌ زخمي ٿي پيو نوجوان ٻوڙو ۽ گونگو آهي جيڪو پنهنجي گهر طرف وڃي رهيو هو ته ريل جي پٽڙي ڪراس ڪندي ساڻس اهڙو حادثو پيش آيو هوڏانهن زخمي نوجوان کي ايمرجنسي وارڊ ۾ طبي امداد

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪوئيٽا: هڪ دڪان تي ڪمبل وڪرو ڪيا پيا وڃن

گولاڙچي ۾ عائيشه فيلڊ واري رستي جي مرمت نه ٿيڻ خلاف رهواسين جو ڌرڻو

رهواسين ملڪ اختر نياز ڏانڏل، اصغر پناڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڳرين گاڏين جي آمدرفت کي نظر ۾ رکندي رستي کي پائيدار بنيادن تي تعمير ڪيو وڃي

گولاڙچي(ن ع) گولاڙچي پرسان عائيشه فيلڊ واري رستي جي ڊگهي عرصي کان مرمت نه ٿيڻ خلاف ڳراڙي جي سوين رهواسين احتجاج ڪندي روڊ بند ڪري ڌرڻو هڻي ڇڏيو ملڪ اختر نياز ڏانڏل ۽ اصغر پناڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ڌرڻو جاري آهي جڏهن ته مظاهرين پاران رستي تي احتجاجي ڪيمپ پڻ قائم ڪئي وئي آهي مقامي رهواسين جو چوڻ آهي ته عائيشه فيلڊ واري رستي تان فيلڊ جون وڏيون گاڏيون ۽ سي اين جي جا ٽينڪر روزانو اچ وڃ ڪن ٿا. عائيشه فيلڊ مان سي اين جي ڀريل ٽينڪر سڄي سنڌ جي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ريلوي انتظاميا جي زيادتين خلاف رهواسين جو احتجاج

واري ٿڙ، آدم شاهه ڪالوني ۽ ريتي لائين جي رهواسين احتجاج ڪيو

ٿورن ڏينهن جي نوٽيس تي گهر خالي ڪرڻ مشڪل آهي، انصاف ڪيو وڃي: مظاهرين

سکر(بيورو رپورٽ) واري ٿڙ آدم شاهه ڪالوني ۽ ريتي لائين جي رهواسين مردن ۽ عورتن ريلوي انتظاميا ۽ پوليس جي مبينا زيادتين، گهرن مان بي دخل ڪرڻ ۽ نوٽيس جاري ڪرڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين ريلوي انتظاميا خلاف سخت نعريبازي ڪندي مطالبو ڪيو ته ڏگهي عرصي کان آباد غريب خاندانن کي بي دخل ڪرڻ وارو

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

سکر ويجهو ٽائر ساڙڻ ۽ پائرولائسز پلانٽس جون اٺن کان وڌيڪ غيرقانوني فيڪٽريون قائم

اروڙ ۽ پٽڻي وارن علائقن ۾ زهريلي دونهين ۽ بدبو سبب ڪيترائي ڳوٺاڻا مختلف بيماري ۾ وڪوڙجي ويا

لاڳاپيل ماحولياتي ادارن ۽ پوليس جي خاموشي سبب فيڪٽريون بنا ڪنهن خوف جي هلي رهيون آهن: رهواسي

غيرقانوني پائرولائسز پلانٽس خلاف فوري ۽ بنا ڪنهن فرق جي ڪارروائي ڪري بيمارين کان بچايو وڃي

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت پاران ٽائر ساڙڻ ۽ پائرولائسز پلانٽس خلاف پابندي باوجود سکر جي اروڙ ۽ پٽڻي وارن علائقن ۾ مبينا طور اٺن کان وڌيڪ غيرقانوني ٽائر ساڙڻ ۽ پائرولائسز پلانٽس سرگرم هجڻ جو

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايئرپورٽ روڊ تي گٽر جو پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.